
ادبي گل ڦل

جيتو لالواڻي



ادبي ڳُل ڦُل

(تحقيقي مقالا - اِنٽرويو)

جيٺو لالواڻي

2020

37، آدتيه بنگلوز،
پريم پرڪاش آشرم،
ڪوٽرپور روڊ،
پوسٽ : ڪبيرنگر، احمدآباد- 382340.
Mo. : 9879563312-635613163

(راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد نيو دهليءَ
جي مالي اِمداد سان شايع ٿيل)

فهرست

ادبي گُل ڦُل

(تحقيقي مقالا - اِنٽرويو)

ليکڪ : جيٺو لالواڻي

سال : 2020 ڇاپو : پهريون ڪاپيون : 500

قيمت : 400-00 رپيا

ائڊريس : 37، آدتيه بنگلوز، آواس پارڪ، پريم پرڪاش آشرم،
ڪوٽرپور روڊ، احمدآباد-382340.
موبائيل : 09879563312 فون : 09409672225

ٽائيپ سيٽنگ : مهيش لالچنداڻي

ڇپيندڙ : اسڪين ڪمپيوٽرس
پاٽيا، نروڙا روڊ، احمدآباد382340.
موبائيل : 9327007002

ISBN No. : 978-81-945520-5-5

ADBI GUL FUL

(Literary Research Papers & Interviews)

Writer : ***JETHO LALWNI***

Price : Rs. 400/-

Year : 2020

ISBN No. : **978-81-945520-5-5**

Published by : **Jetho Lalwani**
37, Aditya Bunlowsm Awas Park,
Prem Prakash Ashram, Kotarpur Road,
Ahmedabad-382340.
Mo. : 09879563312-6356183163
E-mail:jetholalwani@gmail.com
web : www.jetholalwani.com

Composed by : **Mahesh Lalchandani**

Printed by : **Scan Computers** Patia, Naroda Road,
Ahmedabad-382340.
(M) : 9327007002

(Published with finanicial Aid of NCPSL, New Delhi)

ويندي آهي. ڪڏهن ڪهاڻي ۾ حقيقت جي وچڙ ڪا سوکيم ڏور هوندي آهي. ڪڏهن ڪو اڻلکو آڌار هوندو آهي. حياتيءَ جون ڪي گذريل گهٽنائون اسان جي سڄاڳ يا اسڄاڳ من جي تهن هيٺان دٻيل حالت ۾ هونديون آهن. ڪنهن وقت به پڙڪو ڪائي اُڀنديون آهن ۽ ڪهاڻي ساڪياتڪار بڻجي پوندي آهي. اِهو به سچ آهي ته جيترا واقعا جهونا هوندا آهن اوتري ئي رچنا، رچيل ۾ حقبازي يا پريپڪو بڻجندي آهي. پر هتي مان توهان کي گذريل ٻن ڏينهن جا واقعا ٻڌايان ٿي جيڪي گجرات ساهت اڪادميءَ جي وائيس چيئرمين جي گهر ٿيا هئا. واقعن ٻڌڻ کان پوءِ توهان کي ڪنهن به پهلوءَ کي وٺي هڪ سنو راءِ ڪهاڻي لکڻي، اها يلي Published هجي.

انت ۾ مان انهن واقعن تي آڌارت لکيل، پنهنجي ڪهاڻي پڙهندس.

ٻن ڏينهن ۾ ٿيل سچا واقعا

اسان کي هن ورڪشاپ لاءِ ڇنڇر 11 آڪٽوبر مائونٽ آبوءَ پهچڻو هو. پوني مان اسين ٻه ڄڻا آيا هئاسين، چار لعلواڻيءَ جي گهر جا ڀاتي هئا (ٻه وڏا ۽ ٻه ٻار) ۽ باقي ٻيا پنج ڄڻا- ڪل ملائي ٻارهن ڄڻن کي احمدآباد کان مائونٽ تائين سفر ڪرڻو هو. ٽئڪسيءَ ۾ سفر ڪرڻ ممڪن ڪونه هو. مسافرن جي تعداد سبب. چيني لعلواڻي هڪ ڏينهن اڳ ساگر ٽراويلس کي مئٽاڊور (Matadoor) لاءِ فون ڪيو. جواب مليس ته ان ڏينهن ڪابه مئٽاڊور خالي ڪانه هئي. ڪيماڻي ٽراويلس کي فون ڪرڻ تي به هن کي ناڪامي ملي. ٻاڙو 2400 رپيا ۽ سيٽون ڏه ڏهه. ساگر ٽراويلس کي وري فون ڪيائين، ''پائي لگزري ڪوچ ڏيو.'' ''رڳو پنج سيٽون آهن باقي ڇهن کي موڙهن تي ويهاريو ۽ هرهڪ سيٽ جا 80 رپيا.'' هن چيس ''نه... موڙهن تي ڪونه ويهي سگهنداسين.'' چينو لعلواڻي اِسڪوٽر ڪٽي ايس. ٽي. بس اِسٽئنڊ تي ويو ۽ ٻين ٽراويل ڪمپنين ۾ ڌڪا کاڌائين. ڪجهه نه وريو.

نيٺ فيصلو ٿيئو ته ٽرين ۾ هلنداسين. فرسٽ ڪلاس جون ٽڪيٽون ڪٽي ورتيون. پر صبوح ساڍ پنجن ڄڻن بدران رڳو ٻه ڄڻا آيا. ليلارام رچنداڻي ۽ موهن لال. اِئين ڪل ملائي ٿياسون ڇهه وڏا ۽ ٻه ٻار.

اسٽيشن تي زالن ٻارن کي فرسٽ ڪلاس ۾ ويهاري مرد ٽڪيٽون وٺڻ ويا. وري ڊوڙندا آيا. ''سڀ سيٽون بوڪ ٿي چڪيون آهن لهو هيٺ، هلو سيڪنڊ ڪلاس ۾.'' وري سامان لاهي ڊوڙون پائيوسين ۽ گپاگيهه ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ چڙهياسين. ساڍن چئن ڪلاڪن جو سفر تڪليف‌ديهه هو.

وري آبو روڊ بس اِسٽاپ تي مائوٽ آبو وڃڻ لاءِ جيپ ئي نه ملي. بس

پيومڪا

چيتني لالواڻيءَ کي مان پندرهن سالن کان سڃاڻان. هوُ عالم ته آهي ئي (هن وقت ڊاڪٽر آهي) ڪلاڪار آهي، اِسٽيج ڪلاڪار آهي، ليکڪ آهي ته سرڪاري عملدار به آهي. گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ تي سالن کان اهم عهديدارن مان هڪ تي رهيو آهي. ان سان گڏ هوُ سهج سڀاءَ وارو، نهٺو، دل جو سچو، سنڌيت وفادار ۽ قربدارشخص آهي. مان احمدآباد ۾ ٻن ڏهن ڪان وڌيڪ، هن جي گهر وڃي ٽڪي آهيان، هڪ دفعو ته پنهنجي پٽي وشنو شهاڻيءَ سان گڏ. هن جي مهمانوازيءَ مان سنڌيت جي سُڳنڌ ايندي آهي. نه رڳو هوُ پاڻ پر سندس شريڪ حيات جوتي، تمنا سندس ڪڪي ۽ ڪڪو راڪيش اسان سان بلڪل گهر جي ڀاتين وانگر پيش ايندا آهن. خاص ڪري تمنا ۽ وشنوءَ جو ان وقت اهڙو پيار ڀريو رشتو جُڙجي ويو جنهن جو ڪو نالو ئي ڪونه ٿيندو آهي. تمنا ان وقت ڇهن ستن ورهين جي مس هئي ۽ هر وقت دادا دادا ڪري پيئي ڦرندي هئي. هوءَ سالن تائين وشنوءَ کي خط لکندي رهي.

اسان کي آڪٽوبر 1988ع گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ پاران مائونٽ آبوءَ واري ورڪشاپ تي دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو جنهن مون کي نون ليکڪن جي اڳيان ڪهاڻي لکڻ جي ڪلا جي باري ۾ ڳالهائڻو هو. اسين احمدآباد ۾ هنن جي گهر وڃي لٿا هئاسين، جتان اسان کي گڏجي مائونٽ آبوءَ وڃڻو هئو.

مائونٽ آبو پهچي، مون اُتي پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهه نوٽس لکيا هئا جن جو اِستعمال مان هن شبد رچنا ذريعي ڪريان ٿي. جيتري قدر مونکي ياد آهي، ورڪشاپ تي مونکي اُنهن نوٽس جي ضرورت ڪانه پيئي هئي يا ان جو وقت نه مليو هو.

اسين گهڻو ڪري، آڪاٽيون جيون ۾ ٿيندڙ گهٽنائن مان ئي ڪٽندا آهيون. ڪڏهن مرڪزي ويچار ته ڪڏهن جيون ۾ ٿيندڙ اتفاق. مان ڪو نه ڪو نقطو، ڪڏهن ڪا خسيس ڳالهه هوندي آهي صفحي تي ڪهاڻي ٻڌجي

”تہ پوءِ ڪاٿو ڏڪا.“

”ڏڪا ڇو ڪائيندا سين؟ مان سپاٽي ئي ٽراويل ايجنٽ کي فون تو ڪريان، بندوبست ٿي ويندو.“

ٻئي ڏينهن ڪيترن فون ڪرڻ کان پوءِ، ٽراويل ايجنٽ وٽ ڏڪا کائڻ جي باوجود، ٽڪيٽون نہ مليون. بسون سڀ فُل. ايٽري قدر جو ايس. ٽي. بس ۾ بہ جڳهہ ندارد. ميٽاڊور ۾ رڳو ڏهہ سيٽون. يارهون ڇٽو ڪيڏانهن ويندو؟ لعلواڻي هارايل حالت ۾ گهر موٽي آيو.

”مون توهان کي ڪيڏو چيو تہ بوڪنگ اڳواٽ ڪرايو. پر توهين ٻڌو ڇو ٿا؟“

”ٺيڪ آهي، ٽرين ۾ هلنداسين، ٽرينون تہ آهن نہ؟ فرسٽ ڪلاس ۾ پاڻ مزي ۾ هلي پهچنداسين. سيني کي چوان ٿو تہ صبوح ساڻ اسان وٽ اچو.“

صبوح ساڻ رڳو ليلارام رچنداڻي ۽ موهن لالا بہ ڄڻا پهچن ٿا.

”هنسراج ۽ بيا ڪٿي آهن؟“

”هنن خيال لاهي ڇڏيو.“

رڪشائن ۾ ويهي بس اسٽيشن تي پهتاسين. جوتي گهوٽ کي ڇئي رهي هئي. ”هن کي اسان سان نہ هلڻو هو تہ اسان کي اڳ ۾ ڇئي ڇڏين ها.“

”هاڻي اهو سڀ چوڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جيڪو ٿيو سو تہ ٿي چڪو.“

فرسٽ ڪلاس ۾ بہ جڳهہ نہ ملي. سڄي گاڏي پري پيئي هئي. سيڪنڊ ڪلاس ۾ چڙهي پياسين. بہ ڄڻن جيئن تيئن ويهي رهيون. باقي مردن کي سمورو وقت بيهڻو پيو.

اسين مائونٽ آبوءَ جي جيپ لاءِ سوار ٿي رهيا هئاسين تہ هڪ ٽئڪسي اچي اسان جي سامهون بيٺي.

”اڙي هن ۾ تہ هنسراج پنهنجي ساٿين سان ويٺو آهي.“ جيوتيءَ چيو.

”توهين هتي؟“ لعلواڻيءَ تعجب وچان پُڇيو.

”اسان خيال ڪيو تہ يارهن ڄڻا هڪ ٽئڪسيءَ ۾ ڪيئن ماپي سگهنداسين. ان ڪري اسان الڳ ٽئڪسي ڪئي.“

”پر اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ٻڌايو تہ ها!“ جيوتيءَ تيز لهجي ۾ چيو.

”اسان توهان کي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر فون بزي هو.“

”پائي اِها سمجهاڻي ڪافي ناهي.“

جيپ جي انجڻ جي شور ۾ جيئني لعلواڻيءَ جو آواز گم ٿي ويو.

- ريتا شهاڻي

جي ٽڪيٽ لاءِ لنبي لائين. لعلواڻي کيوُ ۾ بيٺو، مس مس ڪري بڪنگ جي دريءَ تائين پهتو ته اُن وقت لالا کي جيپ ملي ويئي. هوُ پنهنجي جڳهه ڇڏي جيپ ڏانهن وڌيو ته ٻيو ڪو مسافر وڌيڪ پئسا ڏيئي جيپ ۾ روانو ٿي ويو. جيني کي وري نئين سر ڪيوُ جي پڇاڙيءَ ۾ بيهڻو پيو ۽ هڪ ٻيو ڪلاڪ اِنتظار ڪرڻو پيو. بس جون ٽڪيٽون ملڻ بعد وري اسان کي جيپ ملي ويئي ۽ اسين اُن جيپ ۾ سوار ٿي وياسين. اسين جيپ ۾ هئاسين ته اُنهن ٽن ڄڻن کي جيڪي اسان سان اڇڻا هئا نه آيا اُهي، هڪ ٽئڪسيءَ ۾ ويندا ڏٺوسين. هاڻي انهن واقعن کي وٺي، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ آڪاڻيون ٺهي سگهن ٿيون.

سڀ ٺيڪ ويندو-چنتا ڇا جي؟ (ڪهاڻي)

”توهان به ڪمال ڪئي آهي! آبو هلڻ ۾ باقي به ڏينهن بچيا آهن اڃا لگزري بس ۾ بُڪنگ نه ڪرائي اٿوَ.“

”اڙي سڀ ٺيڪ ويندو- تون چنتا ڇا جي ٿي ڪرين؟“

”ٺيڪ ڪيئن ويندو؟ توهان کي خبر ناهي ڏياريءَ جي موڪلن ۾ ڪيڏي ڀيڙ ٿيندي آهي خاص ڪري مائونٽ آبوءَ لاءِ ته مارا ماري لڳي پيئي هوندي آهي.“

”تون ڪو خيال نه ڪر. وڏ ۾ وڏ ٽئڪسيءَ ۾ هلنداسين.“ اسين ڇهه ڄڻا ته آهيون- چار وڏا ۽ ٻه ٻار. آرام سان ٽئڪسيءَ وارو گهر مان وٺي ويندو ۽ اُتي گجرات ڀون جي در تي لاهيندو.“

”ٺل اِئين ئي ٿئي، پر مونکي اُميد گهٽ ٿي لڳي.“ جوتيءَ پنهنجي پتي لعلواڻيءَ کي چيو.

اوچتو فون جي گهنٽي وڳي. لعلواڻيءَ چوغو کنيو، ”هيلو... ڪير؟ توهين به اسان سان گڏ هلڻ ٿا چاهيو؟ يلي... ڇو نه؟... جيترا گهڻا ڄڻا هونداسين، وڌيڪ مزو ايندو... ها، ها سنو... مان سڀ بندوبست ڪندس.“

”ڪنهن جو فون هو؟“ جوتيءَ پڇيو

”هنسراج پنجابيءَ جو... هوُ به هلڻ ٿا چاهين اسان سان. گڏ پنج ٻيا- ڪل ملائي يارهن ٿينداسين. اهو ته سٺو ٿيو.“

”هاڻي ٽئڪسيءَ ۾ ڪيئن هلي سگهنداسين؟“

”ها، برابر ٽئڪسيءَ ۾ ته ڪونه هلي سگهنداسين.“

”توهان اِنڪار ڇو نه ڪري ڇڏيس.“

”اِنڪار ڪيئن ڪندس؟ جوابداري ته سڄي منهنجي آهي نه؟“

سيني هنڌ هيءُ شخص آهي. ڪوبہ ڪيتر هن باقي نہ ڇڏيو آهي. ها، مان اُن ڄيٺي لالواڻيءَ، ڊا. ڄيٺي لالواڻيءَ بابت، هن جي جدا جدا ڪيترن ۾ کيل ڪمن جي حوالي ۾ توهان سان مخاطب آهيان. ممڪن آهي، تہ توهان مان ڪِن يا ڪيترن ڄيٺي لالواڻيءَ کي پڙهيو بہ هجي يا ڏٺو بہ هجي يا ماڻيو بہ هجي يا سمجهيو بہ هجي. ممڪن نہ، پر پڪ آهي تہ توهان سڀ هن کي ڪنهن نہ ڪنهن رول ۾ پڪ سُڃاڻو.

ڊا. ڄيٺي لالواڻيءَ جي شخصيت ۽ ساهتيہ تي وستار سان ڳالهايان، اُن کان اڳ هن جي ساهتيڪ ۽ سيپتڪ دنيا کان توهان حاضرين کي واقف ڪرڻ تو چاهيان.

ڇپيل ڪتاب :

ڪهاڻيون : ماضيءَ جا ڏنڌلا عڪس، پوسٽ مارٽم، ردي. **ناٽڪ :** تنهنجا غم منهنجا آهن، آخرين سنڌي. **ريڊيو ناٽڪ :** حادثو. ريڊيو روپڪ : اوپاريون لهواريون. **ريڊيو سيريل :** پينڪر پنجو. **فلم اِسڪرپٽ:** پيار جا رنگ. **مضمون :** ويچار، ادبي ويچار، ادبي رهاڻ. **قومي مضمون:** وطن صدقي. **تندرستي :** ماءُ ۽ ڪٽنبي صحت. **تعليم :** بدني سکيا، بدني تعليم. **ٻال ڪهاڻيون:** ٻليءَ جو صبر، راج پٽ جو راهي، ڪتابي ڪيڙو. **ٻال ناٽڪ :** ترنگي روشني، مُڇر مامو. **وگيان :** آڪاشي ياترا. **فلمي هستين جا اِنٽرويو :** فلم اِسٽار. **سنتن جي واڻي :** سنت ساهتيہ. **ناٽڪ ڪلا :** ناٽڪ ۽ رنگ منچ، سنڌي ناٽيہ درشن. **لوڪ ادب :** ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب، ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت، سنڌي فوڪ لور، اسان جو ورثو، سنڌي لوڪ ناٽڪ، سنڌي پروليون، لوڪ مضمون.

انواد : **گجراتيءَ مان سنڌي :** علي بابا گم، جادوئي چدو، قاتل ڪير؟ ۽ ناٽڪ ڪار، ڪنوارن ڪيو ڪمال، ڱُل ٻٽجي اڇجانءِ، پيڙا ۽ احساس، امرت ڪٿائون، شريمان ڦيرو ڦرڪي.

ڪي ڪتاب گجراتي، اُردو ۽ هنديءَ ۾ بہ ڇپيل.

انعام : ساهتيہ اڪادمي-ٻال ساهتيہ ۽ انواد تي. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي- ساهتيہ گؤرو پُرسڪار. گجرات سنگيت ۽ ناٽڪ اڪادمي- گؤرو پُرسڪار (۽ ٻيا ڪوڙ سارا اِنعام).

1. جيون ۽ ڪاريہ :

ڊاڪٽر ڄيٺي لعلواڻيءَ جو جنم 8 مارچ 1945 تي سنڌ جي ڪنڊياري ۾

مُنهنجي من دريءَ مان : ڊا. ڇينو لالواڻي

ڊا. هوندراج بلواڻي

دري، پوءِ ڀلي اُها گهرَ جي هجي يا بس جي يا وري ريل گاڏيءَ جي-
هڪ انوکي چيز هوندي آهي. دريءَ مان ليئو پائي ڪي ماڻهو ٻين جي
گهرن ۾ تاڪ-جهاڪ ڪندا آهن ته ڪي وري دريءَ مان سڄي سنسار جو
لقاءُ ڏسندا آهن. ٻين جي گهرن ۾ تڪڻ يا جهانڪڻ سٺي پاڙيسري يا نيڪ
ناگرڪ هئڻ جي نشاني ڀل نه هجي پر پوءِ به ماڻهو... البت گهر ۾ ويهي
دريءَ جا تاڪ کولي يا بالڪنيءَ ۾ ويهي ٻاهر جي دنيا جو انوکو آنند وٺڻ
جهڙو مزو ئي ڪجهه اوُر آهي.
دريءَ پاڻ دري هوندي به، هميشه دل ۽ من جي درين کي کولڻ جو ڪم
ڪيو آهي. جن دري کولي آهي، تن گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو آهي.
مون کي پنهنجي گهر جي دري کولي، ٻاهر ڏسڻ جي عادت ڪانهي يا
ٻاهر وارا ماڻهو مونکي دريءَ تي بيٺل ڏسن، ان لاءِ دري کولڻ جي عادت به
نه آهي. پر تڏهن به دري ڪڏهن ڪڏهن کليل رکندو آهيان ۽ اِئين دريءَ
مان ٻاهر جي دنيا کي ڪڏهن ڪڏهن ڏسي وٺندو آهيان. مون جڏهن به
دري کولي آهي تڏهن گهڻو ڏٺو ئي آهي. دريءَ مان ڏسجندڙ ماڻهو ۽ نظارا
هرويرو سٺا ئي هجن اِهو ضروري نه آهي. ڪڏهن ڪڏهن ذائقو خراب به
ٿي سگهندو آهي.
اڄ مان دريءَ وٽ بيٺو آهيان. دري بند آهي. چاهيان ٿو، اها کوليان ۽
ٻاهر جي دنيا کي ڏسان. دري کُلي آهي. ٻاهر جو ماحول وڻندڙ آهي. کلڻ
سان ٿڌي هوا جو جهونڪو گهر جي اندر پرويش ڪري ٿو. ٻاهر ڦڙڦڙ چالو
آهي. مؤسم خوشنما آهي. مون کي اهو سڀ وڻي ٿو.
اڄ دريءَ مان هڪ اهڙي شخص جو ديدار ڪرڻو آهي، جيڪو صرف هڪ
ساهتيڪار نه آهي، جيڪو صرف ڪهاڻيڪار، ناٽڪڪار يا لوڪ ادب جو
ابياسي نه آهي پر ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي. دريءَ کان ٻاهر نهاريندي هي
شخص مونکي تمام گهڻو ڦهليل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪاٻي-ساڄي، هيٺ-مٿي

هن جو ساهتيہ ۽ ادب! سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ادب جي ڪهڙي صنف جي صِف ۾ ڪيس بيهارجي. ڪهاڻي، مني ڪهاڻي، مقالا، ناٽڪ، مضمون، شاعري، لوڪ ادب، مُهاڳہ، تنقيد، احوال، سير سفر، جيوني جهڙن وشين تي سندس قلم هليو آهي. ٻال ادب ۾ بہ ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ هن جي حاضريءَ جي ساکہ ڏين ٿا. تعليمي لحاظ کان بہ ايڊس جهڙي بيماريءَ تي هڪ مڪمل ڪتاب، ماءُ جي صحت ۽ ڪتنبي صحت تي ڪتاب، پي.ٽي. جهڙي وشيہ تي شاريرڪ تعليم-بدني سکيا، فلم ڪلاڪارن جا اِنٽرويو، آزاديءَ جي پروانن تي ليکہ ۽ ڪتاب، سنتن مهاتمائن جون جيونيون، سنڌي سيکارڻ جا ڪتاب! ناٽڪ جي کيتر ۾ ناٽڪ ڪار، فلم اِسڪرپٽ رائيٽر، ڪلاڪار ۽ ٻين فرنٽن ۾ حصيداري، اخبار نويسيءَ ۾ 'اسٽيج' رنگہ منچ ۽ ناٽڪن جي مخرن ۽ کيترين اخبارن ۾ ڪالم ۽ ليکہ. اڙي يار، تون ڪٿي نہ آهين؟ تون آهين تہ بہ نظر نٿو اچين، تون نہ آهين تہ بہ نظر ٿو اچين. اهو تنهنجي شخصيت جو ڪمال چئي سگهجي ٿو. هن جي هيترن سارن ڪمن ڪي ڏسي کيترن هن کي لقب بہ ڏنا آهن. 'ڪونج' جي ايڊيٽر نند ڇڳاڻيءَ هن کي 'سُکہ ڦِٽو ڏُنو' چيو آهي، جنهن کي سمهارڻ جي کيتري بہ ڪوشش ڪبي آهي تہ ڪشش ثقل جي قاعدي موجب اُهو ڏُنو وري اُٿي ويهندو آهي. ڪن ڪيس نماڻو ۽ نهڻيءَ وارا بہ سڏيو آهي. پر ڊاڪٽر جيتلي هن جي هيئن ڪٿ ٿو ڪري. جيني لاءِ هوُ چوي ٿو، ''جينو سُڳنن ۾ چاول آهي، اِن ڪري جوش ۽ ڪاوڙ ڪرڻ سندس سڀاءُ جو هڪ مکيہ حصو آهي. جينو پاڻ بہ اِهو قبول ٿو ڪري. 'ڊا. جينو لالواڻي جيون-فن-ڪاريہ' جي ص-141 تي هوُ پاڻ چوي ٿو، ''چون ٿا پاون ۾ چاول ٻار ڪافي غصي وارو، تيسي باز ۽ چڙچڙي سڀاءَ جو ٿيندو آهي... ڪاوڙ، غصو منهنجي سڀاءَ ۾ آهي، مان ان کان اِنڪاري ٿي نٿو سگهان. مان جذباتي بہ آهيان. سچ-ڪوڙ، نياءُ-انياءُ کي سمجهي نہ سگهيو آهيان جو ڪڏهن سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي اٿم. سچ جو حمايتي آهيان، ڪوڙ، غصو ڏياريندو آهي.'' اِهي سڀ خوبيون چئو يا خاصيتون چئو، هن جي شخصيت جو حصو آهن. هونئن جيني لاءِ چيو ويندو آهي تہ هوُ پنهنجي مقصد تي پهچڻ لاءِ ڪندن مان بہ نوان پيچرا ناهي، واٽ ڪڍي وٺندو آهي. جاکوڙي آهي. انهيءَ جاکوڙي جفاڪشيءَ ئي ڪيس ٻنيءَ جهڙي ويران سُنسان علائقي ۾ پهچايو. هوُ اُتان جي ماڻهن سان مليو، وينو، ڪچهريون ڪيون ۽ سنڌي ساهتيہ کي ڏنو ٻنيءَ جو لوڪ ادب. ٻني علائقي

ٿيو. هن جي پتا جو نالو شري ماڌوداس ۽ ماتا جو نالو شريمتي جمناديوي آهي. ڄيڻي جي شروعات جي زندگي ڪافي ڪشٽن ۾ گذري هئي. ڪنهن حد تائين اڄ بہ هوُ ڪشٽن جي پر ۾ بيٺو آهي. اُنهن ڪشٽن کي فيس ڪرڻ جي هن ۾ غضب جي شڪتي آهي. ’غضب‘ لفظ تي مونکي وڏيڪ زور ڏيڻو آهي. صرف سنڌي ادب نہ، صرف سنڌي ڪلا ۽ تعليم نہ پر سموري سنڌي جڳت سان وابسطہ هن جون مشغوليون هميشهہ هن جون ننڍون ڦٽائيندڙيون رهيون آهن. هوُ بہ ڪڏهن آرام سان نہ سمهي ٻين جون ننڍون ڦٽائيندو رهيو آهي. هن جي ڪيل ڪم کي ساراهڻ وارن ۾ هند ۽ سنڌ جي اديبن جي هڪ لنبي فهرست ٺهي سگهي ٿي. ايڏي وڏي فهرست مون اڄ تائين ڪنهن جي نہ ڏٺي آهي. اِنڪري هن جي باري ۾ جيترو لکبو، گهٽ ئي هوندو. هن جو ڪم جيئن اڳيان وڌايو اٿم، تمام گهڻو ڦهليل آهي. هوُ پاڻ بہ گهڻن هنڌ ڦهليل آهي اِنڪري مُنجهي ٿو پوان تہ هن بابت ڇا ڇا ٻڌايان؟ پهرين ماستر، پوءِ گرنٿپال (ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول)، اسسٽنٽ رجسٽرار (گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي)، سيڪريٽري (دهلي سنڌي اڪادمي)، ڊئريڪٽر (اين. سي. پي. ايس. ايل.)، ڪئزيوئل نيوز ريڊر (آڪاشواڻي، احمدآباد)؛ شيوائون : نائب صدر گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي) تعليمي صدر (اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا)، چيئرمن (اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ پرچار سڀا)، پرمکہ (لائنس ڪلب، احمدآباد)، ڊويزنل واردن-سِول ڊفينس، ميمبر (مرڪزي ساهتيہ اڪادمي) ۽ ڊائريڪٽر اين.سي.پي.ايس.ايل.، گجرات وديا پيٺ ۾ سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس ۽ ڪيترين سنسٿائن جي ليٽر پئڊس تي ٻين عهديدارن سان گڏ هن جا نالا ٽجلا ڏيندا رهيا آهن. گهر ۾ ڪي ڏينهن رهڻ کان پوءِ ٻڌگہ هٿ ۾ هوندي اٿس. سڄو هندستان گهميو آهي، تعليمي، ادبي، ڪلچرل ڪانفرنسن ۾ حاضر رهيو آهي ۽ مختلف وشين تي مقالا پيش ڪندو رهيو آهي. سنڌ جو بہ گهڻا ئي دفعا دؤرو ڪري آيو آهي. سنڌ جي سفرنامي تي هڪ ڪتاب ڏنو اٿس- ’موُر نہ وسران سنڌ‘ (2010) ٻيا بہ اڃا رستي تي آهن. اِئين سنڌي ۽ جي جزوي گهوموُ اديبن ۾ هن کي شامل ڪري سگهجي ٿو. ڊا. مرليڌر جيتلي جي چوڻ موجب ’ڄينو گهر نہ وينو‘ چوڻي ساڻس سهُ ، ٻيکڙو لاڳو ٿئي ٿي. هن کي هميشهہ اِئين گهمندو-رتن ڪندو ڏسي ڪڏهن اِئين چوڻ تي دل ٿيندي آهي تہ، ’’ڪُڇ دن تو گذارو گجرات ۾!‘

جيئن اڄ ڪلهه جتي ڪٿي نظر ايندي آهي- پر صحيح جذبي، اُمنگ ۽ ڪٿ جي روپ ۾. 'سنڌي ماتا' ۾ هردوار جي پس منظر ۾ هڪ اهڙي عورت جي ڳالهه ڪئي اٿس، جيڪا سنڌي سنسڪرتيءَ جي علامت آهي. سنڌي ماتا ڪڏهن، ڪٿان هردوار ۾ آئي ڪنهن کي ڄاڻ ڪانهي. هوءَ جهُور ٻُڍي هئي ۽ سدائين اَڇا ڪپڙا پائيندي هئي. گهٽ ڳالهائو، نرليپ، خاموش رهندڙ عورت. فقط ۽ فقط سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي هئي. ايتري قدر جو ڪو هنديءَ ۾ ڳالهائيندو هوس ته اُن کي جواب سنڌيءَ ۾ ئي ڏيندي هئي. (اڄ ڪالهه ته ڪنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهاءِ ته جواب هنديءَ ۾ ملندو آهي.) انهيءَ ماتا جو ڪوبه مائٽ هردوار ۾ ڪونه هو. اِنڪري هن جي ديهانت تي، اُنان جو سنڌي ڳالهائيندڙ پنڊو ڪهاڻيءَ جي مکيه ڪردار کي هانئون گنگا ۾ پروان ڪرڻ جي وينتي ڪري ٿو. 'مان' ڪردار اهو ڪاريه ڪري ٿو. ڪهاڻي هنن لفظن سان، هن سوچ سان پوري ٿئي ٿي : 'جڏهن سڀ وِڌيون پوريون ٿيون، ماتا جي رک، هانيون، گُل پروان ڪرڻ لاءِ مون کي ڇيو ويو ۽ مان جڏهن پروان ڪرڻ لڳس ته سنڌ جو نقشو، سنڌي ٻوليءَ جي سرحاڻ ۽ سنڌيت جا ڀاوَ منهنجي من ۾ ڇانئجي ويا ۽ سوچڻ لڳس ته مان آخر ڇا پروان ڪري رهيو آهيان؟'

'ڪانڌي' ڪهاڻيءَ ۾ به ڪنهن هڪ سنڌيءَ، يا اِئين چئجي ته هڪ سنڌي پانڪ جو ڌرمشالا ۾ موت ٿئي ٿو. ان جو ڪو وارث ڪونه ٿو ملي. پوليس ليکڪ کي گهرائي ٿي. شناخت ڪري ٿي. پانڪ جو ڪو وارث نه ملڻ ڪري ليکڪ اُن کي گهر ڪٽائي اچي ٿو. دوستن، متن مائٽن کي- جڻ ڪو سندس گهر جو ڀاتي مري ويو هجي- ڄاڻ ڏئي ٿو. سَرَ ۽ ٻڳڙين تي اچڻ جي سيني کي عاجزي ڪري ٿو. ڪي ڪيس ساٿ ڏين ٿا ۽ ڪانڌي به بڻجن ٿا. ڌارمڪ وِڌي طور پاٺ به رکايو وڃي ٿو. هانيون ميڙي شمشان ڀوميءَ ۾ رکيون وڃن ٿيون. جن تي ليکڪ 'پانڪ' لفظ لکائي ٿو. اِئين هڪ پانڪ جو موت ٿئي ٿو ۽ ليکڪ جي مجبوري اِها آهي جو انهيءَ جو ڀاڻ پنهنجي هٿن سان انتم سنسڪار ڪري ٿو. ان ريت 'سرحد تي' ۾ به سنڌي آهي جنهن کي سنڌي نه ڄاڻڻ جو افسوس آهي ته 'سنڌڻ' ۾ غيرسنڌي گهر ۾ شادي ڪيل هڪ عورت، شاديءَ بعد به سنڌي سکڻ جي اهميت سمجهي، اُن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ٿي.

هنن ڪهاڻين جو ٻيو پاسو به ڏسون. ڪهاڻين ۾ سنڌيت لاءِ ايترو سارو

۾ اُتان جي ٻوليءَ ۾ جيڪو لوڪ چوڻين، اڳڪٿين، پرولين، ڏٺن، ڏورن، ڳجهارتن، لوڪ ڪٿائن جو ذخيرو موجود آهي، سو چيني پاڻ روبرو اُتي وڃي ڪٺو ڪيو ۽ اُهو سنڌي جاتيءَ کي ڏنو. اِهو اهڙو ڪاريه آهي، جنهن سبب جيڪر هرهڪ ماڻهوءَ جي سنڌس پُني نپرڻ تي دل ٿئي.

چيني لالواڻيءَ جي هيڏي وڏي ڪمنواس بابت، محدود وقت ۾، وستار سان ڪجهه چوڻ يا لکڻ ڪنهن جاکوڙي ڪم کان گهٽ نه آهي. مان ٿوري همت ڪني ٿو ڪريان. پهرين ڳالهه ته هيلٿ، پي. ٽي. ۽ ايڊس وغيره تي لکڻ يا سنت مهاتمائن جي جيوني ۽ سکيائن تي لکڻ اِهي مان لالواڻيءَ جا ساراهه جهڙا ڪم نٿو مڃان. ڇو ته انهن تي لکڻ وارا سنڌيءَ ۾ گهڻا ئي آهن. مان شخصي طور ان راءِ جو آهيان ته اِهي سڀ ايراضيون چيني کي ٻين لاءِ ڇڏي ڏيڻ کپنديون هيون. چيني کي ادب، صرف ادب تي قلم هلائڻ گهربو هو. ادب ۾ به صرف ڪهاڻيون، ناٽڪ، ٻال ساهتيه ۽ لوڪ سنسڪرتي-اِهي چار فرنٽ پڪڙي هلي ها ته انهن فرنٽن تي هن جيترو ۽ جهڙو ڪم ڪيو آهي يعني تعداد ۽ معيار جي خيال کان جيڪو ڪم ڪيو آهي، اُهو اَجايه اُيري سگهي ها. مان چيني لالواڻي جي انهن چئن فرنٽن جي حوالي ۾ تڪ طور ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان.

2. ڪهاڻي :

ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ جي ڪهاڻين جا ڪُل ٽي مجموعا 'ماضيءَ جا ڌُنڌلا عڪس' (1976)، 'پوسٽ مارٽم' (1982) ۽ 'ردي' (2006) ڇپيل آهن. سنڌس هيءُ ڪم Creative آهي، ڪٿنه پيسٽنگ ڪانهي، ڪنهن تان آڌار وٺي لکيل ڪونهي. ٽنهي مجموعن ۾ هن هلندڙ وقت جي حوالي ۾ ئي هرڪو موضوع کنيو آهي. اُنهن سان نباهيو به چڱيءَ طرح آهي. هرڪا ڪهاڻي اڄ جي اِنسان جي منورتيءَ ۾ آيل بدلاوَ، حالات سان ٿيندڙ جدوجهد، رشتن-ناتن ۽ ٻهروپي ٻونگي سماج جو آئينو آهي. هوُ ڪهاڻين ذريعي ڪن مخصوص ڳالهين ڏانهن ڌيان به ڇڪائي ٿو. اها ئي ڪهاڻيڪار طور سنڌس الڳ پهچان آهي. مختلف موضوع هوندي به هوُ سنڌيت جي جذبي کي انهن کان پري نٿو ڪري سگهي. 'ردي' ڪهاڻي سنگرهه جي هرڪا ڪهاڻي انهيءَ نقط-نظر سان ڏسي سگهجي ٿي. 'سنڌڻ'، 'ڪانڊي'، 'سنڌي ماتا' ته سنڌي عنوانن واريون ڪهاڻيون آهن. ٻين ڪهاڻين ۾ به ڪنهن نه ڪنهن طرح سنڌيت اچي ٿي. اُها سنڌيت به سطحي طور نه، نعريبازيءَ واري نه-

آهي هن جي ناٽڪ نويسي. ناٽڪن جا، هن جا مجموعا آهن : 'تنهنجا غم منهنجا آهن' (1980)، 'حادثو' (1998) ۽ 'آخرين سنڌي' (2009). انهن مان 'حادثو' ريڊيو ناٽڪن جو سنگرهه آهي ته باقي ٻه اسٽيج جي ايڪانڪي ناٽڪن جا. تنهن کانسواءِ 'پينڪر پنجو' (2003) ايڊس جي بيماريءَ تي ريڊيو سيريل آهي. ان جون جملي اٺ ڪڙيون، 8 جنوري کان 27 فيبروري 1996 تائين هر سومر تي پرسارت ڪيون ويون هيون. هڪ فلم اِسڪرپٽ 'پيار جا رنگ' ٻه هن وٽان ملي آهي. 'پينڪر پنجو' ۽ 'پيار جا رنگ' جون سيريل ۽ فلم جون اِسڪپرٽس پاسيريون ڪجن ۽ 'اوپاريون لهواريون' (1984) ريڊيو روپڪن کي ٻه پاسيرو ڪجي ته ناٽڪن جا ٽي ڪتاب، مان لالواڻيءَ جي ناٽڪن تي لکيل ليکن، مضمونن، مقالن کان مٿتي مڃان ٿو. وري ٻه دُهرايان ٿو، مان هتي چيني جي تخليقي ڪاريه (Creatvity) کي وڌيڪ وزن ڏيان ٿو.

'آخرين سنڌي' ۽ اُن کان اڳ جي ناٽڪن ۾ ٻه، کهاڻين جيان اڄ جي سماج جو اولڙو ۽ آئينو آهي- هتي ٻه هوُ پنهنجي سنڌيت پريم ۽ آئينده جي چنتا کي ڇڏي نٿو. ٻين ناٽڪن کي ڇڏي رُڳو هڪ ايڪانڪي 'آخرين سنڌي' جو ئي ذڪر ڪجي ته اُن ۾ لالواڻي صاحب هڪ ناٽڪ ڪار طور نئين سوچ کڻي آيو آهي ۽ چنتا ٻه ڪئي آهي. جنهن سماج ۾ رهي ٿو، اُن جي آئينده جي چنتا ڪرڻ ٻه هوُ ضروري ٿو سمجهي. اسان کي آگاهه ٻه ڪري ٿو ته ٻيلي، هينئر کان ئي سنڀلجي وڃو، نه ته اڳتي هلي اسان جو اهڙو حال ٿيڻو آهي جو... هن هڪ ڪلپنا ڪئي آهي. اسان جا نينائون پلي تفريرون ڪندا وتن ته اسان جي ٻولي، ڪلچر ۽ جاتيءَ جي اڳيان ڪوبه خطرونه آهي پر حقيقت ڪجهه اؤر آهي- تصور ڪريون اڳه جي وقت ۽ هينئر جي وقت جو، ڪافي ڪجهه بدلجي چڪو آهي ۽ اِئين ئي رهيو ته اڳتي هلي ڇا ٿيندو تنهن جي هن ناٽڪ ۾ ڪلپنا ڪيل آهي. چيني لالواڻيءَ جي آخرين سنڌي جي ڪلپنا ڪرڻ بي وجهه نه آهي. ڪهڙو هوندو اُهو وقت، جڏهن سنڌين جا ٻار سنڌيت کان دور ٿيندا ويا هوندا، باقي بچيل سنڌين لاءِ ڪمپيوٽر ۽ روبوٽ هنن جي زندگيءَ جو حصو هوندا، سنڌي گيت ۽ ٻول ٻڌڻ لاءِ اِنٽرنيٽ جي مدد وٺڻي پوندي.

4. ٻال ساهتيه :

ٻال ساهتيه لاءِ اهو عام رايو آهي ته سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيه تمام گهٽ

جذبو، اُمنگ، لڳاءُ، هڳاءُ هوندي بہ ڪٿي ليکڪ ڇينو لالواڻي اُنهن تي حاوي بہ پنهنجي وٺي ٿو. اُتي، اُهو ڪردار نٽو ڳالهائي پر ليکڪ ٿو ڳالهائي. 'سنڌڻ' ڪهاڻيءَ ۾ ٿي نايڪا جو غيرسنڌي مڙس پنهنجي ماءُ کي جيڪا ڳالهہ سمجهائي ٿو. سو ڇٽو خاصو سنڌيت تي ليڪچر آهي ۽ سنڌيت تي لکيل ڪنهن مضمون جو حصو آهي. هوُ چوي ٿو، ''اَمان جيئن تون سمجهين ٿي اِئين ڪونهي: سنڌي اوچ سڀيتا جا وارث آهن. هوُ پرشارٿي ۽ پرمارٿي آهن. هوُ پڪا هندو آهن. هر ڌرم،، مذهب جي عزت ڪندڙ آهن. هوُ ديوتائن، ديوين جي پوڄا ڪندا آهن. هنن جو اِشٽ ديو لال سائين، وروڻ ديوتا آهي، جنهن جي پوڄا هرڪو هندو ڪندو آهي. سڀ سنڌي ماس کائو نہ آهن. گهڻا شاڪ آهاري آهن. هوُ سنڌ بہ پنهنجو ڌرم بچائڻ لاءِ ڇڏي آيا. هوُ هٿين خالي آيا. اڄ هنن وٽ سڀ ڪجهہ آهي. جنهن اِسپتال ۾ تنهنجو علاج ٿيو هو، اُها بہ سنڌين جي جوڙايل آهي.''

ڪهاڻين جا حصو بڻايل اهڙا فقرا ڪنهن بہ جنوني سنڌيت پريميءَ کي راحت ضرور ڏيئي سگهن ٿا پر اِهي ڪهاڻيءَ کي دهرم رسائڻ جو بہ ڪم ڪن ٿا. 'ردي' نالي واري ڪهاڻي، مان ڇينني جي هڪ بهترين ڪهاڻي ڪري ٿو ليکيان. وشيہ جي نواڻ ۽ پيشڪش جي خوبي ڌيان ڇڪائي ٿي.

3. ناٽڪ :

ناٽڪ ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي پسنديءَ جو ڪيتر رهيو آهي. ناٽڪن سان وابسطہ هن جا ڪم ٽن حصن ۾ ورهايل آهن- ناٽڪ لکڻ، ناٽڪن تي لکڻ ناٽڪ ڪرڻ. منهنجي نظر ۾ 'ناٽڪ ڪرڻ' يا ناٽڪن ۾ ڪم ڪرڻ هن لا خاص ڦلدائي فيلڊ نہ رهي آهي. ان کان بهتر هن جو ڪم ناٽڪن تي لکڻ جي ڏس ۾ ڌيان ڇڪائيندڙ رهيو آهي. 'ناٽڪ ۽ رنگ منچ ڪلا' (1981) 'ناٽڪ ڪلا جو وڪاس' (1983)، 'سنڌي ناٽيہ درشن' (1984)، 'سنڌي ناٽڪ پرمپرا' (2012) هن جا ناٽڪن جي اِتهاس ۽ سرگرمين-مشغولين تي لکيا ڪتاب آهن. انهن ڪتابن ۾ هن جا سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۽ اهم سنڌي ناٽڪ نويسن تي، ڪارائتا مضمون، ليکہ ۽ مقالا آهن. 'اسٽيج' مخزن ذريعي بہ هن سنڌي پاٺڪن کي ناٽڪ ۽ رنگ منچ سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

ناٽڪ سان وابسطہ ٽيون حصو، جنهن ۾ ڇينني لالواڻي صاحب جو مٿيون ٻن حصن کان وڌيڪ معياري ڪم آهي. تعداد جي خيال کان اُهو پلي گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو هجي پر تخليقي خيال کان اُهو وڌيڪ اهميت وارو آهي، سو

ڪٿنبن مان ڪي گهٽنائون ٻارَ ٻوليءِ وٽي ٿو ۽ اُنهن تي قلم هلائي ٿو. ٻال ساهتيه ۾ هن جي اصطلاحي ۽ ٻهاڪن ڀريل ٻولي، سندس خاص خوبي آهي. ها فقط ڪا ڪمي آهي ته اُها غيرضروري 'پراڻ' جي. ڪهاڻي يا ناٽڪ ۾ غيرضروري ڳالهين وجهڻ سان رچنا ڪي ڏڪ لڳي ٿو ۽ پڙهندڙن جو رس به گهٽجي ٿو. عنوانن به خاص ڌيان لهڻو. 'راج پٽ جو راهي'، 'ٻليءَ جو صبر'، 'مرڪندڙ چهرو'، 'ٽرافڪ پوليس وارو'، 'ڪتابي ڪيڙو'، 'پنڌارو' جهڙا عنوان وڻندڙ آهن ته 'ايمانداريءَ جو سنگ'، 'محنت جو ڦل'، 'صبر جو ڦل' جهڙا عنوان رچنا پڙهڻ جي اِنتظاري گهٽائين ٿا. ڪن رچنائن ۾ هن ضروري لڳي اوترو ئي ڏيڻ بجاءِ، وڌ ۾ وڌ ڄاڻ ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي ۽ اِها سنڌي ليکڪ جي طرفان ئي Statement جي روپ ۾ اچي ٿي. ڪهاڻي يا ناٽڪ ۾ گهٽنا يڪدم گهٽجڻ گهرجي. ڪنهن ڪردارجي ائڪشن يا ڪن ڪردارن جي ڳالهه ٻولهه سان. ان مان ليکڪ کي پاڻ هٽي وڃڻ گهرجي. لالواڻيءَ جي هڪ ٻال ڪهاڻي 'پنڌارو' جو مثال ٿو ڏيان. ان ۾ ليکڪ طرفان Statement جي روپ ۾ هيئن ٿو اچي:

''سونوءَ کي رانديڪن جو ڏاڍو شوق هو. هوُ هر بار مهانگا رانديڪا خريد ڪرڻ تي ضد ڪندو هو. نانو هن کي ڪافي پائيندو هو. هن جي هرڪا فرمائش پوري ڪندو هو. هوُ جيڪي رانديڪا گهرندو هو سي ڪيس وٺي ڏيندو هو. سونو اوڙي-پاڙي وارن ٻارن سان ٿورا ڏينهن رانديڪن سان راند ڪري من بهلائي وري نوَن رانديڪن جي ٻُهر ڪندو هو. سندس ممي، پپا ناراض به ٿيندا هئس. پر هن جو رانديڪن ڏانهن چاهه-ضد جيئن جو تيئن قائم هو. سونوءَ ۾ هڪ خوبي هئي. هوُ رانديڪن سان اڪيلو نه کيڏندو هو. ننڍين ٻارن، دوستن کي ساڻ ڪري پيو کيڏندو، کيڏائيندو ۽ ٽڙندوهو. ان ڪري پاڙي جا ٻار به هن مان خوش هئا ۽ اِسڪول مان هن جي موٽڻ جو انتظار ڪندا هئا.''

اهڙن فقرن جو ڪهاڻيءَ ۾ جيترو ٿي سگهي اُپيوگ ڪرڻ کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي. اُن جي بدران ڪجهه ٿيندو ڏيکارڻ سان رچنا وڌيڪ بهتر ٿي سگهي ٿي. جيئني کي اهڙين پراڻ وارين چيزن کي نه صرف ٻال رچنائن ۾ پر وڏن لاءِ لکيل رچنائن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اِستعمال ڪرڻ گهرجي- اِئين مان شخصي طور سمجهان ٿو. وري به دهرايان ٿو،جيئني جون رچنائون مؤلڪ آهن- گهڻي قدر مؤلڪ آهن. سنڌي ٻال ساهتيه ۾ جيڪو اصلوڪپڻو غائب

آهي. پر حقيقت ان کان اُبتڙ آهي. حقيقت ۾ ٻال ساهتيه گهٽ نه آهي پر صحيح معنيٰ ۾ جنهن کي ٻال ساهتيه چئجي سو گهٽ آهي. مؤلڪ يعني اصلوڪي ٻال ساهتيه جي بدران هِتان هُتان آڌار وٺي لکيل ڪهاڻيون، پؤراڻڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ ڪهاڻيون وڌيڪ لکيون پيون وڃن. ڪن ليکڪن جو ته گذارو ئي اهڙين رچنائن تي آهي. اُن جا ڪارڻ گهڻا ئي آهن. هڪ ته ليکڪن کي خبر ئي ڪانهي ته ٻال ساهتيه چئجي ڇا کي ٿو؟ ٻيو ته ان لاءِ ڪي ڪوششون به ڪيون نٿيون وڃن، ايياس به نٿو ڪيو وڃي. ٽيون جن کي خبر نه آهي ته مؤلڪ ٻال ساهتيه ڇا کي چئجي سي ئي ڪن نام نهاد ٻال ساهتيڪارن کي پنهنجن ڪُلهن تي کڻي پيا گهمن. چوٿون اسان جا نقاد وري ٻال ساهتيه ۽ ٻال ساهتيڪارن ڏانهن نهايت ئي بي‌رخو وهنوار ڪندا رهيا آهن.

اِئين صرف سنڌيءَ ۾ نه آهي. ٻين ٻولين ۾ به آهي. نقادن ڪڏهن ٻال ساهتيه ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو آهي. انهيءَ بي‌درڪاريءَ، بي خبريءَ ۽ بي علميءَ جي ڪارڻ ٻال ساهتيه سان هوُ انياءُ ڪري وجهندا آهن.

جيٺي لالواڻيءَ به ٻال ساهتيه لکيو آهي. ٽي ٻال ڪهاڻين جا مجموعا ’ٻليءَ جو صبر‘ (1997)، ’ڪتابي ڪيڙو‘ (2008) ۽ ’راڄ پٽ جو راهي‘. ٻه ٻال ناٽڪن جا مجموعا- ’ترنگي روشني‘ (1986) ۽ ’مُڇر مامو‘ (2006). ٻال ساهتيه جا ڪي ڪتاب به انواد ڪيا اٿس. ان طرح هن جو ٻال ساهتيه ڏانهن به چڱو لاڙو رهيو آهي. هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي سو چڱن کان چڱو لکيو آهي. هن جو ٻال ساهتيه نج اصلوڪو آهي. ڪٿان به ڪجهه لمائي ۽ چورائي نٿو لکي.

ٻال ساهتيه لکندڙن ۾ هن وقت ٻن قسمن جي ويچار ڌارا ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هڪڙا ليکڪ ٻال ساهتيه ۾ ’وندر‘ کي وڌيڪ وزن ڏين ٿا. ٻيا ليکڪ ’سکيا‘ جي حمايت ڪن ٿا. جيٺي لاءِ مون سندس ’ٻليءَ جو صبر‘ جي مُهاڳ ۾ لکيو هو ته جيٺو لالواڻي، پنهنجين ٻال ڪهاڻين ذريعي ٻارن کي سکيا ڏيڻ جي ويچار ڌارا طرف وڌيڪ مائل ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان طرح هن جي هرهڪ ڪهاڻي ڇاهي ناٽڪ ۾ ڪونه ڪو سنديش آهي. هن گهڻو ڪري نصيحت آميز، سکيادائڪ ۽ سنديش ڏيندڙ رچنائون لکيون آهن.
اڄڪلهه ٻال ساهتيه لکندڙن ۾ (خاص ڪري ڪهاڻين ۾) مؤلڪتا/اصلوڪپڻي جي جيڪا کوتاهي ڏسبي آهي، سا جيٺي ۾ نه آهي. هوُ سماج مان ۽

پهرئين اڌ ۾ ليکڪ جي جيون جي سچي ڪهاڻي آهي. البت ٿورا مرچ مصالح به ملايل آهن جيئن پاڻکن کي هيءُ ڪتاب سوادي لڳي. اهڙا مرچ مصالحا ضروري به آهن. شايد ڪتاب هرهڪ پاڻڪ کي سندس ننڍپڻ طرف وٺي وڃي ٿو. خاص ڪري اُنهن کي جن جو جنم سنڌ ۾ ته ٿيو هو پر ٻالپڻ اچي هت هند ۾ اچي گذاريائون. ليکڪ کي ننڍي هوندي سندس وڏي ڀيڻ ۽ ماتا ڪيئي رانديون کيڏايون تن جو وستار سان ذڪر آهي. لالواڻيءَ پنهنجي ننڍپڻ جي لوڪ سنسڪارن، گهروُ سنسڪارن، اوڙي پاڙي جي سنسڪارن، اِسڪولي جيون جي سنسڪارن وغيره کي نه صرف ڇُهيو آهي پر تفصيل سان به لکيو آهي. هوُ پنهنجي ٻالپڻ بابت ٻڌائيندي ٻڌائيندي پڙهندڙن کي به سندن ٻالپڻ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ڪتاب ۾ اسان جي سنڌي جيون به آهي، ريتيون رواج به آهن. ٻوليءَ جون خصوصيتون به آهن، ڪتيون منيون ڳالهيون به آهن. جيون جا آزمودا به آهن. جيئني هرهڪ چيز جي منظرڪشي تمام دلچسپ انداز ۾ ڪئي آهي. ڪٿي به ڪو اُتارو ڪونهي. اڄ لکيل ڪنهن چيز جو آڌار ڪونهي. ڪا ڪتنگ ڪانهي، ڪا پيستنگ ڪانهي. جيئني جي نجي جيون جو ڳالهيون آهن پر ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي تنهنجون منهنجون آهن. اسان سڀني جون آهن. اسان جي ننڍپڻ جون آهن. هتي هڪ ٻي به ڳالهه چئي وٺان، سا اِها ته ڪتاب جو پهريون اڌ هڪ سشڪت چيز آهي پر پويون اڌ الاجي ڇو، ايترو متاثر نٿو ڪري. ’الاجي ڇو‘ ۾ هڪ ڪارڻ مونکي جيڪو لڳي ٿو سو اِهو ته اُتي سنسڪارن جي ڳالهه اچي ٿي پر اُها اُيري نٿي. اُيري اِنڪري نٿي جو سنڌي ساهتيه سيمينار، ورڪشاپ، اٿر جهڙا پڙاوَ اچي وڃن ٿا. انهيءَ حصي ۾ ٻني علائقي جو احوال آهي. سنڌي ليکڪ سيمينارن جي ڳالهه آهي. لوڪ اُتسون جو ورتانت آهي. ليکڪ جي لاڙن ۽ لاڳاپن جو ذڪر آهي. اِهي سڀ ڳالهيون ڪتاب جي مکيه موضوع کي اُچاتري نموني ڇُهن ٿيون- گهرائيءَ سان نه. هڪ ڳالهه جا ڪتاب نسبت مان اندر لائين ڪري چوڻ چاهيندس ته ان سڀ جي باوجود ڪتاب جي اهميت گهٽجي نٿي.

هتي مان سنڌيءَ کان سواءِ هندي ۽ گجراتيءَ ۾ ڪيل هن جي شيوائن جو ذڪر به ڪري وٺان. البت اِهو ڪم به ايڏو آهي جو ان تي الڳ مقالو لکي سگهجي ٿو. ان ڪري مان هتي مختصر ۾ ان ڳالهه کي ڇُهڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان. هن هندي ۽ گجراتيءَ ۾ جيڪي ڪتاب لکيا آهن، تن

آهي، تنهن کي پنهنجين رچنائن ذريعي ڄيني قائم رکڻ ۾ سُٺي پوَمکا نباهي آهي.

5. **لوڪ سنسڪرتي :**

لوڪ ساهتيہ جي ڪوڄينڪ طور ڇينو بين صنفن ۾ ادبي خدمتن جي پيت ۾ وڏيڪ سڃاڻپ حاصل ڪري چڪو آهي. سنڌي ۽ ڪڇي لوڪ ساهتيہ ۽ ڪلائن تي هن جو قلم تيزيءَ ۽ مضبوطائيءَ سان هليو آهي. ٻنيءَ طرف مُهڙ ڪري، اُتان جي سيني چيزن کي هن عام اڳيان آڻي ٻني علائقي سان سيني جي ڏيٺ-ويٺ ڪرائي آهي. ’ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب‘ (1992)، ’سنڌي لوڪ ناٽڪ‘ (1995)، ’سنڌي پروليون‘ (1995)، ’سنڌي فوڪ لور‘ (1998)، ’اسان جو ورثو‘ (2000)، ’ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت‘ (ٿيسز-2002)، ’سنڌي لوڪ رنگ‘ (2004)، ’لوڪ مضمون‘ (2015). انهن سيني ڪتابن جي نالن مان ئي اُنهن ۾ ڏنل ذخيري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن ڪتابن ۾ سنڌي لوڪ سنگيت پرمپرا، لاڏن، لوڪ نرتين، پڳت، پهاڪن، چوڻين، سانگن، پرولين، ڳجهارتن، ٽوٽڪن، لطيفن، چٽڪلن، لوڪ ڳالهين، لوڪ ڪٿائن، لوڪ گيتن، اکڪتين، سنڌي ڪچهرين، لوڪ سنسڪرتي، سنڌي لوڪ وهنوار، سنڌي ويسن، رسمن، رواجن، سنڌي نالن، نُکن، سنڌي لوڪ وهنوارن، ڏڻن، ڪنپتلين سان گڏ ٻني علائقي ۾ بہ اَندر پهچي اُتان جي ماڻهن جي ڳالهين، ريتين، رواجن، سازن راڳن، مڃتائن وغيره کي عام اڳيان آڻي گهڻو ڪم ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ لوڪ ساهتيہ ۽ لوڪ ڪلا تي ڪم ڪرڻ وارن ڪن جزوي (هن وقت) ڪوڄنيڪن مان ڇينو لالواڻي هڪ آهي.

سيني کي ڄاڻ آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي ادب کي سهيڙڻ جو گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڊا. نبي بخش خان بلوچ صاحب ڪيو اهي. هند جي ڊا. نارايڻ ڀارتيءَ بہ لوڪ ساهتيہ جي کيتر ۾ گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڊا. لالواڻيءَ کي بہ انهيءَ ئي صنف ۾ بيهاري سگهجي ٿو. هن ڊا. پرسي گدواڻيءَ جي ڪم کان متاثر ٿي، سندس ئي پريرڻا سان ٻني علائقي طرف بہ رُخ رکيو ۽ اُتان جو ڏۏرو ڪري ڇڙو ئي زباني ذخيرو گڏ ڪري ورتو. جيڪو ڪم هوُ اڄ بہ ڪري رهيو آهي.

لوڪ ادب-ڪلا جي پرمپرائن ۽ سنسڪارن تي لالواڻيءَ هڪ خاص ڌيان ڇڪائيندڙ ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو مان خاص ذڪر ڪرڻ چاهيندس. ڪتاب آهي ’لوڪ ادب-ڪلا جا منهنجا سنسڪار‘ (2014). ڪتاب جي

پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي

سوال نامو : چينو لالواڻي

سوال : توهان کي لکڻ جو خيال- پريرڻا ڪٿان ۽ ڪڏهن ملي؟

جواب : جنهن سال مون مئٽرڪ پاس ڪئي اُن سال رزلٽ 37 سيڪڙو آئي هئي. مان پنهنجي اِسڪول ۾ ٻيون نمبر بيٺي هيس جنهن ڪري اِسڪول جي پرنسيپال منهنجي ماءُ کي گهرائي چيو ته وڌيڪ پڙهڻ لاءِ اِسڪالرشپ ڏيانس تو پر هن کي ڊاڪٽري پاڙهه. تڏهن ئي اِسڪالرشپ ملنديس. (تن ڏينهن ۾ مئٽرڪ کانپوءِ LCPS نالي ڊاڪٽري ڪورس هو.) منهنجي ماءُ کيس جواب ڏنو ته تنهن کان هن کي تون ماستري ڏي ۽ مان اُن ئي اِسڪول ۾ ميوزڪ ٽيچر ٻڌيس. مونکي ڳائڻ جو شوق هو، هارمونيم، ٻئنجو ۽ دلربا وڄائڻ سکيل هيس.

پر مونکي وڌيڪ پڙهڻ جو به شوق هو. خوش نصيبا گهر پرسان ئي ساڌو واسواڻيءَ ميران ڪاليج کوليو جو بنارس هندو يونيورسٽيءَ سان اٿفلئيٽيڊ ٿيو. ڪاليج شام جو ٽين کان ستين بجي تائين هلندو هو. اُتي شري هاسومل ماکيجاڻي ايڪانامڪس پاڙهيندو هو ۽ پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي انگريزيءَ جو پروفيسر هو. اسان کي انگريزيءَ ۾ مضمون لکڻ لاءِ مليو. وشيه هئي "The song of life" منهنجو مضمون پڙهي پروفيسر صاحب منهنجي لکڻيءَ کي ڏاڍو ساراهيو ۽ چيو تون ته سٺي ليکڪا ٿي سگهين ٿي. شري هاسومل ماکيجاڻيءَ پڻ هڪ سوال ڏنو هو جنهن جو جواب پڙهي هن چيو ته توکي ته ليکڪا ٿيڻ کپي. جلد ئي هاسومل نوڪري ڇڏي ڪراچيءَ ويو جتان سندس سالو شري هيرانند "هندستان" اخبار ڪڍندو هو. هاسيمل مونکي لکي موڪليو ته ليک لکي موڪل. منهنجو پهريون ليک جو "هندستان" ۾ ڇپيو هو سو "اُتم ڪير، اِستري يا پُرش؟" ان ليک جي بيحد گهڻي ساراهه ٿي. اهو 1946ع سال هو. اِئين ٻن اُستادن جي همٿائڻ سان مان ساهت جي کيتر ۾ گهڙيس.

مان وڏ ۾ وڏ ڪتاب اسان جي ٻوليءَ، ڪلائن، سنسڪرتيءَ ٻين احزن ڪيترن
وشين تي روشني وجهن ٿا. هنديءَ ۾ سنڌي ناٽڪون ڪا اتهاس، سنڌي
ڀڳت شئلي، سنڌي ساهتيہ درپڻ، سنڌي ساهتيہ ايڪ پريچيہ، سنڌي ٻولي
ڪا لوڪ ساهتيہ، سنڌي ڪڇي لوڪ سنگيت-لوڪ نرتيہ، سنڌي-ڪڇي
لوڪ سنسڪرتي پرمپرا.

هنديءَ جيان گجراتيءَ ۾ به ڊا. لالواڻي سنڌي ادب، ناٽڪ،لوڪ ساهتيہ
کي مرڪز ۾ رکي لکندو رهيو آهي. گجراتيءَ ۾ هن جي ڪتابن 'سنڌي
لوڪ ڪٿائون'، 'سنڌي سنگيت اَني ڀڳت'، 'سنڌو نوُن وهيتون نير'، 'سنڌي
ناٽيہ يومي' ۾ به سنڌي ڪلا ۽ ساهتيہ جي ڪيترين ڳالهين جو اڀياس ڪيل
آهي.

ڊا. لالواڻيءَ جي ڪيل ڪمن تي نظر وجهڻ جي ڪوشش تو ڪريان ٿ
ان جو به دائرو وڌندو پيو وڃي. هن جيڪي عهدا ماڻيا آهن، اُنهن جي
ڪارڻ واسطيدار اڪادمين ۽ ادارن جو قد به وڌيو آهي. نون چاهي جهونن
ساهتيڪارن کي منچ به مليو آهي. ان طرح هن انهن ۾ پنهنجي سڃ
يومڪا نڀاهي آهي. هوُ هڪ خفتي شخص آهي. چپ رهڻ هن جي فطرت ۾
نہ آهي. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو رهيو آهي. ساهتيہ جي ڪابہ صنف باقي نہ
ڇڏي اٿس. شاعري باقي هئس. ٻُڌو اٿم تہ شاعريءَ جو ڪتاب بہ تازو ڇپي
اٿس. منهنجي راءِ ۾ سڄي هند ۽ سنڌ ۾ لالواڻيءَ کان وڌيڪ مشهور شخص
ٻيو ڪو نہ ٿو سُجهي. ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ اهو ريسرچ جو وشيہ آهي.

ويڙهڻ ڪٽڻ جو ڪم ڪندو هو. بار ڪٽڻ جو ڪم به اسين ڏيئر نه ڪنديون هيوسين. اِئين اسين ست پائر پينر گڏجي ڪري گهرو ڪم ڪندا هئاسين. منهنجي اِسڪول واري نوڪريءَ جو وقت صبوح جو ستين کان هڪ بجي تائين هو ۽ ڪاليج جو وقت شام تي بجي کان ستين تائين. وچ وچ ۾ مان سبندي به هيس ته ٽيوشنس به ڏيندي هيس. رنڌڻي جي ڊيوٽي ڏيڻ جو ڪم مونکي رات جي ماني ناهڻ مليو. ان طرح مون پنهنجي تعليم پوري ڪئي.

اَمي هڪ خوش طبع اِنسان هئي. اسان ڇئن پائرن پينرن کي اِها نعمت ورثي ۾ ملي. رات جو ميز تي ويهي کاڌو کائڻ وقت امي چوندي هئي ته ''هينئر مان توهان جو دوست آهيان.'' اُن وقت اسين چرچا- گهبا ۽ مسخريون ڪندا هئاسين پر صبح جو اُٿڻ سان سختي شروع ٿيندي هئي. سويل اُٿڻ، ستسنگ يا گرو سنگت ۾ وڃڻ ۽ پنڌ ڪرڻ اسان سيني لاءِ لازمي هو. اِئين ڪرڻ سان نيرن جي ڪهڙي به فرمائش ڪريون ته پوري ٿيندي هئي، ست ڇٽا ستن نمونن جي نيرڻ ڪرڻ چاهين تڏهن به امين ناهيندي هئي. مالپڙا، سيئون، پڪوان دال، مربو ماني، ڊبلروٽي مکڻ، دال جي ماني يا ڊبلروٽي سيئل اِئين ستن قسمن جون نيرٽون ناهڻ ۾ اميءَ کي دير ئي نه لڳندي هئي. رڌڻ ۽ سبڻ ۾ هوءَ تمام تکڙي هئي. اهي بئي هنر مان به ڪانئس سکيس ۽ اسين بئي شرط پڄائينديون هيوسين ته ڪير تو پتلون يا خميس اڳ ۾ تيار ڪري! گهرو ڪم جو نيم ڪير پڄي ته اُن کي اُن وقت جي ويلي جو کاڌو نه ملندو هو. پوءِ لکڻ ۾ به اميءَ دوران ڪڙو ڪيل ماحول منهنجو مددگار ٿيو. اتفاق سان مان لکڻ ۾ مشغول هجان ۽ گهر ۾ مهمان اچي ته منهنجو پاءُ رنڌڻي جو دروازو بيڪڙي پڪوڙا تري وٺندو هو! اڄ تائين اسان سيني پائرن پينرن کي هڪ بئي لاءِ گهڻو پيار ۽ عزت آهي.

اِنڪري مونکي ماحول واري رنڊڪ ڪڏهن به درپيش نه آئي. اميءَ سوڌا اسين سڀ پاڻ ۾ دوستن جيان ئي هڪ بئي سان ورتندا هئاسين.

ڪجهه وڏي ٿيڻ تي گهر ۾ پائرن جا دوست اچن يا ڪجهه مٽ مائٽ نه مان به ڇوڪرن ۽ مردن سان سانجهيءَ جڳهه تي ۽ سانجهيءَ سطح تي ويهي ڳالهائيندي ٻولهائيندي هيس جنهن ڪري ڳالهه کي سمجهڻ، اظهار ڪرڻ ۽ هرهڪ درشتي ڪوڻ کان ڳالهه کي ڏسڻ جو وجهه مون کي ملندو رهيو.

سوال : توهين لکڻ لاءِ ڪهڙي نموني تيار ٿيندا آهيو؟ (رچنا پرڪريا

سوال : توهان جي وڪاس ۾ تعليم ماحول ڪيتري قدر مدد روپ بڻيو آهي؟ ماحول ڪي ٿورو واضع ڪندا؟

جواب : مئٽرڪ پاس ڪرڻ تائين تہ منهنجي سوجهہ بوجهہ ايتري نہ هئي. گهر ۾ مان سباڻيءَ تي ڪپڙا سبندي هيس ان ڪري اِسڪول، گهر ۽ ڪم انهن ٽن چيزن سان ئي واقفيت هيم. جڏهن ميران ڪاليج ۾ پڙهڻ شروع ڪيم تڏهن پنهنجي پتا جو وصيعت نامو ياد آيو جنهن ۾ هن اِها هدايت ڪئي هئي تہ تون سنسڪرت سکج ۽ پائرن پيئرن کي بہ سيکارج. مئٽرڪ ۾ مونکي ''پرشن'' وشيہ هئي. ڪاليج ۾ پروفيسر نارائڻداس بنيجا سنسڪرت پاڙهڻ آيو. هن بہ مهنا سنسڪرت سيکاري امتحان ورتو تہ مان پهريون نمبر بينس ۽ مونکي سؤ مان 87 مارڪون مليون. پروفيسر چيو تہ تون منهنجي گهر اچي مون وٽ پڙهہ. هوُ هفتي ۾ ٽي پيرا بہ بہ ڪلاڪ مونکي سنسڪرت پاڙهيندو هو. فيءَ جي عيوض هن چيو تہ ''تون اِسڪول ۾ سنسڪرت پاڙهڻ شروع ڪر.'' نتيجي ۾ مونکي سنگيت سيکارڻ ڇڏي سنسڪرت پاڙهڻ شروع ڪئي. مئٽرڪ ڪلاس کي پڻ سنسڪرت پاڙهيم. پهرين سبق پروفيسر کان پڙهي پوءِ اُهو ئي سبق ڪلاس کي پاڙهيندي هيس. انٽر پاس ڪيم تہ بنارس جي هڪ پروفيسر پنڊت سيتارام چترودي‌ءَ سان منهنجي واقفيت ٿي. هن بي.اي. ۾ مون کان هندي وشيہ بہ ڪٽائي ۽ چيو تہ سنسڪرت ۽ هندي ساهت مان واقف ٿيءُ. هوُ مونکي بناس يونيورسٽيءَ مان ڪتاب اِشو ڪرائي موڪليندو رهندو هو.

سنسڪرت ۽ هنديءَ جي ابياس مون کي پارتي سپينا ۽ فيلسوفيءَ جي ڄاڻ ڏني، منهنجي من جو وڪاس ڪيو، مون کي زندگيءَ جي جهجهي ڄاڻ ڏني. پڙهڻ ۽ ابياس ڪرڻ لاءِ مون ۾ گهڻو شوق پئدا ڪيو. مان رات ڏينهن پڙهڻ لڳيس تہ منهنجي پاءُ مونکي ڪاليج ڇڏڻ لاءِ چيو. هن چيو تہ هڪ پاسي خرچ ٽئي ٿو بئي پاسي تنهنجي ڪمائي گهٽ ٿئي ٿي جو ٽيوشنس نہ ٿي ڏيئي سگهيس. پر منهنجي ماءُ اُدار دل ۽ اِنقلابي ويچارن جي هئي. بي‌باڪ، بردبار ۽ آزاد طبيعت واري هئڻ جي پريرڻا مونکي ماءُ وٽان ئي مليل آهي. منهنجي ماءُ چيو نہ‌ڪم جي ورهاست اهڙيءَ ريت ڪر جو پڙهڻ جو توکي وقت ملي سگهي. گهر ۾ منهنجي ماءُ ڏيئرن جو مانُ رکندي هئي. گهرو ڪم ڇوڪرا نہ ڪن، اِئين ڪيس منظور نہ هو. منهنجو ننڍي ۾ ننڍو پاءُ رڌيندو بہ هو. اُن کان وڏو پاڇي پتو آڻيندو هو. ان کان وڏو بسترا

ڪلا ڪھڙي بہ ھجي، سرپرستي ۽ ھمت افزائيءَ جي ضرورت پوي ٿي. انھن ڳالھين جي غيرحاضريءَ ۾ ڪلا روپي ٻوٽو اُسري نٿو سگھي. پوءِ ڀل تہ ڪلاڪار ساڌنا ڪندڙ ڇو نہ ھجي.

جڏھن پروفيسر ٽي. ايچ. آڏواڻيءَ سنڌي ڪھاڻين جو ترجمو ڪرڻ وارو ڪم پاڻ تي ھموار ڪيو تڏھن ھن منھنجي ڪھاڻي ڪٽي، اُن جي خامين ۽ خوبين جو وستار سان ورنن ڪيو ۽ مونکي اؤسر ڪرڻ لاءِ ھمٿايو. اُھا ڪھاڻي ”ڪنوارو پيءُ“ جي سري سان ڪٿي ڇپي ھئي پر ڪجھ سي ھئي. پروفيسر جي سکيا حاصل ڪرڻ بعد مون ”ڪانٽا“ سرو ڏيئي اُھا ڪھاڻي وري لکي ۽ پنھنجي ٻئي ”ڪلي گلاب جي ساگر شراب جو“ ۾ شامل ڪئي. پروفيسر اُن ڪھاڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري اُن جو ٽائيٽل 'A cup of poison' ’اَ ڪپ آف پائزن‘ رکيو. اُن ڪھاڻيءَ بعد منھنجي ڪھاڻي لکڻ ۾ پختگي آئي.

سوال : توھان جو ڪھڙو ڪتاب-رچنا وڌيڪ لوڪپريہ بڻي آھي ۽ ڇو؟

جواب : اِئين تہ منھنجا شروعاتي ڪتاب بہ لوڪپريہ ٿي ھئا. ويدانت تي لکيل منھنجو ڪتاب ”مان ڇا آھيان؟“ يا ”ڀارت جي اِستري“ بہ ٻہ ڇاپا ڇپيل ھئا. ”ھڪ پشپ پندرھن مکڙيون“ ڪتاب جون ھڪ ھزار ڪاپيون ٽن مھنن اندر خلاص ٿي ويئون ھيون پر ويجھڙائيءَ ۾ منھنجو ڪتاب ”منھنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ گھڻو لوڪپريہ بڻيو آھي. اِھو ڪتاب سنڌ ۾ بہ ڇپيو. ھتي ان ڪتاب جي تمام گھڻي تقاضا ٿي ۽ سنڌ ۾ ايترن ڄڻن پڙھيو جو مونکي ھرروز گھٽ ۾ گھٽ اُتان بہ خط ايندا ھئا ۽ ان طرح پڙھندڙن جا سوين خط اچي ويا! ان جا ھڪ ڪان وڌيڪ سبب آھن، جي آھن:

1. ان ڪتاب ۾ منھنجي پنھنجي جيون جي ڪھاڻي آھي.
2. زال جي آتم ڪٿا ۾ گھڻن جي دلچسپي ھوندي آھي.
3. خاص ڪري اُھا زال جا ڪنواري ھجي.
4. ۽ اُھا جا ڪن واقعن يا ڳالھين جي ڪري مشھور يا بدنام ھجي.
5. ان ڪتاب ۾ منھنجي سنڌ ۾ گذاريل جيون جو ذڪر آھي.
6. سنڌ ڪان وڇڙڻ جو ورنن آھي.
7. ٻوليءَ يا ڳالھہ جو وڏاءُ ڪرڻ وارين ڳالھين ڏانھن ڌيان نہ ڏيئي سڌي ۽ سولي نموني بنا ڪنھن بناءُ واري طرز ۾ سڀ ڪجھہ ڇپيل آھي.

جي سلسلي ۾)؟

جواب : بس يا ٽئڪسيءَ ۾ وهندي، ليٽندي يا ڪائيندي ڪو ويچار اچي ته مان لفظ يا سٽون ڪنهن پني تي رهڙي وٺندي آهيان. اُهي پنا ڪنهن خاني ۾ سوگها رکندي آهيان. وقت ملڻ تي اُنهن سوچيل ڳالهه من ۾ دهرائي ته پوءِ اُن ۾ خاص وشيه وارا ڪٽي اُنهن لفظن ۽ سٽن ۾ مال پريندي ويندي آهيان. اِئين جيئن هڏين جي چوڌاري گوشت رکجي. ايستائين رف ئي هوندو آهي.

رچنا فيئر ڪري تيار ڪرڻ وقت شروعات وارو پهريون صفحو هڪ يا ٻه دفعو ڦاڙيندي آهيان. پهريان ٻه صفحا تيار ٿي وڃن ته پويان پنا رف نه هوندا آهن. بس سڌو ئي ۽ لسو ئي هلندي ويندي آهيان.

مضمون جي حالت ۾ جڏهن ٽپ نوٽ ڪريان ته اُن کي نمبر ڏيندي آهيان (1) يا (3) ان طرح. آکاڻيءَ جي حالت ۾ ڪنهن پئراگراف اڳيان ''وچ'' لکندي آهيان. اِئين ڪرڻ سان رچنا تيار ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي آهي.

سوال : توهان جي لکڻين ۾ ڪڏهن کان پختائي آئي؟ ڪهڙي رچنا کان؟

جواب : لکڻ ته مون 1946 کان شروع ڪيو هو. مضمون لکڻ ۾ پختگي مون سويل ئي حاصل ڪري ورتي. منهنجن مضمونن جو ڳٽڪو ''هڪ پشپ پندرهن مکڙيون'' ان ڳالهه جي ثابتي آهي. مگر ڪهاڻي لکڻ ۾ مهارت مونکي ڪجهه دير سان حاصل ٿي.

مضمون لکڻ لاءِ ابياس ۽ ٻوليءَ تي ئي دسترس جي ضرورت پوي ٿي. سنسڪرت ۽ هندي ساهتيه جو گهڻو ابياس ڪرڻ ڪري ويچارن جا ته انبار هئا مون وٽ اِنڪري مضمون لکڻ جو ڏانوَ مونکي اچي ويو مگر ڪهاڻيءَ جي صنف تي گڏوگڏ قلم هلائيندي به مونکي مهارت حاصل نه ٿي، ان جو مکيه سبب اهو آهي ته ڪهاڻي-ڪيتر ۾ مونکي مانيتا ڏني ئي نه ٿي ويئي. ان کيتر ۾ سندري ۽ ڪلا لاڏليون ٿي پئي پليون، اُنهن وٽ مانيتا، حاصل ڪرڻ جا انيڪ ذريعا هئا، پنهنجون اخبارون ۽ مئگزنون، هم خيال ۽ هم متي وارا همٿ افزائي ڪندڙ ۽ ساراهه جون سُرڪيون پرڻ وارا جهجها متر ڇپائڻ ۽ ڪتاب ورهائڻ وارا ساڌن، ساهت منڊل ۾ وڃي سکڻ ۽ ٻڌڻ جا وجهه وغيره وغيره.

پاڻيءَ کان ته وهندڙ پاڻي کيڏي مهل به وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿئي ٿو. اِنڪري سيائن يا سيمينارن کي بيڪار سمجهي يا سڄي پاڻ به بيڪار ۽ نڪمو ٿي ويهڻ ۾ منهنجو وشواس نه آهي.

سوال : ڇا توهين سمجهو ٿا ته اڪادميون، سنڌي ساهتيه جي وڪاس جون يوجنائون اسان جي مري ويل سنڌي ذهنيت کي نئون جنم ڏيڻ ۾ مدد روپ بڻجنديون؟

جواب : هنديءَ ۾ چوندا آهن ”چلتي ڪا نام گاڙي، کڙي ڪا نام کٽارا“ سو ڪجهه نه ڪجهه هلندو رهي ته نيڪ آهي. ذهنيت سيني جي ڪيئن مرندي؟ ڪٿي نه ڪٿي سنڌي هئڻ واري ذهنيت ضرور زنده آهي. جيئري کي مارڻ گناهه آهي. ان ڪري اڪادميون انهن بچيلن ۾ اُتساهه ڦوڪين ته خراب ناهي.

سوال: سنڌيت جي تحريڪ وجود ۾ آهي؟ اگر ها ته ڪهڙي روپ ۾؟

جواب : سنڌيت جي تحريڪ جنهن روپ ۾ جن وٽ وجود ۾ هئي، انهن جا پاسا پجي پيا آهن يا اُهي بي‌همت يا سوارٿي بڻجي پيا آهن، اِئين چيو وڃي ٿو. پر هڪ هڪ سنڌي پاڻ تي جوابداري رکي يا جوابدار هئڻ محسوس ڪري ۽ ٻين جي من ۾ رکيل وجود تي نه ياڙي ته بهتر آهي. ڪم نصيبان اسين ٻين کي ڏوهه ڏيڻ جا ئي عادي آهيون.

ماڪوڙين مان به هرهڪ پنهنجي-پنهنجي وات ۾ ڪڻو کڻي هلندي آهي ته ڇا اسين اُنهن کان به بدتر آهيون؟

مان ته صرف پنهنجي فرض کي پڇاڻي اُن کي نباهڻ جو يتن ڪندي آهيان. ٻين کي ڏسڻ جي مان ڪوشش ڪريان ئي ڪين ٿي.

سوال : ڇا فائيوَ اِسٽار گڏجاڻيون، سنمان ۽ اِشتهاري سنسٿائون سنڌي سماج جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد روپ بڻجي سگهن ٿا! سنڌو سماج جي نيتاگريءَ جو مسئلو حل ڪري سگهن ٿا؟

جواب : منهنجي سمجهه موجب اهي سڀ ڳالهيون فضول آهن. مسئلن جو حل اهڙين تراڪڙين ڳالهين ۾ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اهي ته ڏنوانن جا شغل آهن يا اُنهن جا خفت، جيڪي ٻين جي فضول ناٽي تي اهڙي قسم جا شوق وٺن ٿا.

منهنجي سمجهه موجب نيتاپڻو گهڙجندو نهندو آهي پر اسين ڪنهن کي نيتا بڻجڻ ڏيون ئي نٿا، اڄ هندستان جي هر ڳالهه جي هر ڪيتر ۾ جيڪي

سوال : ”منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ اوهان ڪهڙين حالتن هيٺ لکيو؟

جواب : 1978 ۾ مون آپريشن ڪرايو هو جنهن ۾ مونکي تمام گهڻي تڪليف ٿي هئي. درد وچان مان ٻارهن-تيرهن ڏينهن تائين ڪڙهائيندي رهندي هيس.

ڊاڪٽر موٽواڻي، جنهن منهنجو آپريش ڪيو هو مونکي چيو تہ اِئين ليٽندي رهندينءَ تہ باقي عمر ڪڙهائيندي ئي رهندينءَ ان ڪري من جي حالت بدلاءِ، ليکڪا آهين، انڪري لکڻ شروع ڪر.

مون رائٽنگ بورڊ گهرايو ۽ هن ڪرسيءَ تي ويهي منهنجو پاسو بدلارائي مونکي لکڻ لاءِ چيو.

لکڻيءَ ۾ مون پنهنجي انتها سوُر جو ذڪر ڪيو. هن ڪليو ۽ چيو، ”نہ اِئين نہ. صرف سوُر نہ پر ٻين ڳالهين جو بہ ذڪر ڪر.“ ۽ مون پنهنجي ننڍپڻ جي وقت جو چتر چٽيو. بس اِئين ئي ورق ٺهندا ويا.

سوال : توهين بيباڪ ليکڪا سڏجو ٿا. وقت بہ وقت توهان جي ڪيترين رچنائن واجب غيرواجب وادوواد کڙا ڪيا آهن. اهڙو ڪهڙو واد هو جنهن توهان کي مانسڪ طور سکون ڏنو هجي يا وڌيڪ پريشان ڪيو هجي؟

جواب : مان ڪنهن بہ ”واد“ جي پوئلڳ نہ آهيان. ڪيترن سال ڳڏ ڪم ڪرڻ ڪري وروڌي مون تي ڪميونسٽ هئڻ جو الزام ڌريندا هئا. پر اصل ڪان ئي منهنجو پنهنجو رنگ ايترو گهاٽو آهي جو ٻيو ڪو رنگ مون تي چڙهي ئي ڪين سگهي.

مونکي پنهنجن ويچارن جو صحيح نموني اظهار ڪرڻ ۾ سکون ملندو آهي. پريشان مان ٿيان ئي ڪين. جڏهن مون وٽ ڪو ”واد“ ڪينهي تہ پوءِ ڪو ”واد“ مونکي پريشان ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

سوال : توهين سنڌي جاتيءَ جا مقبول ليکڪ آهيو. توهين ليکڪ سيمينارن، سڀائن ۾ شرڪت ڪريو ٿا. ڇا توهان کي اِئين محسوس نہ ٿيو آهي تہ هڪ طرف اسان جي ٻولي اسان کان موڪلائيندي پيئي وڃي تڏهن هن قسم جون ڪوششون اجايون نہ آهن؟ سڀائن، سيمينارن مان ڪو ڪڙتيل نڪرندو؟

جواب : ڪوشش ڪرڻ هر اِنسان جو ڌرم آهي. سڀائون ۽ سيمينار ڪنهن حد تائين اسان جي ٻولي ۽ ساهت کي زندهہ رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ٻيئل

ڪيترن ۾ ڪوششون ڪيون. دهليءَ ۾ انيڪ وجهه ملن ٿا. جيڪي به چالاڪ ماڻهو آهن سي ليکڪ جو پاڻ تي نپو هٽي وجهن کي جهپ هٽي ڪٽن تا ۽ ڪتي تا وڃن.

صرف بمبئي ۽ دهليءَ وارن ليکڪن جو زور هڻڻ واري لعنت ناهي. بيون به خرابيون آهن. گروپس (جيئن ترقي پسند گروپ) جو هجڻ، پير ۽ مريد جو هئڻ، جيئن ته (رام پنجواڻي ۽ شاد) دوستن جو هڪ ٻئي کي پڌائڻ (جيئن ته پرم ۽ آنند) گٽ بندي ته تون منهنجو ڪتاب رکاءِ ۽ مان تنهنجو يا تون منهنجي آڪاڻي چونڊ ته مان تنهنجو مضمون ڪٽان. اهي وڏيڪ خراب ڳالهيون آهن چاڪاڻ ته انهن ڳالهين ڪري نالائق ليکڪ به مٿي اُڀري تا بيهن. پوئينءَ ڳالهه جا ته انيڪ مثال آهن ۽ اُنهن مثالن ۾ پاڻ کي ڇڏا چوائيندڙ به سڌائيندڙ به گرفتار آهن. اهڙا ليکڪ ظاهر نه پر باطن نموني ڪم ڪندا آهن جنهن ڪري پڪڙيا ئي ڪينهن. بس هڪ ڪتاب يا هڪ شعر ڪٿي ڪڇيو ته اُن سند جي آذار تي هرهنڌ ڪڇندا ويندا آهن ۽ نيٺ ساهت روپي باٽليءَ جو ٻوڇ ٻڻجي دت ڄمائي ويهي رهندا آهن.

اهڙين حالتن ۾ سنياسي تي پاسيرو نه ٿبو آهي پر حالتن جي ڄاڻ رکي پرسڪ ڪوششون جاري رکبيون آهن. پر سڀ کان وڏو اُپاءَ اهو ئي آهي ته پنهنجي ليک دُکهي پائجي يعني پاڻ ۾ لياقت پئدا ڪجي.

هن وقت دهلي ۽ بمبئيءَ ۾ نوان ليکڪ پئدا ٿي ئي نٿا سگهن چاڪاڻ ته انهن ٻنهي هنڌ سنڌيءَ ۾ تعليم وٺندڙ شاگرد عدم موجود ٿيندا پيا وڃن ان حالت ۾ گجرات ۽ اجمير کي سُجاڳه ٿي خالي ٿيل جاءِ پرڻ گهرجي ۽ ان ڳالهه لاءِ چست رهڻ گهرجي.

سوال : توهين کهڙي ڊارمڪ ۽ نئتڪ ملهن جو قدر ڪندا آهيو؟

جواب : مون پارت جو درشن مطالعو ڪيو آهي. مورکپڻو مونکي اصل هضم نه ٿيندو آهي. هندو ڌرم جي لت کي مان ڄاڻان ٿي ۽ اُن کي مان سيني ڳالهين کان وڏيڪ ملهائتو سمجهان ٿي.

نئتڪ ريت مان پاڻ سان ۽ ٻين سان ايماندار رهڻ چاهيندي آهيان. ڪنهن به قسم جي بي‌ايماني مونکي هضم نه ٿيندي آهي. بس اها نيتي رکي ئي مان هلندي رهي آهيان ۽ هلندي رهنديس.

سوال : ساهتڪار جو کهڙو ڌرم ٿي سگهي ٿو؟

جواب : ڌرم جو اصلي ارٿ آهي فرض. ساهتڪار جو پنهنجي ٻوليءَ

نيتائون آهن، اُهي ڇا ڌرم شرم وارا آهن؟

جهڙو جهڙو ماحول هوندو آهي تهڙا - تهڙا جيوڙا ۽ جيت پئدا ٿيندا آهن. اڄ جي فضا ئي زهريلي آهي جنهن ڪري سڀني هنڌ نيتائن جا ڀُوت ڪارا آهن. تہ پوءِ اسين آخر ڪٿي ڪنهن ڏانهن اِشارو ڪريون؟

اسين تہ بي گهر آهيون. ان حالت ۾ اسان جي حالت ٻين سڀني کان بدتر آهي. اسان وٽ هر ٽوليءَ کي پنهنجو نيتا آهي ۽ هر نيتا کي پنهنجو پيپ آهي.

هڪ رام پنجواڻي ئي هو جو پنهنجي رسوخ سان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهي ها پر هوُ پنهنجي نالي ۽ فوٽي جي چڪر مان آزاد ٿي نہ سگهيو. وات تي سنڌي ۽ سنڌيت پر دل ۾ ''مان ۽ منهنجو'' ئي رهي. هٽي اسان جو خانو ئي خراب ڪري ڇڏيو اٿس!

سوال : اسين سنڌي اِنٽرنئشنل بڻجندا پيا وڃون. (نيتاگري ۽ سنسٿائي روپ ۾) ان مان اسان جي جاتيءَ کي ڪهڙو فيض پهچڻو آهي؟ اسان جي وجود جو مسئلو حل ڪرڻ ۾ اها ذهنيت مدد روپ بڻبي؟

جواب : ڪير ۾ ٿورو پاڻي گڏجي تہ اُهو ڪير ئي رهندو؟ مگر پاڻيءَ ۾ ڪير چمچو وجهڻ سان اُهو ڪير ڪيئن سڏبو؟ سنڌيپڻي ۾ ٿورو اِنٽرنئشنل پڻو هجي تہ نيڪ آهي مگر اِنٽرنئشنل پڻي ۾ پاءُ اڌ سنڌيت جو وجهڻ سان اسان جو وجود ڪيئن قائم رهندو؟

وديش مان آيل ڪن پائيبندين جي شادي، ڏسبي تہ معلوم ٿي ئي ويندو تہ اُنهن ۾ ڪيترو سنڌيپڻو آهي؟ ڪيڪ ڪٽڻ، انگريزي آرڪيسٽرا جو موجود هئڻ، مينديءَ جي رسم جي پوئواري ڪرڻ، ڪنوار جي ڳلي ۾ منگل سوُتر، گهوٽ جي پوشاڪ، سوڻ سات، سڀ ثابت ڪندا تہ اسين ملاوٽي ٿي پيا آهيون. ان حالت ۾ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جي ڄاڻ ڪنهن کي ۽ ڪيتري پئجي سگهندي؟ ۽ تهذيب ۽ تمدن کان سواءِ وجود ڪهڙو؟

سوال : بمبئي، دهليءَ جا ليکڪ، ڪلاڪار ٻين راڄين جي ليکڪن، ڪلاڪارن کي گهٽ نظر سان ڇو ڏسندا آهن؟ پنهنجي گروپ جي اردگرد نظريو رکڻ سان نوان ليکڪ اُسري سگهندا؟

جواب : اهو سچ آهي تہ بمبئيءَ ۽ دهليءَ جا ليکڪ ئي سنڌي ساهتيڪ ڪينٽر تي راڄ ڪن ٿا. ان ذهنيت جو پوري سگهہ سان ودروهہ ڪرڻ گهرجي. بمبئي جا ليکڪ اِنڪري زور پيا ڄاڪاڻ تہ شروعاتي دؤر ۾ اُنهن ئي ساهتيڪ

هندستان ۾ سماج جو ڍانچو ڪجهه ان طرح ٺهيل آهي جو مائٽ ڌيءُ کي شادي ڪرائڻ پنهنجو لازمي فرض سمجهندا آهن ۽ ڇوڪريءَ جي جيون جو مقصد شادي ڪرڻ ئي مڃيندا آهن. ان ڪري نه رڳو جاهل ۽ بيوقوف پر پڙهيل ۽ سلجهيل شخص به وقتي ڪنواري ڇوڪريءَ جي ڪنوارپڻي تي ٺٺولي ڪندا آهن.

”ڇوڪري لازمي طرح شادي ڪري.“ ان ويچار ۾ ئي اسانجن سڀني سماجڪ اوڻاين جي جڙ سمايل آهي.

پُرش ۽ اِستري نرالن سببن ڪري شادي ڪن ٿا. پُرش جسماني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ شخصيت جو ايڪسٽينشن ڪرڻ لاءِ شادي ڪري ٿو پر اِستري سهارو حاصل ڪرڻ لاءِ شادي ڪري ٿي. (مون کي سهاري جي ڪڏهن به ضرورت نه پيئي، نه مالي قسم جو سهارو ۽ نه سماج جي دٻ کان بچاءُ ملڻ ۾ سهائتا ڪرڻ واري سهاري جو.)

باقي ڳالهه رهي محبت جي. سائنسدانن جو خيال آهي ته ڪن ڪيميائي چيزن جي ڪميءَ سبب ان قسم جي بيماري ماڻهوءَ جي دل کي ويڙهي ٿي. محبت جو واسطو دل سان آهي يا جسم سان، اِهو به ماڻهو ڪٿي ٿا سمجهن؟ ان باري ۾ ڪجهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ رڍن اڳيان رباب وڄائڻ مثل آهي.

جيستائين منهنجي زندگيءَ جو واسطو آهي، نه مونکي شادي ڪرڻ ضروري لڳي ۽ نه ان بابت سوچڻ لاءِ وقت وڄائڻ جي مونکي ڪڏهن ضرورت محسوس ٿي. ٻين ماڻهن جي من ۾ ڇا ٿو بابت مان ڇا سوچيان؟

شادي نه ڪرڻ ڪري مان بلڪل خوش مزي ۾ ويٺي آهيان. مان سمجهان ٿي ته مون جهڙو آزاد ۽ بندش مڪت ماڻهو ڪو ورلو هوندو. پنهنجيءَ آزاد طبيعت انوسار منهنجو هن نموني جيئڻ رهڻ منهنجي پسندي ۽ دلچسپيءَ بعد ٿيو ٿو.

جيون جي پهرئين باب ۾ منهنجي من کي محبت جو جهونڪو لڳو هو ۽ مون پنهنجي جيون ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. بعد ۾ ان مرض مونکي ڇهيو به ڪين آهي. اڄ ان نموني جي جذبات ۾ وهندڙ تي مونکي عجب لڳندو آهي. مٿن ڪل ايندي آهي ۽ ترس ايندو آهي. پراڻن ڪتابن ۾ محبت جو ذڪر نيڪ ٿو لڳي، اُهي اڄ جي زماني ۾ ان چيز جو هئڻ بي‌معنيٰ ٿو لڳي.

سوال : نقادن جي نظر ۾ توهان جو ڪو مخصوص چٽر چٽيل آهي؟

ڏانهن پهريون ۽ پويون فرض آهي. اِن فرض نباهڻ جي ڪيس ازخود ڪوشش ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري سنڌي ساهتڪار کي پنهنجيءَ ''مان'' کي پنيان رکي جاتيءَ جو وجود بچائڻ خاطر ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

سوال : محبت، شادي اِن لاءِ توهان ڪو مخصوص رايو قائم ڪيو آهي؟

جواب : ها، انهن ڳالهين لاءِ ڪجهه خاص ئي چوڻو اٿم. گذريل سال جي رهاڻ مڱڱزن ۾ شري راڌاڪشن چانڊواڻيءَ منهنجي باري ۾ چيل ڳالهيون لکيون آهن، انهن چوندڙن مان هڪ ته اهڙو ڪوڙو آهي جو چوي ٿو ته هڪ دفعي اجمير ۾ بس اِسٽاپ تي بينل پوپٽيءَ کي هڪ فقير چيو ته ''مائي آپڪا سُهاڳ بنا رهي'' ته پوپٽيءَ جواب ڏنو، ''هاڻي ته هوُ ڪونه رهيو.''

بمبئيءَ کان ٻاهر ڪٿي به مان بس ۾ ڪين چڙهندي آهيان. بمبئيءَ کان ٻاهر مونکي نيند ڏيئي گهرايو ويندو آهي ۽ نينڊ ڏيندڙ مونکي بس لاءِ بيهارين، اِئين ته ڪوبه سنڌي ڪري ئي نٿو سگهي. جيڪي به مونکي سڃاڻن تن کي بخوبي خبر آهي ته منهنجي وات مان اهڙي قسم جا ويچار- ويچارا لفظ نڪري نه ٿا سگهن. اهو هوُ ڪير آهي جنهن بنا مان ويچاري لڳان؟ ڪنهنجي اهڙي مجال آهي جو منهنجي ماضيءَ ۽ حال تي ڇانئجي سگهي؟ گهڻي ڀاڱي فقير چوندا آهن ''شل ٻچا ٻچن ئي'' ۽ مان کلي چوندي آهيان ''منهنجا ٻار سرڳ ۾ ئي آهن، مون ڪين هينئر لاهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي. اُهي متي ئي سنا وينا آهن.''

ٻئي هڪ چيو آهي ته ''پوپٽيءَ کي امرتا پريتم جيئان سڀ صاف صاف بيان ڪرڻ گهربو هو.'' ڇا بيان ڪريان؟ مان دل جون ڳالهيون ناهي لڪان؟ مونکي پنهنجي جيون جو بيان ڪرڻو هو يا امرتا پريتم جي زندگيءَ جو.

حقيقت ۾ محبت ۽ شاديءَ جي باري ۾ هندستانين جا عجيب خيال آهن ۽ ڪن دقيانوسي ويچارن کي اُهي صدين کان پڪڙي وينا آهن! شادي نه ڪيل ڇوڪريءَ ڏانهن هنن جو رخ به نهايت ئي غلط هوندو آهي يا ته اُهي متس قياس جي نظر اُڇليندا آهن يا ته ڪيس چرتر جي گهرگهلي ڪري سمجهندا آهن.

ماڻهو هرويرو به اِئين سمجهندا آهن ته هن کي ڪوشش ڪندي به گهوٽ ملي نه سگهيو آهي. ڪمزور دل ۽ دماغ وارا متس ترس کائڻ پنهنجو اِنساني فرض سمجهندا آهن يا ته هن ۾ ڪنهن ڪاڻ هجڻ جو ڀرم پالي اُهي سندس مخول اُڏائيندا آهن.

گوورڌن محبوباڻي ”پارتي“

ملاقات وٺندڙ : چينو لالواڻي

س : توهين لفظن ڏانهن ڪيئن مائل ٿيا؟

ج : لفظن ڏانهن مائل ٿيڻ هر اِنسان لاءِ نهايت لازمي آهي. لفظ ٻوليءَ جا ٻج آهن ۽ ٻوليءَ هڪ ٻئي سان ڪميونيڪيشن (Communication) جو سولو ۽ بهترين ذريعو آهن. هڪ شاعر لاءِ ته، ”شبد ۾ شعلو پريل آ/لفظ/هرهڪ لفظ ۾ آ لات/ٻولڻ سان لهي ٿي ٻات.“

س : منهنجو مطلب ته ”توهان جي لکڻ جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟“

ج : دوست ان جو جواب دهرائي دهرائي مان ته ٿڪجي پيو آهيان، ڪافي ڀيرا .T.V، ريڊيو، مخزنن ۽ اخبارن ۾ ساڳي ڳالهه چئي چڪو آهيان. بهتر ٿيندو ته ڪو ٻيو سوال پڇو.

س : رچنا جو ٻج توهين ڪهڙي نموني حاصل ڪندا آهيو ۽ اُن کي رچنا پرڪريا ۾ ڪهڙي نموني قلمند ڪندا آهيو؟

ج : منهنجي رچناڪال جي شروعاتي دؤر ۾ پيڙا منهنجي پريرڻا هئي.

”منهنجي دل جا درد سوُر، تنهنجي دل کي ڪيڏو نه وڻيا،
منهنجن آنسن جا قطرا پڻ، تنهنجي لءِ ٿيا لعل مڻيا،
تون ٿو ڪوٺين شاعر مونکي، پر مونکي بس ڄاڻ اِها،
چوٽ لڳي، دل آهه ڀري، جي لڙڪ ڳڙيا، سي گيت ٻڻيا!“

پر پوءِ دل تي دماغ به حاوي پوڻ لڳو. بهرحال ”رچنا مون لاءِ احساس جي شدت، اُمنگ جي اُڇل ۽ ڪلپنا جي اُڏام جو گڏيل عمل آهن. منهنجين ڪوتائن، ڪهاڻين يا ناٽڪن ۾، ڪنهن گهٽنا، اِستتيءَ يا احساس جو ٻج، خود بخود منهنجي اوَچيتن من (تحت العصور Mind Subconscious) ۾ اُسرڻ ۽ ڦلڻ ڦولڻ شروع ڪندو آهي. رچنا جو مڪمل خاڪو، مان اڳواٽ تيار نه ڪندو آهيان. ضروري ناهي ته ڪوتا جون شروع واريون سٽون سڀ کان اول منهنجي ذهن ۾ اُڀري

کهڙو؟

جواب : اها ڳالهه ته نقادن کان ئي پڇڻ گهرجي. حالانڪ اهڙي ڳالهه چاڻڻ جي مونکي خير ڪا پرواهه آهي.

سوال: سنڌي ترقي پسند ساهت، دنيا جي ترقي پسند ساهت جي روپ ۾ ڪهڙيون خاص خاصيتون والاري ٿو؟

جواب : سنڌين ۾ مزور طبقو يا بک ۾ پاهه ٿيندڙ طبقو يا غريبن کي ستائيندڙ شاهوڪار، عوام مؤجود آهن. سنڌين جي ڪارخانن ۾ سنڌي مزور آهن ئي ڪين. اِتهاس موجب پهرين سڪندر ۽ پوءِ محمد بن قاسم سنڌ ۾ برهمڻ کي جڻ ناس بچي ناسي ڪري ڇڏيو هو. ان حالت ۾ سنڌين وٽ شودر آهن ئي ڪين.

دنيا جي ترقي پسند ساهت ۾ ستايل مزورن ۽ ڪڙمين جو چٽر چٽيل آهي ۽ اُهي چٽر حقيقت جو فرسٽ هئنڊ ناليج آهي ئي ڪين . بدل ۾ پڙهيل ڳالهيون پنهنجين لکڻين جي ڪردارن ۽ واقعن سان لاڳو ڪرڻ ڪري اُنهن جي رچنائن ۾ ڪرترما اچي تي وڃي. سندريءَ پنهنجي وقت ۾ انيڪ ڪهاڻيون لکيون پر اچ هن جي **صرف هڪ ئي ڪهاڻي** ’پوُري‘ جو ئي ذڪر ڪيو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح ڪيرت جي هڪ ئي ڪهاڻي ’چنوُ منوُ‘ کي هرهنڌ تي دهرايو وڃي ٿو. اُنم جي ڪابه ڪهاڻي ذڪر ڪرڻ جوڳي نه ٿي ميڃجي. ان جو مطلب هڪ ئي آهي ته سنڌن ڪهاڻي ڪلا جي قوت ئي ڪرترم ترقي پسنديءَ تي جڻ روڪ وجهي ڇڏي آهي.

سوال : دنيا جي سنڌين لاءِ توهانجو ڪهڙو سنديش ٿي سگهي ٿو؟

جواب : اهو ئي ته سنڌي بڻجي رهو ۽ سنڌي هئڻ تي فخر وٺو. سنڌي تهذيبي ورثو هڪ اعليٰ ورثو آهي. ان ورثي کي سوگهو رکو ۽ پنهنجن پوين تائين پهچايو.

سوال : مقبول ليکڪ ۽ ڪوي اگر هڪ هڪ نئون ليکڪ تيار ڪرڻ جي جوابداري پاڻ مٿان هموار ڪن ته.....

جواب : هڪ هڪ ئي ڇو، جيترا تيار ڪري سگهجن، اوترا ڪجن. نوان ليکڪ تيار نه ٿيندا ته بولي محفوظ ڪيئن رهندي ؟ بوليءَ کي مالدار ڪير بڻائيندو؟ ❑❑

ڪوتا جي خوبين ۽ باريڪين کان واقف ڪيو ۽ آخر ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ ان جو انگريزي ترجمو آڪاشواڻي جي Service Extarnal تان براڊڪاسٽ ڪري اُن کي شهرت بخشي. مونکي اچا تائين اها ڳالهه ڪانهي ته سنڌي ساهتيه ۾ ان کان اڳ بہ ڪا ”نئين ڪوتا“ رچي ويئي هئي يا نه!؟

س : توهان ”انيلا سندر“ لاءِ بہ نرتيہ ناٽڪائون ”ٿيءُ نہ جدا جاني مون کان“ ۽ ”سندو“ لکيون آهن. ٻنهي مان ڪهڙيءَ اوهان کي وڌيڪ متاثر ڪيو آهي؟

ج : مون صرف ٻهرين نرتيہ ناٽڪا ”ٿيءُ نہ جدا جاني مون کان“ ڏني آهي. اِنڪري ڪيئن فيصلو ڪريان؟

س : انهن کان اڳ توهان ٻيون بہ ڪي نرتيہ ناٽڪائون لکيون ۽ ڊئريڪٽ ڪيون آهن؟

ج : (1) ڪوتن ۾ نہ قرار (2) راڻو رات رسي ويو (3) آءُ ڪُن ۾ ڪاهي (4) پرچ چنيسر جام تون (5) گل ڦنو گرنار جو (6) سڳنا ٻائي (7) پنج پير (8) ڊالي ٻائي (9) آسري ٻائي مون خود لکيون ۽ پيش ڪيون آهن. ان ڪانسواءِ پدم شري هوندراج ”دکايل“ جي ”ليلا چنيسر“ ۽ هري دلگير جي ”واسوُدتا ۽ اُپ گپت“ نرتيہ ناٽڪائون مون سنڌيءَ ۽ هنديءَ ۾ ڊئريڪٽر ڪيون آهن.

س : توهين ساهتيہ جي وادن ۾ وشواس رکو ٿا؟

ج : مان وادن جي وواد کان دور رهڻ چاهيندو آهيان.

س : ڪهڙن وديشي ۽ ڀارتي ليکڪن توهان کي متاثر ڪيو آهي؟

ج : ڀائي! اهڙي لسٽ ڪافي لنبي ٿي ويندي. ڪهڙا نالا ٻڌائي ڪهڙا ٻڌايان؟ ڪجهہ ڪجهہ هن طرح آهن : **سنڌي** : شاهہ، شيام ۽ شيخ اياز. **هندي** : پرساد، پنت، مهاديوي، نرالا ۽ پريمچند، **اُردو** : غالب، فراق گورکپوري، فيض احمد فيض، ڪرشنچندر، خواج احمد عباس ۽ قره العين حيدر... انگريزي ساهتيہ مون تمام گهٽ پڙهيو آهي.

س : لوڪپريتا بابت اوهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

ج : Drug dadiction - نشيدار چيزن جي چوُس جهڙي آهي لوڪپريتا. جيسين پورو ڊوز نہ ملي تيسين لڇڻ ۽ ڦٿڪڻ!

س : توهان جي پسندگيءَ جي بهترين رچنا ڪهڙي آهي ۽ ڇو؟

اچن. ڪڏهن ڪڏهن ته ان جون آخرين سٽون بار بار دماغ ۾ گونجنديون رهنديون آهن. اوچتو ڇڻ بند ٽٽندو آهي ۽ سيلاب ڏوڪي ايندو آهي. ڪوتا پنهنجو پاڻ ترندي ايندي آهي. ڪجهه ڏينهن ذهن ۾ ئي ڇوليون ماريندي رهندي آهي پوءِ ڪاغذ تي اُتاري اُن کي ترتيب ڏيندو آهيان... ان ۾ ڦيرڦار به ڪندو آهيان.

س : ڇون تا ته ''سئنٽيوريم ۾ پهرين رات'' سنڌي ساهتيه جي پهرين نئين ڪوتا آهي، ان ڪوتا جي رچنا پرڪريا بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟

ج : ادل، مان ڇهن سالن جي عمر ۾ اِسٽيج جو اداڪار ٻڻيس، نرتيه ۽ سنگيت منهنجي ساهه ۾ سمايل هئا.

''دل جي ڌڙڪن اندر ليءِ به آ، تال پڻ،
ساهه ۾ پڻ سمايل ڪو سنگيت آ...
هيءَ حياتي به ڄڻ ڪو مڌر گيت آ!''

15 سالن جي عمر ۾ اچانڪ ٽي.بي. (T.B.) جو شڪار ٿيس ته ڊاڪٽرن مڪمل آرام جي هدايت ڪئي. نچڻ، ڳائڻ ۽ اداڪاري بنهه بند!... بيماريءَ جي بستري ۾ منهنجي اندر وارو سڀل ڪلاڪار، رچنا جو ڪو نئون واهڻ ڳولهڻ لڳو ۽ مونکي ڪوتا جو ماڌيم ملي ويو. بستري تي ليٽئي ليٽئي، ڪاغذ قلم ٻنا، ذهن ۾ ئي ڪنهن گهري احساس کي شبد ۽ ارٿ جي ليءِ ۾ ٻڌڻ شروع ڪيم. 1956ع ۾ وري (انڪل اٺن نون سالن بعد) سلهه جو حملو ٿيو. اجمير پرسان ''مدار'' (Madar) سئنيٽويم ۾ چوڏهن (14) مهنا علاج ڪرائي ٻنهي ڦڦڙن ۾ ئي آپريشن ڪرايم. ان صحت گهر جو ماحول پهرين رات تي مونتي ايڏو حاوي پئجي ويو جو ڪجهه عرصي بعد اها، اُداسي، مايوسي ۽ دهشت ڪوتا جو روپ ڌارڻ ڪري آئي. مونکي اِها ڪل ڪانه هئي ته اُها رچنا ''نئين ڪوتا'' آهي. سڀ کان اول تيرٿ بسنت ئي مونکي ٻڌايو ته- ''تو اِها نئين ڪوتا (Modern Poetry) رچي آهي.'' ماڊرن پوئٽري بابت شروعاتي ڄاڻ مون ڪانئس ئي حاصل ڪئي. اُن بعد موتيلال جوتواڻيءَ هندي مخزن ''نئين ڪوتا'' جا ڪجهه انڪ دهليءَ مان موڪليم ته ''نئين ڪوتا'' جي ڪجهه وڌيڪ ڄاڻ پيم ''سئنيٽوريم ۾ پهرين رات'' جڳت آڏواڻي ''ڪهاڻي'' ۾ شايع ڪئي. سرٻواسي سُڳن آهوجا اُن جي بيحد ساراهه ڪئي ۽ خود مونکي به هن ئي ان

تائين انهن ساهتيڪارن، ڪلاڪارن ۾ پيدياوَ، ساڙ، حسد ۽ ڦوٽ پيدا ڪئي آهي، اُنهن جي مقصد، نيمن يا قاعدن قانونن ۾ ڪمي ته ڪانهي مگر اُنهن جي ڪاروبارين ۽ نيمن کي لاڳو ڪرڻ جي طريقي (Implementation) ۾ ڪٿي نه ڪٿي ڪا گڙٻڙ ٿي وڃي ٿي، اختياريءَ وارا، ساهتيڪار ۽ ڪلاڪار به آخر اِنسان ئي ته آهن ۽ چوندا آهن ته اِنسان خطا جو گهر آهي.

س : نوجوان ساهتيڪارن، ڪلاڪارن لاءِ ڪو سنديش؟

ج : اوارڊس (Awards) ۽ رواڊس (Rewards) جو موهه ڇڏي ساهت ۽ ڪلا لاءِ سمرپت ڀاوَ سان ڪاريه ڪن. اڪثر سنڌي للت ڪلائن لاءِ Dedicated ڪونهن.

س : ڇا ٻال رنگه منچ جي ضرورت آهي؟

ج : تمام گهڻي.

س : حالت؟

ج : سنڌي ٻال رنگه منچ اڃا ٻاروتن ۾ آهي اول ٻڌاءِ ته گهڻا معياري ٻال ناٽڪ موجود آهن سنڌي ساهتيه ۾؟ تنهن بنا ٻار اُسرندو ڪيئن؟

س : سنڌي سنگيت، لوڪ سنسڪرتي ۽ چترڪلا بابت ڪجهه ڄاڻائيندا؟

ج : يار، تون ايڏا لنبا ۽ پيچيدا سوال ٿو پڇين؟ اسان کي پنهنجي زمين ته آهي ڪانه. بنا ڌرتيءَ ۽ پاڻ جي اهي خوبصورت ٻوٽا ۽ گُل ڪيئن ڦلندا ڦولندا؟ سنڌ جي سر زمين تي به حالتون سٺيون ڪونهن. ڀارت ۾ سنڌيت لاءِ ڇا چئجي؟

س : اڪادمي اوارڊ ملڻ بعد ڇا ڪرڻ جو ارادو اٿوَ؟

ج : چو ڀائي! اڪادمي اوارڊ ڪو سنگه ميل (Mile Stone) يا نشان منزل آهي ڇا؟ اڃا ته خوب پڙهندس-لکندس. ها، مون هميشه Being کان وڌيڪ Doing کي ترجيع ڏني آهي. نون ساهتيڪارن، ڪلاڪارن کي اُتساهت ڪرڻ منهنجي عادت آهي. هاڻي اهو ڪاريه وڌيڪ زور ۽ ذميواريءَ سان ڪندس.□□

خاص نوٽ : سداحيات گووردن ڀارتيءَ کي سندس شعرن جي ڪتاب ''شيشي جا گهر'' ڪتاب تي مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ طرفان روپيه -/25000 اِنعام حاصل ٿيو هو اُن سلسلي ۾ اِنٽرويو ورتو ويو هو ۽ ''نذرانو'' ته ماهي 1991 جي انڪ نمبر 23 ۾ شايع ٿيل آهي.

ج : ڪنهن جي رچنا؟ منهنجي يا ٻئي ڪنهن جي؟ مون لاءِ تہ قدرت ئي بهترين رچنا آهي، خاص ڪري ڪو سهڻو گُل يا معصوم ٻار!
س : توهان اجمير، گانڌيڌام ۽ بمبئيءَ ۾ رهي چڪا آهيو، اُنهن شهرن بابت ڪجهہ آزمودا- احساس بيان ڪندا؟
ج : يار! تو تہ مونکان 1775 ڪلوميٽر لنبو سوال پڇيو آهي! ٻڌ- اجمير ۾ منهنجون پاڙون آهن. آديپور (گانڌيڌام) صاف، سهڻو، سنسڪاري شخصن جو شهر آهي، سنڌين لاءِ صحيح ڍنگ جي بستي! بمبئيءَ بابت ڪافي ڪوتائون لکي چڪو آهيان. ہ سٽون ٻيون بہ ٻڌ...

''اڄ بامبي ۾ آيو آهين، اڄ ئي شام جو ويندس ٻيءِ،
ڇڻو سياڻي گڏباسين، لوڪل تي چڙهي، ڇڏ! مان تہ هلان!''

س : سنڌي فلمن بابت اوهان جا ڪهڙا رايا آهن؟
ج : ''اجا تہ مان ننڍڙي آهيان.''
س : سنڌي سنگيت ۽ سنگيتڪارن بابت اوهان جي راءِ؟
ج : سنڌي سنگيت سنڌ ۾، سنگيتڪار ممبئيءَ ۾- ٻنهي جي وچ ۾ ڪافي ويڇو آهي!
س : ڇا سنڌي رنگہ منچ، سنڌي ناٽڪن پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪئي آهي؟
ج : سنڌي رنگہ منچ ناٽڪ کي اڃا صحيح سُوترڌار جي تلاش آهي!
س : اڳوڻن سنڌي گائڪن ۽ هاڻوڪن سنڌي گائڪن ۾ ڪجهہ فرق محسوس ڪريو ٿا؟
ج : صرف فرق ئي فرق تہ آهي! ٻيو ڇاهي؟
س : ساهتيہ اڪادميءَ جي اِنعام حاصل ڪرڻ وقت توهان ڇا محسوس ڪيو؟
ج : منت اڌ لاءِ خوشي، پوءِ تناءُ... ۽ سوچ تہ اڪادمي اوارڊ سان مونکي تسليمي (Recognition) تہ ملي پر منهنجي شعور (Calibre) ۾ ڪهڙو اضافو آيو؟ ها، منهنجن عزيزن، يارن، دوستن ۽ گهڻگهرن کي مون کان وڌيڪ خوشي ٿي ۽ لکيائون تہ ''توکي اوارڊ دير سان مليو آهي!'' (ڪاش، اُهي سچُ سوچين ها تہ اڃا بہ ڪي مونکان سينيئر ۽ سٺن ساهتيڪارن کي اڪادمي اوارڊ نہ ڏنو ويو آهي.)
س : ڇا اڪادميون ۽ سرڪاري ادارا سنڌي ساهتيہ، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ کي اڳ ڏياري سگهن ٿا؟
ج : ڇو ڪين؟ اڪادميون ۽ ادارا ان لاءِ ئي تہ برپا ڪيا ويا آهن پر اڃا

گيت-رامائڻ جو ڪتاب مون وٽ اڳ ئي هو سو ٻئي ڏينهن تي ڊڪشنريون اڳيان رکي، مون پهريون راڳ تڪڙ ۾ ترجمو ڪري ورتو ۽ پنهنجي چاچي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي سندس رايي ڄاڻڻ لاءِ ڪلڪتي ۾ ڏياري موڪليم. هن مونکي پنهنجو سنو رايو موڪليو، پر چندن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي تاڪيد ڪئي. اُن کانپوءِ مون ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ کان سندس رايو پڇيو- هن مون کي ان ڏس ۾ بيحد همٿايو. ايترو مان ضرور چوندس تہ ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ جي حوصلہ افزائيءَ ۽ مواد ڪانسواءِ مان گيت-رامائڻ هرگز مڪمل نہ ڪري سگهان ها.

ڇهن مهنن جي مسلسل محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ، مون گيت-رامائڻ جا 56 راڳ سنڌيءَ ۾ انواد ڪري ورتا. مرهٽين جي گيت-رامائڻ ڏانهن اٿوٽ پريم، سڪ ۽ شرڌا، منهنجي دل ۾ ان لاءِ ڇو وشواس پيدا ڪيو هو تہ سنڌين جو ردعمل بہ اهڙو ئي ٿيندو- مون کي آگاهہ ڪيو ويو هو، ”سنڌي جاتي ان وشيہ (رامائڻ) ۽ ماڌيم (شاستريہ سنگيت) ڏانهن ايڏو ڌيان نہ ڏيو نہ ئي قدر ٿيندءِ-تون اجايو وقت برباد ٿي ڪرين.“ پر اُن وقت مون تي جنون سوار هو ۽ مون هنن تي اعتبار نہ ڪيو- پر هاڻي، 5 سال پاڻ پتوڙڻ کانپوءِ، مون کي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو آهي تہ شايد اُهي ماڻهو درست چئي رهيا هئا.

گيت لکڻ کانپوءِ، مشهور سنگيتڪار بلو سي. راڻيءَ کان اُنهن گيتن جون طرزون ٺهرايم. جدا جدا گايڪن کان ڳارائي اُهي رڪارڊنگ ڪرايم ۽ ڪئسيٽس تيار ڪرايم. پئسو پاڻيءَ وانگر هاريم، توريون گهٽيون وڪاميون، ڪن ٿورن قدردانن، قدر ڪيو پر عوام ان طرف گهٽ ڌيان ڏنو. وشيہ کي مدنظر رکي مون سنگيت ڪلاسيڪل راڳڻين تي بيهاريو هو، اُها سنڌين لاءِ هڪ نئين ڳالهہ هئي. تنهن ڪانسواءِ هڪ نئين ليکڪا ڏانهن ماڻهن جو گهڻو ڌيان نہ ويو.

ان وچ ۾ مون سنگيت جي هڪ ٻي شاخا اپنائي. نوجوانن (ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن) لاءِ ڪورس راڳ تيار ڪري هڪ ڪورل گروپ Choral group ٺاهيم. منهنجي ڪورل گروپ جي ويڊيو ڪئسيٽ کان متاثر ٿي، بامبي جي سنڌو سڀا مون کي 1982 جي رکشا بنڌن جي پروگرام ٺاهڻ جي آڇ ڏني ۽ مون گيت-رامائڻ جي ڪن درشين جي نرتيہ ناٽڪا تيار ڪئي. راڳ تہ اڳ ۾ رڪارڊنگ ٿيل هئا. ٻن مهنن جي لڳاتار محنت سان جڏهن مون چاليهن ٻالڪين جي ٽولي، برلاماتشري هال ۾ پيش ڪئي تہ ماڻهن جي واهہ واهہ

گيت - رامائڻ

رينا شهاڻي

ننڍي هوندي کان وٺي مون کي پڙهڻ جو بيحد شونق هو. حيدرآباد (سنڌ) توڙي ڪراچيءَ ۾ جتي مون ٻچپن-جو گهڻو سمو، پنهنجي چاچي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سايعي هيٺ گهاريو هو، جيڪو به ڪتاب هٿ اچي ويندو هو، پڙهي وٺندي هئس. جيتري مونکي يادگيري آهي، مون شرتچندر، بنڪر پنور جا گهڻائي ناول، سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل، سنڌ ۾ ئي پڙهيا هئا- پاڪستان ٿيو ۽ هندي سکڻ کانپوءِ، مون اُهي سا ڳيائي ڪتاب هنديءَ ۾ وري پڙهيا. تنهن کانسواءِ پريمچند جا سڀ ناول ۽ ڪرشن پنور، منٽو وغيره جا اُردوءَ ۾ ناول توڙي آکاڻي جا ڪتاب جام پڙهيم. ڪنهن زماني ۾ (1948-1953) مون تي پڙهڻ جو ڀوت سوار هو، جنهن وقت، ڏينهن رات پڙهڻ کانسواءِ، ٻيو ڪجهه نه ڪندي هئس- ان وقت مون انگريزي پستڪن جو به ايياس ڪيو. ٿامس هارڊي، جان گئلنرو راهي، سامرسيوٽ ماهتم، جين آسٽن منهنجا فيورٽ ليکڪ هئا. شاديءَ کانپوءِ (1957) منهنجو سڄو ڌيان گهر-گرهستيءَ طرف هليو ويو. جيون جا 20 سال گرهستيءَ کان سواءِ سماج شيوا ڪاريه به پاڻ تي هموار ڪيو. مان ڪيترين لوڪل سنستائن، اِسڪول ۽ ڪاليج جي بورڊن تي ائڪٽوَ ڪم ڪندي رهيس. (اڃا به ڪم ڪندي آهيان، پر اڳي کان گهٽ).

1980 جي شروعات، منهنجي جيون ڌارا جو رخ مٽيو- اُن سال، مارچ مهني ۾ رام نوميءَ جي موقعي تي، مون سفير ڦڙڪي کي، ساندهه ست راتيون، هزارين درشڪن جي وچ ۾ مرانيءَ ۾، گيت-رامائڻ ڳائيندو ٻڌو. ڪجهه سال اڳ به رڳو به راڳ ٻڌا هئا، سنگيت سان لڳاءُ ۽ لاڳاپو نه منهنجو ننڍي هوندي کان وٺي رهيو آهي. اُن وقت سنگيت، شبدن ۽ ڳائڪيءَ گڏجي مونتي ايتري قدر اثر ڪيو جو رکي رکي اکيون ٿي پرجي آيم. اُتي ٻين ڀاشائن، هندي، گجراتي، تامل، تيليگو، سنسڪرت ۾ به گيت رامائڻ ترجمو ٿيل راڳ ڳايا ويا ۽ تڏهن ئي منهنجي من ۾ گيت کي سنڌي ڀاشا ۾ لکڻ جي اِڇا جاڳي.

کي ٽريننگ ڏيڻي پوندي آهي. ڪڏهن ڪنهن جو امتحان هوندو آهي تہ ڪڏهن ڪا شهر کان ٻاهر هوندي آهي.

ڪجهہ بہ هجي مان اينٽرو ڇئي سگهان ٿي تہ مانَ شروعاتي ڪشٽ ڪشالا لتاڙي آئي آهيان. اڳيان راهہ اهڙي ڪنن ڪانہ ملندي جهڙي شروع ۾ هئي.

رچناتمڪ ڪاريہ ۾ هردم Challenge رهي ٿو. ڪاريہ سڦل ٿيڻ کانپوءِ جيڪا خوشي ۽ جيڪو سنتوش ملي ٿو، اُنهن مان سارين تڪليفن جو اُجورو ملي وڃي ٿو.

نرتيہ ٻئلي جو آئيندو، بيشڪ روشن آهي ان ماڌيم دواران اسين سندر ۽ ڪلاتمڪ نموني سان عوام تائين پهچي سگهون ٿا. جيڪي ڳالهيون، ماڻهو ٻئي نموني ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن، نرتيہ ۽ اِسٽيج دواران خوشيءَ سان گرهڻ ڪري ٿا وٺن. وڏي ڳالهہ تہ نئين پيڙهي، ان ۾ بيحد دلچسپي وٺي ٿي ۽ ڪنهن بہ ڀاشا يا سنسڪرتيءَ کي زندهہ رکڻ لاءِ، نئين پيڙهيءَ جو ساٿ ضروري آهي.□□

خاص نوٽ: سداحيات شريمتي ريتا شهاڻيءَ سنڌيءَ ۾ ''گيت-رامايڻ'' نرتيہ ناٽڪا ڪاميابيءَ سان پونا، ممبئيءَ ۾ پيش ڪري ڪافي لوڪپريتا حاصل ڪئي هئي. ان سلسلي ۾ هڪ ''سوال نامو' موڪلي گيت رامايڻ بابت ڄاڻ حاصل ڪوشش ڪئي ويئي هئي. 'اسٽيج' تہ ماهي ناٽڪن جي مخزن 1987 ۾ شايع ٿيل آهي.

۽ تازين سڄي هال کي گونجائي ڇڏيو. اُن وقت درشڪن کي اِئين ڀاسيو تہ گيت-رچنا، خاص نرتيہ لاءِ ڪئي ويئي هئي، حالانڪ حقيقت اها هئي تہ نرتيہ تيار ڪيل گيتن جي آڌار تي ناهيا ويا هئا. ان سڦلتا مونکي هڪ نئون اُتساهہ ڏنو ۽ مون گيت-رامائڻ جا ٻيا اسم توڙي گيت-رمائڻ کان الڳ، بلڪل نوان اسم بہ تيار ڪري ورتا. اڄ هلي بامبي جو ڊانس-ڊائريڪٽر ۽ بامبي جون ڇوڪريون بہ ڪٺي مون پوني جي ڏهن ڇوڪرين جو گروپ تيار ڪيو آهي ۽ مان خود ڪوريوگرافي ڪندي آهيان. مان ننڍي هوندي نرتيہ سکيل آهيان ۽ ان ڪلا جي ڄاڻ اٿم. سنگيت جي چاهہ سان گڏ مون کي سنگيت جو بہ ٿورو گهڻو علم اٿم ۽ اڃا پنهنجي سنگيت گروءَ کان سکيا وٺندي آهيان.

آگسٽ 1982 کانپوءِ مون آڪٽوبر 1982 ۾ پوني جي نهرو هال ۾ بئلي پيش ڪيو. اُن کانپوءِ ٽي دفعا بامبي ۾، ٽي دفعا پوني ۾، هڪ ڀيرو بئنگلور ۾ ۽ هڪ ڀيرو ٽاٽا ۾ پنهنجا اسم پيش ڪيا اٿم.

گيت-رامائڻ جي سڄي ڪهاڻي فلئش بئڪ (Flash-back) ۾ آهي، جيڪا شري رامچندر جا پُٽ لوَ ۽ ڪش، اشوميڌ يڳيہ جي موقعي تي پنهنجي پُٽ کي ٻڌائي ٿا ٻڌائين پر شري رام کي خبر ئي ڪانهي تہ هوُ ڪي سندس پُٽ آهن.

مون پهريون درشيہ راجا رامچندر جي دربار وارو درشيہ جڏهن لوَ ۽ ڪش ڳائين ٿا. (2) راڄ دسرٿ کي اگني ديوتا جو وردان تہ کيس چار پُٽ ڄمندا. (3) رام-جنم تي ايوڌيا جي زالن جي خوشي ملهائڻ ''رام آ ڄائو سکي''، (4) مهاڻن جو رام، سيتا ۽ لڇمڻ کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي گنگا پار ڪرائڻ، (5) هنومان جو لنڪا-دهن، اهي درشيہ بئلي دواران اِسٽيج تي پيش ڪيا آهن.

مان پنهنجن اسمن ۾ نئين پيڙهيءَ جي پاترن کان ڀاڳہ وٺائيندا آهيان. مان ڪوشش ڪري نوجوان ڳائڪائن ۽ ڳائڪن کان راڳہ ڳارائيندي آهيان. منهنجو پُٽ ڪمار، جو ننڍي هوندي کان شاستريہ سنگيت سکيو آهي منهنجن ڪلاڪارن مان هڪ آهي. نرتيہ ڪندڙ بہ سڀ نئين ٽهيءَ جون اِسڪولي ۽ ڪاليجي ڇوڪريون آهن. ٻارن جو اُتساهہ ۽ اُمنگہ من کي فرحت ۽ آنند بخشيندو آهي. هتي اُمنگہ ۽ لگن جي ڪا ڪوتاهي ڪانهي. هوُ پنهنجو سهڪار ڏيڻ لاءِ هردم تيار رهن ٿا. مون سؤ کان بہ وڌيڪ ڇوڪرين کي ڊانس ڪرائي آهي. منهنجي سامهون رڳو هڪ سمسيا اها ڪڙي ٿيندي آهي تہ مون کي هميشهہ ساڳيون ڇوڪريون نٿيون ملن ۽ مون کي نين نين ڇوڪرين

ٻنيءَ کي اُتر طرف ''ڪريڙ'' ۽ ''ٻيلو''، اُتر اولهه طرف ''پڇم''، ''پانور'' ۽ ''ڪاتر ڙو'' بيٺا آهن. شاهه صاحب ٻني-ڪڇ ۾ جيڪي ڪيرو، جهرو، هبو، لوٽو جبل آهن، اُنهن ۽ ٻين علائقن جو ذڪر پنهنجين رچنائن ۾ ڪيو آهي :

''اَبڙو اڱهامن ۾ سپڙ جيئن ''ٻيلي.''

ٻيلي ۽ گرنان انو، گنگا جو جڪرو.

ڪريڙ پون ڪري پاڻ پير ڏڪريا پيئڻ،
ڪڙيائي ڪيل ڪري اُيو ئي آهي.

لاکو لوٽي آيو ''هبي'' پيئي هاڪ،
''پانور''، ''ڪنا'' پڇمڙي ڏونگر پيئي ڏاڪ،
''ڪيرا''تون نيروتئين تنهنجي ٻني ڇڏي ٻهڪ،
ٻنيءَ پهڻ نه ڏي جهري ويئي جهوڪ.''

قديم دؤر ۾ ٻني سنڌ سان شامل هئي اُن وقت چاهي جديد دؤر ۾ ٻنيءَ يا آس پاس واري پرڳڻي مان ڪو شخص ڪڇ جي ڏاکڻي يا اولهه طرف ويندو آهي ته چوندا آهن ''سنڌ مان فلاڻو ماڻهو آيو آهي'' يا چوندا ''اڙي وانجي هيءُ پڻ سنڌ کان آيو آهي''، يا ''اسان جي سهر (شهر) ۾ اڄ سنڌي آيو آهي.'' ٻنيءَ جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت ڪيو آهي :

''ٻنيءَ ٻهڻ نه ڏي، جهري ويئي جهوڪ،
''لوٽي'' مٿان لوڪ، لاکي لکهه لڏائيا.''

پٽ ڌڻي شاهه عبداللطيف پڻ لس ٻيلي کان ٿيندو ڪڇ پهتو هو. ڪڇ جا جت، پٽ ڌڻيءَ جا سچا شيدائي آهن. شاهه صاحب لاکي فلاڻي سکر ۽ جکري کي پنهنجي ڪلام ۾ درج ڪيو آهي گڏوگڏ ''شاهه جي رسالي'' ۾ ڪڇ جون تاريخي ڪٿائون (ڪهاڻيون) به آهن ته وري ڪڇ جي مشهور تيرٿ ڌام ''نارائڻ سروور'' ۽ ''ڪوٽيشور'' هنڌن جو ذڪر به آهي. شاهه صاحب کي هندو-مسلمان لاءِ ڪوبه ڀيدڀاو ڪونه هو. ڪڇ ۾ ڪوٽڙا جڙوان يعني ڳوهر شريف جيڪو نکتراڻا تعلقي جي پٽن جي پروارو ڳوٺ آهي اُهو

بني-ڪڇ ۾ شاهه ڀٽائي گهوٽ

شاهه لطيف صرف سنڌ ۽ ڪڇ جو نه پر عالمي مهان سنت ۽ شاعر طور مشهور آهي. شاهه لطيف تي جيترو حق سنڌ جو آهي اوترو ئي حق ڪڇ-گجرات جو به آهي. ڪڇ ۾ اندازي موجب هزار کن ڳوٺ آهن، اُنهن مان هڪ به اهڙو ڳوٺ نه هوندو، جتي لطيف جون ڪافيون/وايون نه ڳاتيون وينديون هجن. بني (ڪڇ) ۾ ٽيندڙ مڇ ڪڇهرين ۽ محفلن جو مور پڻ لطيف سائين ئي پئي رهيو آهي.

بني ڪڇ جي اُتر ۾ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو چراگاهه وارو علائقو آهي. اُتر آمريڪا جي پريج، رشيا جي سوٽيز ۽ ڏکڻ آفريڪا جي پمپاج جهڙن اوچ گاهه وارن ميدانن وانگر بنيءَ جي ڳٽپ پڻ اوچ ڪوٽيءَ جي چراگاهن ۾ ڪري سگهجي ٿي. ”بنئي“، جنهن جو سڌريل نالو ”بني“ آهي ان جي معنيٰ آهي ”پشو ڌن جو پرديش“ (چوپائي مال جو علائقو). هن علائقي ۾ 23 قسمن جو گاهه پيدا ٿئي ٿو. جيڪو چوپائي مال لاءِ بهترين خوراڪ آهي. هتان جي گاهه مان جاين جوڙڻ جو سامان پڻ ملي ٿو نه وقتي اُهو اِنساني ڪاڏي طور پڻ ڪم اچي ٿو.

بني ڪڇ ڪي مليل قدرت جي انوکي سوغات آهي. هيءُ علائقو نکترانا، پڇ، انجار تعلقي جي اُتر ۾ 2144 چورس ڪلوميٽرن جي ايراضي آهي. جنهن ۾ 40 کان وڌيڪ ڳوٺ اچي وڃن ٿا. ڪنهن زماني ۾ سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ هتان وهندي هئي. بني سنڌ جي سرحد کان 25-20 ميل پري ڏيپلي ۽ راهمڪي بازان کان 50-40 ميل، سمانگر يا سوميءَ جي ڪنڌهرن کان 50-40 ميل پري آهي. بنيءَ جي خوشحاليءَ جو ذڪر هڪ شاعر هن ريت ڪيو آهي:

”ڪڇ جي رڻ ڪنڌيءَ مٿي نيلي بني نيار،
نيلا نيش نواڻ ني، گاهه نيلا گلزار.
ڳايون ميبون متاريون، گيهه ني ڪير اپار،
پرهه ڦٽي پريات ۾، ڇايه ڪري چمڪار.“

جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي :

''لاڪو لکيءَ تي چڙهيو، لکي لاکي هيٺ،
ڪندو ڏمر ڏيٺ، سپان ساڻ سڀ ڪهين.''

لاکي جو اوڏن لاءِ ڪافي پيار هو، جنهن جو ذڪر شاهه صاحب هن ريت ڪري ٿو :

''اڏيو جو اوڏن سو ڏَنگر ڍلو مَ ٿئي،
جتي ويهي ڪن، ليڪو لاکي ڄام سين.''

ڪڇ ۾ ڏڪر واريون حالتون رهنديون آهن، هتان جو جيون ڏکين حالتن ۾ بسر ٿيندو آهي پر وقتي برسات جي مُند ۾ ڪي ڪڪر اچي ڪڇ تي ٻه وسڪارا ڪندا آهن، جن کي شاهه صاحب ياد ڪندي چوي ٿو :

''موٽي مانڊاڻن جي واري ڪيائين وار،
وڃون وسڻ آئيون چوڏس ۽ چؤڌار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان ڏنا بيڪانير پڪار،
ڪنهين ڍُٽُ ڍڪائيو، ڪهين ڍت مٿي ڪئي ڍار،
ڪنهن اچي عمر ڪوٽ جا وسايا ولهار،
سائين! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.''

'جکرو' سنڌ جي راڄائي ڪُل مان اوڍي جو سپوت ۽ هوٿل پدمڻيءَ جي جگر جو ٽڪر هو، شاهه صاحب فرمائي ٿو :

''جکرو جس ڪرو، ٻيا سڀ ڪريل خان،
مِٺي اِن مڪان اصل هٿي اينري.

جکرا جيئين شال تنهنجو ڪَنين مندو مَ سُڻان،
جڏن تو اچي ڪالهه نالائق نوازيا.''

شاهه صاحب جکري جي پيڻ ''سر'' کي ٻه نه وساريو آهي :

سونهن وڃايم سومرا، سر ڏڙي سونهن،
دل ۾ دکيم دونهن، منهنجو مُنهن ميرو ٿيو.

نارايڻ سروور ڪڇ جي اولهه طرف لکپت تعلقي ۾ قديم تيرٿ آستان آهي. هن مندر ۾ لکشمي نارايڻ، آدي نارايڻ، گووردن ناٿ، دوارڪاناٿ، مهالڪشمي وغيره جون مورتيون رکيل آهن. شاهه صاحب جوڳين سان گڏ ان

ماتا جي مڙهه طرف ويندڙ رستي تي اٺ ڪ.م. ڪن مفاصلي تي آهي. اُتي جيڪا درگاهه آهي اُتي حاجي صالح شاهه ۽ سندس مريد قمرالدين جون قبرون آهن. حاجي صالح کي شاهه پنهنجو مرشد ڪري قبوليو هو. ڪوٽڙا جڙودر ڳوٺ کان پٽائيءَ جا فقير پيدل ياترا جنهن کي فقراءِ، فقيرن جي ياترا سڏيو ويندو آهي هو ”حق“ جو نعرو هڻي ياترا ڪندا آهن.

غور طلب آهي ته هيءُ ياترا جو رستو اُهو آهي جنهن رستي تان شاهه ڪڇ جي زيارت ڪري پنهنجن فقيرن سان سنڌ طرف ويو هو. پٽائيءَ جا فقراءِ اڄ ڏينهن تائين شاهه جو ڪلام جهونگاريندا آهن. اِئين به ٻڌجي ٿو ته حاجي صالح جي درگاهه وٽ شاهه صاحب دونهين دکائي وهندا هئا. عبادت ڪندا هئا جنهن کي ”ڏوٽو“ سڏيو ويندو آهي. حاجي صالح جي قبر تي دونهين دکائي ويندي آهي ۽ اُن موقعي تي ڏوٽيءَ جي چوڌار سماءُ ٿيندو آهي ۽ پٽائيءَ جو ڪلام ڳايو ويندو آهي. درگاهه جي اولهه پاسي هڪ پٽ آهي جنهن کي ”پٽ شاهه“ سڏيو ويندو آهي. اِئين به مڃيو وڃي ٿو ته شاهه پٽائيءَ پٽ تي آيل هڪ هنڌ تي چاليهو ڪڍيو هو. اُتي هڪ پڪي عمارت ٺهيل آهي. جنهن کي به لنگهه آهن جنهن مان پٽائيءَ جا مريد، پانڌيئڙا پسار تي پنهنجي عقيدت جو اِظهار ڪندا آهن. ڏونگر تي هڪ وڏو ڪارو پٿر آهي جنهن تي شاهه ويهي رات جو عبادت ڪندا هئا. فقراءِ پيرين پنڌ ياترا ڪري ويراٽي ڳوٺ ۾ آيا. دين محمد شاهه جي درگاهه تي پهچي زيارت ڪري، اڳتي ازل ڳوٺ لاءِ روانا ٿيندا آهن. اُتي مبين گُل جي درگاهه تي سجدو ڪندا آهن ۽ ياترا پوري ٿيندي آهي. هيءُ هنڌ هندو-مسلم ايڪتا جو عمدو، شرڌا جو آستان آهي. نيروني ڳوٺ پرسان اوريڙي نيڙي ڳوٺ ۾ فقير مبين تماچيءَ جي درگاهه آهي. شاهه صاحب ڪڇ ياترا دؤران هن ڳوٺ ۽ درگاهه ۾ آيو هو. مبين شاهه صاحب سان مڪاميلو ڪيو هو. مبين جي صدق، نيڪ نيت، اللهه لوڪيءَ کان متاثر ٿي شاهه هن کي پنهنجي گودڙي تحفي طور پيٽ ڪئي هئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين مبين جي مٿان چڙهيل آهي. هٿ سان اُڻيل ٿلهي ڪپڙي مان ٺهيل گودڙي نيري رنگ جي آهي. اڳ ۾ صرف صوفي نيري رنگ جون گودڙيون ڪلهي تي پائيندا هئا. نيرو رنگ صوفيت جو رنگ آهي.

شاهه صاحب به ڪڇ جي لوڪ ڪهاڻين کي پنهنجي ڪلام ۾ اوتيو آهي سو به ڪڇ جي حب، سڪ ۽ قرب وچان شاهه صاحب لاکي جي لکي گهوڙي

ڪراچيءَ طرفان ڇپايو آهي، جنهن جو نالو آهي ''املهه اڻ توريا''.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته :

''لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ رکيل شاهه جو قلمي رسالو ۽ انڊيا آفيس ۾ رکيل ٻيو قلمي نسخو اِهي ٻئي دستخط ڪڇ جي پاسي جا آهن.''

(حوالو ''نئين زندگي'' رسالو)

عثمان راهمون، وينل ڪوئڙو مڙه وارو (تعلقو لکپت) جنهن وٽ اِهو ٽيون نسخو هو، اُن سان گڏ علام غلام مصطفيٰ قاسمي جنهن مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جي ترتيب جو ڪم ڪيو، اُن مٿي ذڪر ڪيل شاهه جي قلمي نسخن جي ياداشت ڏني آهي.

ان جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته ڪجهه قلمي نسخا ڪڇ پاسي جا آهن، ان ڳالهه تان اِهو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ٻني، ڪڇ، گجرات، سؤراشٽر، ڪاٺياواڙ شاهه صاحب جي ڪلام کي گهڻو گهڻو ڳاتو آهي. ڪڇي لوڪ ادب جي ودوان جناب دُليراءِ ڪاراڻيءَ ''شاهه جي رسالي'' کي گجراتي ٻوليءَ ۾ آڻي شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهه جو ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾ البت گجراتي لپيءَ ۾ درج آهي، پر ان جي معنيٰ گجراتيءَ ۾ ڏني ويئي آهي.

گجراتيءَ ۾ شايع ٿيل شاهه صاحب جي ڪلام کي ڪٺي ڊاڪٽر دشرٿ پائي نڪر، ''شاهه عبداللطيف'' (جيون ۽ رهسيه درشن) تحقيق ڪتاب، 1992ع ۾ گجراتيءَ ۾ شايع ڪيو آهي ۽ شاهه صاحب سنڌ، ڪڇ، گجرات، راجستان، بلوچستان ۽ افغانستان جي جن-جن علائقن ۾ زيارت ڪئي هئي، اُن جو نقشو پڻ ڏنو آهي. صوفي عشق کي پيش ڪندڙ شاهه صاحب جون لوڪ ڪٿائون سهڻي-ميهار، سسئي-پنهون، مومل-راڻو، راءِ ڏياچ کي گجراتيءَ ۾ سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنيون ويون آهن. ڊاڪٽر نڪر هن کي ڪوجناتمڪ ڪتاب جوڙڻ ۾ گجراتيءَ جي 40، سنڌيءَ جي 3، هنديءَ جي 32، سنسڪرت جي 11 ۽ انگريزيءَ جي 215 جملي 301 ڪتابن جي مدد ورتي آهي، جن جو ضميمي ۾ ذڪر ڪيل آهي.

''املهه اڻ توريا'' ڪتاب ۾ شاهه صاحب جا ڏنل ڪجهه بيت هن ريت آهن :

1. ٿر گجيو پر گجيو، گجيو ديسان ديس،
واهه تنين جي ويس، جي وڄون وسڻ آيون.
2. ڪو جو وريو واءُ، واس وٽاڻن ڇڏيو،

پوتر جڳهه جي زيارت ڪرڻ آيو هو. هن نارايڻ سروور جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ شاهه صاحب هن ريت ڪيو آهي :

منجهئين بابو ٻڪيا، منجهئين نارائڻ سر،
بستي ڏور مَ ٻر، تون خود آهين تڪيو.
(سُر رامڪلي)

سنڌ جو سيلاني يتائي گهوت، ڪوٽيشور جي زيارت لاءِ پڻ ڪهي ويو هو. اُتي جوڳين ۽ ڀيوتين جي حالت اهڙي تہ وڻيس جو چيائين :

اوڏو آهي الله، ڪوٽيسر جي ڪنڌ ۾.
(سُر رامڪلي)

شاهه صاحب جي وفات ڪانپوءِ شاهه جو خاص خليفو تمر فقير پڻ ڪڇ پهتو، اُن بعد پيرپاون علي شاهه ’ساقي‘، محمد شاهه جيلانيءَ، منو شاهه سيراٽويءَ، حاجي پير بخش فاروقيءَ، سائين پير علي شاهه جيلانيءَ پڻ ڪڇ تان ڦيرا ڪيا. شاهه صاحب جي ڪلام ڪي ڪڇ ۾ لوڪپريہ بڻايو. هنن ڪڇ جون يادگيريون پنهنجي ڪلام ۾ قلم بند ڪيون.

شاهه صاحب جا ڪجهه قلمي نسخا هن ريت آهن :

(1) گنج يت شاهه (2) ٻلڙيءَ وارو، (3) احمدي، (4) ابراهيم شاهه وارو، (5) پير منل شاهه وارو، (6) جمعي فقير وارو، (7) فقير حسين وارو، (8) خير محمد وارو، (9) سيد دولت علي شاه وارو، (10) رمضان جت وارو، (11) شير محمد شاهه وارو، (12) مير علي احمد ٽالپر وارو، (13) غلام تفيءَ وارو، (14) ماستر محمد قاسم وارو، (15) محمد عمر گهڙي وارو، (16) لونگہ فقير وارو، (17) نوڙهو لنٽي (ڪڇ)، (18) مائي ملئي نعمت وارو، (19) مير عبدالحسين سانگيءَ وارو، (20) مولوي احمد جت وارو وغيره

(حوالو ”نئين زندگي“ رسالو جولاءِ-1962ع، صفحو-19)

نڪتراٽا تعلقي جي ٻنيءَ جي هڪ ڀُوٽ ننڍي يتاريءَ ۾ صاحب عبدالله طالب ڏٽيءَ پرتي جت وت 1915ع هجري سنہ 1336 ۾ لکيل شاهه جي رسالي جو دستخط آهي. اُن جي هڪ ڪاپي دائودپوٽي وارا سنڌ کڻي ويا. اُن ۾ شاهه صاحب جا اندازن 15686 بيت درج ٿيل آهن. اُن رسالي تان ڪجهه وقت اڳ سنڌ مان آيل تن فقيرن انڪل بہ هزار کن نوان بيت، ڪافيون/وايون اُتاري هڪ ڪتاب شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي

ڪرشنداس ماڻيڪ نندي ناول جي روپ ۾ شايع ڪيو آهي. شاهه جي رسالي تي آڌارت هئڻ جي باوجود بہ هنن ۾ ڪجهہ تفاوت نظر اچي ٿو.

سنڌي گجراتيءَ جي برک اديب جينت ريلواڻيءَ پڻ شاهه صاحب کي ڪٿي گجراتيءَ ۾ (1) ''شاهه لطيف'' (جيون چريتر)، (2) ''سنڌو تارا وهتا پاڻي''، (3) ''ڪڇ سنڌ نا سنتو''، (4) ''رهسيہ وادي صوفي سنتو'' ۽ (5) ''ڪڇڙي سنڌو نير'' ڪتابن ۾ شاهه صاحب جو ذڪر ڪيو آهي. هن بندي (جيني لالواڻيءَ) پڻ گجراتيءَ ۾ پنهنجي لکيل ڪتاب ''سنڌو نو وهيتو نير'' (2003) ۾ شاهه صاحب جي لوڪ ڪٿائن جو ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ منهنجي جنم ڀومي رهي آهي ۽ ڀني منهنجي ڪرم ڀومي. هتان جي زيارت ڪندي مون محسوس ڪيو آهي تہ ڪڇ ۾ برسات جي ڏاڍي اهميت آهي، جڏهن برسات وسندي آهي تڏهن ڀني ڪڇ خوشين ۾ جهومڻ لڳندي آهي. ڀنيءَ جي لوٽي ڀُونڱ ۾ هڪ ڪچهريءَ ۾ ويٺا هئاسين، اچانڪ ککر ڪڙڪيا، کنوڻ کجي، مينهن وسيو، ڀونگي ۾ ويٺل سڀ فقيراڻي جت وٺي ڀڳا پنهنجن گهرن ڏانهن. عجيب تماشو هو، مون هڪ جت کان پڇيو، ''ڀائي ڳالهہ ڇا آهي؟ ڪچهري اڌ ۾ ڇڏي سڀ ڇو ڀڄي ويا؟''

چيائين، ''ادل مينهن پوڻ شرط گهر پهچڻو پوي، اگر دير ڪنداسين تہ اسان جون ڌاڻون ويڳاڻيون ٿيو پون.'' ٻئي جت شاهه صاحب جو بيت جهونگاريو :

اڄ پڻ اُتر پار ڏي ڪارا ککر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
پرين جي پرديس، مون کي مينهن ميڙيا.
(سُر سارنگ)

سڄي رات برسات وسندي رهي، فضا ۾ تذڪار ڇانيل هئي. صبح سوير جڏهن اسين ڀونگن کان ٻاهر نڪتاسين تڏهن ڀنيءَ جي سڪل زمين تي ساوا-ساوا سلا ڦُٽي نڪتا هئا. ماڪ، موتين جي داڻن جيان چمڪي رهي هئي ازخود هڪ جت جي مُنهن مان نڪتو :

پيئي جا پريات، سا ماڪ ۾ پسو ماڙها،
روئي ڇُڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.
(سُر ڏهر)

شاهه صاحب جو ڪلام ڀني ڪڇ ۾ هرهنڌ، هر مؤسم ۽ هر خوشيءَ جي

گھوريو گھوريو ساھہ مٿان ساھڙ جنڊڙو.
3. ساھڙ ڏاران ساھہ رھي نہ رتيءَ جيترو،
مون کي محمد مير جو، گھٽ منجھارا گھاءُ،
اونھو وڃي اوڙاھہ کيئن پڌنديس کڏھن.
4. پانڌي پُڇ پرينءَ کي قدم پير ڏري،
پنھون پير پري، ڏرج جنازو جبل تي.
(پنيءَ سان سنڌي لوڪ گيت، ڊاڪٽر جينو لالواڻي صفحو-55-54، سال 2002)

ڪڇي ادب ۾ جيڪو گھڻي ڀاڱي گجراتي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل آھي شاھہ صاحب کي ڪڇ جو ”سرتاج شاعر“ ڪري سڏيو ويو آھي. ”ڪڇ ني جھوني وارتائو“ (1928) ۽ ”ڪڇ ني رس ڌارا“ (1952)، جيوارام اجرامل گول، ”ڪڇ ني رس ڌارا“ (1927)، جيرامداس نٿہ گانڌي ”ڪڇ ني رس ڌارا“ چار ڀاڱا (78 ,76 ,74 1972) دليراءِ ڪاراڻي، ”ڪڇ ني لوڪ ڪٿائو“ (1929) لالجي موڙجي جوشي ”ڪڇ لوڪ ني لوڪ وارتائو“ (1943)، ڏونگر شي ڌرمشي سنپٽ، ”ڪڇ نون لوڪ ساھتيہ“ (1965)، ”ڪڇ نون ووڌ لڪشي لوڪ ساھتيہ“ (1979)، ”ڪڇ نا لوڪ ساھتيہ مان پريم ڪٿائو“ (1984) دليراءِ ڪاراڻيءَ جي قلم بند ڪيل ڪتابن ۾ جدا جدا شاھہ صاحب جون رسالي ۾ درج ڪيل لوڪ ڪٿائون شايع ڪيل آھن. دليراءِ ڪاراڻيءَ جا ئي جوڙيل ”ڪڇ نا سنتو“ (1950 ,1979 ,1976) ۽ ”ڪڇ نا سنتو ۽ ڪوئيو“ (1947) ۾ پڻ شاھہ صاحب جو ذڪر آھي، اُن جو جيون چريتر ڪلام سان گڏ درج ڪيل آھي. راڻا منگل سنگھہ پڻ ”ڪڇ نا سنتو“ (1958) ۾ شايع ڪيو آھي اُن ۾ پڻ شاھہ صاحب جو شدت سان ذڪر آھي. ڪرشن داس ماٽيڪ ”سنڌي ني پريم ڪٿائو“ نالي ٻہ ڪتاب شايع ڪيا آھن جن ۾ شاھہ لطيف جي ڪلام ۽ لوڪ ڪٿائن کي ڪٽي شاھہ جي سورمن ۽ سورمين جو ذڪر ڪيو ويو آھي. ”دودو چنيسر“ جي ڪٿا جي سنڌيءَ ۽ ڪڇيءَ ۾ ساڳي روايت ملي ٿي. سنڌي لوڪ ڪٿا جتي پوري ٿئي ٿي ڪڇي لوڪ ڪٿا ”ابڙو ابڻگہ“ اُتان کان شروع ٿئي ٿي. گجراتي لوڪ ادب جي ودوان جھويرچند ميگھاڻيءَ پڻ ڪن لوڪ ڪٿائن کي پنھنجن ڪتابن ۾ درج ڪيو آھي. شاھہ صاحب جي لوڪ ڪٿا ”سسئي-پنھون“ کي ڪٽي ڪڇ جي اسماعيل مؤلويءَ ”سُر سسئي“ نالي تہ وري ”چارڻ ٻيجل راءِ ڏياچ“ کي

تو نکو ڏونگر ڏيهہ ۾، نکا کيچين ڪاڻ،
پنهو تيس پاڻ، سُسئي تان سور هڻا!

بني-ڪڇ محبوتن وندينڌڙ علائقو آهي. سنڌ واري مهان نوازي خوش خيرافت، پاڪر ۽ پچڻ جو ڍنگہ جيئن جو تيئن قائم آهي. ڀٽائيءَ جو ڪلام شفاف ۽ نرمل جل جي چشمي مثل آهي. سندس پيغام ۽ فلسفو سيني حدن ۽ سرحدن ڪان مٿي بنا پاسپورٽ ويزا جي پرواز ڪري پهچي ٿو. شاهہ جو ڪلام محب وطن جو پيغام ڏيئي ٿو. چيو ويندو آهي تہ ”جواهر پاڻ بہ سونهن واري شيءِ آهي. پر سون ۾ مڙجهڻ سان اُهو اڳي ڪان وڌيڪ سهڻو ٿي پوي ٿو.“ ساڳي ڳالهہ ڀٽ شاهہ سان بہ آهي. سندس شاهي تاب اڳيان سمورا نمڪندڙ تارا گم ٿي ويا آهن. بني ڪڇ ۾ شاهہ جو ڪلام پڙهڻ ڪان وڌيڪ ڳاتو ويندو آهي، اُهو بنيءَ ۾ جديد اثرن ڪان بلڪل آجو آهي. □□

موقعي تي جهونگاريو ويندو آهي. اُتي اهڙي ڪابہ ڪچهري نہ هوندي آهي، جتي شاهہ صاحب جي ڪلام جي پلٽ پلٽان نہ ٿيندي هجي. ڪچهري جڏهن مچندي آهي، تڏهن سگهڙ هڪ ٻئي کي ٻجهارتون ۽ پروليون ڏيڻ بہ شروع ڪندا آهن جن ۾ گهڻيون ٻجهارتون شاهہ جي رسالي جي سُرن تي آڌارت هونديون آهن. سُر سسئي، سُر مارئي، سُر سهڻي-ميهر، سُر مومل-راڻو، سُر ليلا-چنيسر، سُر سورٺ تي آڌارت انيڪ ٻجهارتون شايع ڪيل ڪتابن ''ٻجهارتون'' (1990) (سمپادڪ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ لالجي همٿوجي سوڌڙ) ۽ ''ٻجهارتون'' (2012) (مرتب : ڪلاڌر متوا) ۾ درج ڪيل آهن.

ٻني ۽ جي سگهڙن لاءِ پڻ شاهہ صاحب پريرڻا رهيو آهي ۽ شاهہ جي انيڪ سُرن کي ڪٿي قصا جوڙيا آهن. ڇڪي جت جو ''سسئيءَ جو قصو''، ''نوري ڄام تماچي'' جو حاجي ولي محمد بن حاجي مطلب، ''شاهہ لطيف جو جيون سنديش'' حاجي سليمان جت وغيره جون رچنائون ڪوتا ۾ ملن ٿيون.

(حوالو : ٻنيءَ جا ٻول جتن جاقول-
سال-1990، سهريندڙ حاجي سليمان جت)

''ٻني ڪڇ ۾ داستان مارئي- ٿيهہ اکري-ٿيهہ راتيون''، ''مارئي جون ٿيهہ تاريخون'' (ڳائيندڙ سگهڙ لالجي همٿوجي سوڌڙ) پڻ ڪچهرين ۾ ڪافي موج مچائيندي آهي.

(حوالو : ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت-ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي-2002)

''ٻيڇن'' ۾ ڄام چنيسر، سسئي-پنهون، عمر-مارئيءَ جو ذڪر، سُر سسئي-پنهون، جوڙيل سانوڻ فقير ڪان سواءِ سُر ساموندي (وڻجارو) گيت پڻ حاصل ٿين ٿا. مارئيءَ جا ڏور بيت پڻ فضا ۾ گونجندا رهن ٿا.

ٻنيءَ جي ڪچهرين ۾ شاهہ جا ڪجهہ بيت هن ريت پڻ ٻڌڻ لاءِ مليا :

(1) سر نسريا پانڌ، اُتر لڳا، آءٌ پرين،
مون تو ڪارڻ، ڪانڌ سهين سڪائون ڪيون.

(2) وکر سو وهاءِ، جو پڻي پراڻو نہ ٿئي،
ويڇينديءَ ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هڙَ هلاءِ، اڳهہ جنهنجي اُبهَين

ٻنيءَ جا جت اڪثر ور ور ڪري پيا گنگنائيندا آهن :

پيهي ڄان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،

عطا ٿيو جيڪو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ 1942ع ۾ سنڌيءَ ۾ سهڻو معياري ترجمو ڪيو جنهن جي اشاعت رتن ساهتيہ منڊل، ڪراچيءَ ڪئي. ٻيو سُڌاريل ڇاپو ورهاڱي بعد 1956ع ۾ هندستان ساهتيہ مالا، ممبئيءَ ۾ شايع ڪيو.

گيتانجليءَ جو انواد شري گوبندرام سلامتراءِ منگهاڻيءَ ڪيو جيڪو وري سنڌي ٽائيمس 1976ع ۾ شايع ڪيو. اِن ريت دنيا جي شاهڪار ڪتاب گيتانجليءَ جا سنڌيءَ ۾ ٽي ڇاپا شايع ٿيا. هزارن جي تعداد ۾ ڪاپيون وڪاميون. اوچ تعليم لاءِ سنڌ ڇاهي هند ۾ درسي ڪتاب بڻيو ۽ اڄ تائين سنڌي نوجوان پيڙهي هن ڪتاب جو ابياس ڪري، لطف ماڻيندي رهندي آهي ۽ هنن جي دلين ۾ ڪوي ٽئگور جي لاءِ عزت، شرڌا ۽ فخر قائم ٿيل آهي. ڪوي شريءَ جا ٻيا ڪوتا جا مجموعا جيڪي سنڌيءَ ۾ انواد ٿي عوام جي دلين تي ڇانيل آهن اُهي آهن، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو انواد ڪيل شاعريءَ جو مجموعو ''پريت جا گيت'' جنهن جي اشاعت رتن ساهت مالا 1940ع ۾ ڪئي. ٽئگور جو هڪ ٻيو شعرن جو مجموعو ''ڦُلا چونڊ'' شري هريرام ديارام ماڙيوالا سنڌيءَ ۾ آندو جيڪو 1956ع ۾ هندستان ساهتيہ مالا وارن شايع ڪيو.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ''پريت جا گيت'' اصلوڪو نالو (Gardeuw) جو انواد سنڌي نظماڻي نثر ۾ ترجمو ڪيو هو جڏهن ڪ ساڳيو ڪتاب اڳيم اُستاد لعلچند ''سدا گلاب'' نالي اصطلاحي نثر ۾ ڪيو هو.

پروفيسر ڪرشن ڪرپلاڻيءَ ٽئگور جي گيتن جو ترجمو ڪيل ڪتاب ''شاهہ جهان'' 1935ع ۾ شايع ٿيو.

ٽئگور جي ڪتاب Crescent Moon جو ترجمو ''ٻال چندرما'' ارجن ايسراڻيءَ ڪيو. ٽئگور جي هن ٻال اوستا وارن گيتن جي ترجمي جي اشاعت رتن ساهت منڊل 1940ع ۾ ڪئي. ''ڦل چونڊ'' سمپادن ۽ انواد هريرام ماڙيوالا 1956ع، ''گيت گنگا'' ترجمو سمرات ڦتن پرسواڻي 1995ع ۾ شايع ٿيو. سداحيات امر مهاڪوي ٽئگور جي ڪوتا جي اونهي ڳوڙهي، آڌياتمڪ راز سان رنگيل، گنڀير گلزاري گيان سان ٽمٽار آهي. هن جي ڪوتائن جي نزاڪت، رس ۽ رواني تہ پرپور آهي پر سنگيت سان پڻ اوت-پروت ٿيل آهن. شري منوهرداس ڪوڙومل ''ساهت جو سينگار'' ڪتاب ۾ سرڳواسي هريندرانات ٽئگور جو هڪ اعليٰ راڳي هو تنهن ٽئگور جي گيتن جي جيڪا شبد رچنا ڪئي هئي اُن ڪي ڪٽي رابيندرنات ٽئگور جا بہ عجاب سنگيت

رابيندرنات ٽئگور جو سنڌي ادب تي اثر

جرمن فلاسافر ڪائونٽ هيرمن ڪيئليرنگ 1931 ۾ ''گولڊن بوڪ آف ٽئگور'' ۾ ڄاڻايو آهي تہ،

''هن پرٿويءَ تي ڪيترين صدين تائين هن جهڙو ٻيو ڪونہ ٿيو. هُو هڪ قوم جو روح روان آهي. مان پنهنجي دلي دوست رابيندرنات ٽئگور جي جيتري ساراهہ تہ ڪريان، اوتري ٿئي ڪنهن زندهہ شخص جي نہ ڪريان. ڇاڪاڻ تہ هُو سڀني کان وڌيڪ وشو پريمي آهي. سڀني کان وڌيڪ اُدار دل ۽ جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي سڀني کان زيادهہ ڪامل شخص آهي.''

سچ بہ آهي عالمگيري اِنتظام جو ڪوڏيو، سنسار جي مهان ساهتيڪارن ۾ هڪ اعليٰ ادبي شخصيت آهي. مهاڪوي رابيندرنات ٽئگور، رچيندر ڪويءَ جي لحاظ کان ڪنهن بہ ملڪ ۾ سندس ثاني ٻيو ڪو ڪوي پيدا نہ ٿيو آهي. سنسار جي هن سريشٽ مهاڪويءَ هزار کان مٿي ڪوتائون جوڙيون تہ گڏوگڏ ڪهاڻي، ناٽڪ، ناول، قصا، مضمون، نثر ۾ متفرق ليک، آتم ڪٿا، سفر جا آزمودا، خط، ٻال ساهت وغيرهہ گهڻو گهڻو قلم بند ڪيو. 1961 ۾ سڄي دنيا هن اعليٰ اديب جي جنم شتابدي ملهائي ۽ هن جي وشال رچنا سنسار کي دنيا جي ڀاشائن ۾ شايع ڪري پڙرو ڪيو.

ٽئگور ادب جي هر صنف ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، سڀني بنگالي اديبن کان اڳر آهي. رابيندرنات سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳ بہ ئي هاڪارو، ڏُلارو ۽ عوام جو پيارو هو. هن جو شعر، ناول، ناٽڪ، آکاڻيون، ننڍا ننڍا نقطا، گفتا، قصا سنڌيءَ ۾ انواد/اُلٿو ٿي سنڌي ادب جي سونهن بڻجي چڪا آهن.

ٽئگور جي رچنائن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان وٺي شايع ٿيل نظر اچن ٿا. 1923 ۾ شايع ٿيل ''ساڌنا پستڪ'' اِن ڏس جو پهريون ڪتاب آهي جيڪو سنڌ جي ديش ڀڳت-اخبار نويس ويرومل بيگراج ٽئگور جو ''ساڌنا'' جو ترجمو ڪري ڇپايو.

ٽئگور جي شاهڪار 'گيتانجلي' کي 1913 ۾ عالمي ادبي نوبل اِنعام

''آخرين پيار''، ''سورهان سينگار'' وغيره ڪهاڻيون پڻ جدا جدا اديبن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، ٽئگور جي ڪهاڻين-آڪاڻين کي سنڌين جي دلين ۾ اوت-پروت ڪيو.

ڪٿا ساهتيہ ۾ ٽئگور پڻ ڪافي لوڪپريہ رهيو آهي. ''ٻڏل ٻيڙي'' ٽئگور جو پهريون ناول آهي جيڪو چينمل پرسرام گلراجاڻيءَ ترجمو ڪري ''پارتواسي'' اخبار ۾ قسطن ۾ ڇاپيو ۽ 1924 ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو. هن جي لنبي ناول The wreek اصل نالو ''نؤڪا ڊوبي'' جو انواد چوهڙمل ''طوفاني رنگ'' نالي ڪيو ۽ چوهڙمل ئي ٽئگور جو اصلوڪو نالو ''چوکيروالي'' جو ''مايا'' نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هيءُ ٽئگور جي سيني ناولن ۾ بهترين ناول شماريو وڃي ٿو جيڪو سپاويڪ واقعن ذريعي نهايت نازڪ ۽ اونهي چترڪاري ڪيل آهي جيڪو محبت جي مسئلي تي آڌارت آهي.

ٽئگور جي پنگتي ناول ''ڦلواڙيءَ'' جو ترجمو ڪرشن چينانند، سماجڪ ناول ''بہ پينر'' جو بهاري ڇاٻڙيا ۽ وري 1947 ۾ ساڳيو ئي ناول مائيداساڻيءَ ''ننڍي پيڻ'' نالي ڪيو.

1938 ۾ ڪماري گلي ڪرپلاڻي (گلي سدارنگاڻي) ''گورا'' ناول جو سهڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هيءُ پنگتي ۽ قومي ناول آهي. انگريزي پيءُ ۽ هندستاني ماءُ مان پيدا ٿيل هڪ نوجوان جي جدوجهد جو اثرائتي ۽ ڪلاتمڪ ڍنگ سان بيان ڪيل آهي.

ٽئگور جي بلڪل نئين قسم جي ناول ''سهڻي'' جو سنڌي ترجمو ڪهاڻي ناول مالها ممبئيءَ طرفان 1955 ۾ شري ڪرمچند ڏيواڻيءَ شايع ڪيو. هن ڪتاب جو هنديءَ ۾ نالو ''تين ساٿي'' آهي. هن ناول ۾ حقيقت ۾ ٽي آڪاڻيون ڏنل آهن. وڏي آڪاڻي ''لئباريٽري'' آهي. هن ۾ ٽيئي آڪاڻيون بلڪل آزاد هوندي بہ هن کي ناول سڏيو ويو آهي.

ٽئگور جي ٻين ٻن ناولن ''سنجوڳ'' بنگالي اصلوڪو نالو ''جوڳا جوڳ''، ''اڪہ سور'' بنگالي نالو ''چوکيروالي'' جا سنڌي اُلٿا آهن. اُلٿو ڪندڙ چوهڙمل ڏياريومل هندوجا آهي. ٻئي ناول ساهتيہ اڪادميءَ 1963 ۽ 1973 ۾ شايع ڪيا.

''چوکيروالي'' نالو جو انگريزي انواد ڪرشن ڪرپلاڻيءَ ''ونودني'' نالو ڏنو هو ۽ اُن ۾ هن مکيہ نايڪا کي انگريزيءَ ۾ اُپ نام ڏنو هو ''آءِ سُور''

تي نہ صرف ادبي مضمون شايع ڪيو آهي پر اُنهن آڏارت عجائب سنگيت جو انواد پڻ ڏنو آهي.

چترڪار پرشوتم لڇواڻيءَ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ٽئگور جي ترجمو ڪيل گيت آنڊ-مانڊ جو هڪ سندر عورت جو چتر چٽيو آهي جيڪو ”هندواسي“ هفتيوار جي 29 مارچ 1956 واري انڪ جي ٽائيٽل پيج تي شايع ٿيل آهي.

بهاري شهريءَ پڻ ٽئگور جي ”هوا جو سنديش“ ڪوتا جو سنڌيءَ ۾ انواد ڪيو آهي.

ان ريت سنڌين ۽ سنڌڙيءَ ڪوي شري ٽئگور جا گيت پڙهيا آهن، ڳاتا آهن، چترڪارن گيتن کان متاثر ٿي ڪويءَ جي ڪلپنا کي چترن ۾ ساڪار روپ ڏيئي اخبارن، مخزنن جي سونهن بڻائي آهي.

جتي ڪوتا سوکيم آهي اُتي ڪهاڻي اِستول آهي. ٽئگور اوائلي اصل ڪهاڻي نويسن مان هڪ آهي. هن جي اعليٰ ڪوتا ڪلا سان ڪهاڻي، ڪلا ۽ چترڪاري پڻ گڏيل آهي. ٽئگور پنهنجي زماني جي گهرو جيون، حالات، حياتيءَ جي واقعن، اِنساني سڀاءُ، پنگتي مسئلن ۽ ٻين ڪيترن روپن، گهٽنائن جن کي هوُ ڪوتا ۾ قلم بند نہ ڪري سگهيو آهي اُهي نثر ۾ ڪامياب، ڪلاتمڪ ڍنگ سان اُنهن جا چٽ چٽيا آهن. ٽئگور جي ڪهاڻين جي نقش نگاري ۽ سيرت نگاري مڪمل آهي، خيال شاعراڻي انداز جا آهن ۽ اِظهار بہ ڪافي وزنائتو آهي.

1891 کان 1914 تائين رابيندرناٿ ٽئگور جون جيڪي ڪهاڻيون شايع ٿيل آهن، اُنهن ڪهاڻين مان چونڊ ڪيل 21 ڪهاڻين جو مجموعو ”رابيندرناٿ جون آکاڻيون“ جن جو انواد فتحچند واسواڻيءَ ڪيو آهي ساهتيہ اڪادميءَ 1963 ۾ شايع ڪيو آهي. هيءُ ننڍيون آکاڻيون ٽئگور کي نہ صرف ڀارت جي ڀرين عظيم ترين ڪهاڻي نويس جو درجو پر عالمگير سطح جي ننڍي ڪهاڻي فن جو اعليٰ قلم ڪار-اُستاد ثابت ڪن ٿيون.

ٽئگور جون ڪهاڻيون ”پوسٽ ماسٽر“، ”ڪابلي والا“، ”ڏاڏو“، ”ٻئابل پتر“ سنڌيءَ جي ساهتيڪ رسالن ۽ ڪن درسي ڪتابن جي سونهن بہ بڻجي چڪيون آهن.

اول ترين گرڌاريلال ڪرپلاڻيءَ ”رابيندرناٿ جون آکاڻيون“ 1927 ۾ ترجمو ڪيون هيون. اُن بعد ”نروپما جو وهانوَ“، ”صوف“، ”سوڀهرو“،

جو انواد ڪلا ريجسنگهاٽيءَ ڪيو آهي.

مهاڪوي ٽئگور جو شعر، اعليٰ ترين، ناول، آڪاڻيون عالمي سطح جون ڪماليت واريون آهن. اُتي هن جا ناٽڪ پڻ اول درجي جا آهن. ٽئگور خود جا قلم بند ڪيل ناٽڪ خود شانتي نڪيتن ۽ آس پاس جي شهرن- ڳوٺن ۾ پيش ڪيا.

سنڌ ۾ ٽئگور جو ''چترا'' ناٽڪ جڏهن 1923 ۾ مهاڪوي ٽئگور پاڻ سنڌ جي ملاقات تي آيو هو ۽ سندس نالي واري رابيندرنات ناٽڪ منڊلي جو پايو وڌو ويو هو تڏهن ناٽڪ جا ڪي ڇهڇنا، ٽئگور جي سامهون پيش ڪياويا هئا. هيءُ ناٽڪ منڊلي خانچند درياڻيءَ جي رهبريءَ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرجوشيءَ سان وجود ۾ آئي.

بقول منگهارام ملڪاڻي،

''ٽئگور جي چترا ناٽڪ ۾ ارجن جو پارٽ مون ۽ چترا جو رول شري ٿهلرام آڏواڻيءَ ڪيو، جو اُنهن ڏينهن ۾ اڃا ڇوڪريون ناٽڪن ۾ ڪم ڪونه ڪنديون هيون. اُنسو جي ٻئي صبوح ڪويءَ ٻنهي کي پنهنجي رهائشي جڳهه تي گهرايو. هن اسان کي مبارڪون ڏيندي چيو، ''تہ گهڻن ئي اِسڪولن، ڪاليجن ۾ پنهنجو ناٽڪ ''چترا'' ڏٺو اٿم پر توهان جنهن سوز مان پارٽ ادا ڪيو، اهڙو اڳي ڪونہ ڏٺو اٿم.''

ساڳيو ناٽڪ ''چترا'' رابيندرنات ڪلب جي ڪراچي شاخا پڻ ڪيو هو. چترا جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ميءَ 1940 جي ''سنڌو'' مخزن ۾ شايع ٿيو.

1924 کان 1927 تائين منگهارا ملڪاڻيءَ جي برپا ڪيل نئين سنڌ ڪاليج ناٽڪ سوسائٽيءَ جي سهاري ڪاليجن جي ساليانی جلسن ۾ ٽئگور جا ساندهہ ٽي ناٽڪ ''مالتي''، ''راجا راڻي'' ۽ ''ٻليدان'' ڪيا ويا. هنن ناٽڪن ۾ شاگردن سان گڏ خود منگهارام ملڪاڻيءَ اداڪار طور پارٽ ڪنيا. ''ٻليدان'' سنڌ ۾ ٻہ ڀيرا فلمي صورت ۾ بہ آيو جنهن ۾ هڪ فلم جي هدايتڪاري موهن ڀاوناڻيءَ ڪئي. سنڌيءَ ۾ ''ٻليدان'' نالي ناٽڪ نويس درياڻيءَ پڻ آندو.

ٽئگور جو مشهور ناٽڪ ''ڊاڪ گهر'' جيڪو گرديو پنهنجو بهترين ناٽڪ ڪري سمجهندو هو 1937 ۾ ملڪاڻيءَ سنڌ ڪاليج جي گولڊن جبلي جشن ۾ ڪيو. هزارين ماڻهن هي ڏٺو. هن ناٽڪ جهڙي ڪاميابي ٽئگور جي ٻئي ڪنهن بہ ناٽڪ کي سنڌ ۾ نہ ملي. ساڳيو ناٽڪ ڪراچيءَ ۾ بہ ٿيو. ڀيرومل

جنهن جو سهارو ورتي چوهڙمل سنڌيءَ ۾ ناول رکيو آهي ”اڪ سُور“. گرديو جو هيءُ ناول سندس لکيل سڀني ناولن مان وڌيڪ پسند ڪيل آهي، پهرين صف ۾ بيهاريل آهي. اصل ۾ هيءُ 1902 ۾ لکيو ويو هو. ”سنجوڳ“ ۾ بنگال جي اميراڻي جيون جو اندريون چِٽر چٽيل آهي جيڪو ختم ٿيندڙ جاگيرداري طاقتن ۽ نئين اُڀرندڙ واپاري طبقي جي ٽڪراءَ جو چِٽر آهي.

”رابيندرنات ٽئگور“ جي ڪهاڻيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل پهريون سنگره آهي. ترجمو ڪندڙ گرڌاريلال ڪرپلاڻي جنهن شانتي نڪيتن ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي جو ترجمو ڪيل چينمل پرسرام 1927 ۾ شايع ڪيو هو. ڪرپلاڻي ”ڪابولي والا“ ڪهاڻيءَ جو به انواد ڪيو جيڪو 1928 ۾ شايع ٿيو.

اِن ڪانسواءِ ٽئگور جي ”ڪٿا ساهتيہ“ (Fiction) جا ٻيا ڪتاب جيڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو/اُلٿو ٿيا آهن اُهي آهن : ”آخرين ڪوتا“ نارايڻ ڀارتي-1956، ”پڙڀانگہ“ تيرٿ هنگوراڻي-1985، ”ڏهاڳڻ راڻي“ ميلارام واسواڻي-1946، ”گهر ۽ ٻاهر“ اديب-1956، ”گهر ۽ دنيا“ روچيرام گنگارام-1958، ”ڪوي ٽئگور جون آکاڻيون“ شيوارام آڏواڻي-1964، ”ڪير ڪنهن جو“ موتي ڇاٻڙيا-1949، ”مان“ لڇمڻ ساتي-1986، ”نيما“-1956، ”ڦلواڙي“ ڪرشن هيمراجاڻي، ”سِريتا“ لڇمڻ ساتي، ”شاهي تاج“ چينانند لالواڻي-1953، ”اِستري پرش“ جڳت آڏواڻي، ”ٽئگور جون آکاڻيون“ گرڌاريلال ڪرپلاڻي، ”ٽي ناريون“ جڳت آڏواڻي، ”طوفاني رنگہ“ چوهڙمل هندوجا، ”ڪير ڪنهن جو“ موتي ڇاٻڙيا-1988، ”مايا“ چوهڙمل، ”منزل“ ميلارام واسواڻي، ”ٻڏل ٻيڙي“ چينمل گلراجاڻي وغيره.

ٽئگور جون وڏيون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ناول جي روپ ۾ شايع ڪيل آهن. ”لئباريٽري“ جو جڳت آڏواڻيءَ ”سهڻي“ نالي 1940 ۾ شايع ڪيو. ٽئگور جي ڪهاڻي ”راجائي رنگہ محل“ نالي ترجمو آتمارام ڪرپلاڻيءَ ڪيو.

ٽئگور جي اينڪالاجين ۾ ”مهمان“ جڳت آڏواڻي (1961)، ”والميڪي پرتڀيا“ (1967) خاص آهن. مضمونن ۾ ”ساڌنا“ ويرومل بيگراج 1923 ۾ ٽئگور جا مضمون انواد ڪيا.

اِن ڪانسواءِ ٽئگور جي جيون تي ”گرديو رابيندرناٿا ٽئگور“ سنگم ساهت-ممبئي، ”ٽئگور“ شري نارايڻ ڀارتي ۽ ”اسان جو ڪوي“ ليکڪا- ليلا مجمور

ترجمو ڪيو آهي. ته وري ”نئين دنيا“ جي انڪ ۾ ”واسديو نرمل“ اُورشي ڪوتا جو آزاد نظم ۾ ترجمو ڪيو آهي. ”آريه ۽ اڻ آريه“ نالي سان موهن گيهاڻيءَ ٽئگور جو قلم بند ڪيل مذاقي ڇهڇٽو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ذڪر ڪيل مثالن مان اِهو به ثابت ٿئي ٿو ته ترجمو، انواد، اُلٿو ڪرڻ به هڪ ڪلا آهي جنهن ۾ مول ليکڪ جي ڀاونائن، ڀاشا، ويچارن کي ٻيءَ ڀاشا ۾ آڻڻ لاءِ ايمانداري ۽ گهري اڀياس جي ضرورت پوي ٿي جو مول جي سونهن، نزاڪت، محاورن، چوڻين سان نباهڻو پوي ٿو. ٽئگور جون انواد ٿيل ڪوتائن ۾ نظماڻي نثر جي فارم کي اوليت ڏني آهي. مول رچنا جي لفظن جي ميناج، ڇند، سُر ۽ تال سان نباهيو آهي.

گرديو رابيندرنات ٽئگور جي شانتي نڪيتن ۾ برک اديبن سروَ شري ڪرشن ڪرپلاڻي، ڪرشن ڪتواڻي ۽ ليکو تلسياڻيءَ اڀياس ڪيو. ڪرشن ڪرپلاڻي مرڪزي ساهتيه اڪاڊميءَ جو پهريون سيڪريٽري بڻيو. ڪرشن ڪتواڻي، ليکو تلسياڻي ۽ ٻين سنڌي اديبن جون رچنائون ٽئگور جي فلاسافيءَ، لکڻين تان، اثرانداز ٿيل آهن.

ٽئگور سنڌي ادب جو هڪ انمول رتن آهي. □□

مهرچند ''ڊاڪ گهر'' جو سنڌيءَ ۾ ''آزاديءَ جي ڪوڏيي'' نالي اُلٿو ڪيو جيڪو رتن وارن 1938 ۾ شايع ڪيو. آچاريه گدواڻيءَ ٽئگور جي هڪ ٻئي ناٽڪ جو ترجمو ''رت ياترا'' نالي ڪيو.

منگهارام ملڪاڻيءَ ٽئگور جي مهاڀارت تي آڌارت آڪاڻين تي ٻڌل ناٽڪ ''اُماڪ ۽ ونايڪ'' منهنجي تي آندو جيڪو آسنداس مامتورا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ''هندواسي'' مخزن ۾ شايع ڪرايو. ''مڪت ڌارا'' ناٽڪ جو اُلٿو سنڌيءَ ۾ چوهڙمل هندوجا ڪيو جو ''رتن'' رسالي ۾ شايع ٿيو.

ٽئگور جا ناٽڪ ''اونداهي ڪمري جو راجا'' روحاني راز سان ڀرپور، ''بهار جو چڪر'' رُت بسنت ۽ مندن تان جيوت جو اسرار پروڙڻا ۽ ''لال رنگي گل'' زندگيءَ جي گلن جي تمثيل آهي جو ذڪر پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ادبي مضمون ''ٽئگور جا ناٽڪ'' ۾ ڪيو آهي. ٽئگور جا ننڍا ناٽڪ ''ڪرڻ ۽ ڪُنتي'' ۽ ''ٻليدان'' به ترجمو ٿي منهنجي تي ڪيڏيا ويا آهن.

سنڌ ۾ ٽئگور جا ناٽڪ سنڌي ناٽڪ منڊلين، سنڌي هدايتڪارن، ڪلاڪارن طرفان سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ منهنجي تي آڻي ٽئگور جي ناماچار ڪي سنڌ ۽ سنڌين ۾ ڦهلايو ويو.

اِن ڪانسواءِ ''هندواسي'' ۽ ''روح رهاڻ'' ڪالم ۾ ايسرداس رائسنگهاڻيءَ ٽئگور جي رچنائن جو انواد پيش ڪيو آهي جنهن ۾ ''اسان جو حال هيٺو، تون پنهنجي مهر ڪر'' ڪافي ڌيان ڇڪايو آهي.

ڪوي گرديو ٽئگور جي جنم شتابدي 1961 ۾ ساري دنيا ۾ ملهائي ويئي تڏهن سنڌي ساهتيڪار به پُٺتي نه پيا. سنڌي ادبي مخزن ''ڪونج'' رسالي جو خاص ٽئگور شتابدي انڪ مهمان سمپادڪ ڦتن پرسواڻي، اُن ۾ چترا ناٽڪ جا به درشيه ڪرشن راهيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. سڄي گفتگو نظماڻي نثر ۾ ترجمو ڪيل هئي. ''آشيرواد'' ناٽڪ جي سري سان گوورڌن ڀارتيءَ ڪرڻ ۽ ڪُنتيءَ جي وچ ۾ گفتگوءَ جو سنڌيءَ ۾ انواد ڪيو. ''ساهتيه ڌرم'' ۽ ''ڪلاڪاريءَ ۾ ''آنند جو ويچار'' مضمون ۾ ٽئگور جا ساهتيه، رچنا بابت ويچار انواد ڪري ڏنا ويا آهن ۽ شري نارايڻ ڀارتيءَ جي ''سنڌي ٽائيمس'' جا خاص پرچا نڪتا. نئين دنيا، ڪهاڻي، ٻين مخزنن ۽ اخبارن ٽئگور جي ياد ۾ خاص انڪ شايع ڪيا.

''ڪهاڻي'' جو جيڪو خاص ٽئگور انڪ ميءِ 1961 ۾ شايع ڪيل آهي اُن ۾ ''اُروشي'' مول بنگلا ڪوتا جو نارايڻ شيام نظماڻي نثر ۾ سنڌيءَ ۾

پسند شاعريءَ جو بنياد وجهڙن مان هڪ آهي. نہ صرف ايترو پر هن هروقت شاعريءَ توڙي ترقي پسنديءَ جي قدرن کي سنوارڻ، سينگارڻ ۽ اُنهن ۾ نيون راهون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهيا. نارايڻ شيام جو شعر مٺڙ، مٺاس، گهري گنڀيرتا، نهر وارو، سندر ۽ سيتل سروور مثل آهي. هن جي ڪلپنا ڪماليت جون چوٽيون تي ڇُهي. شري شيام جي شروعاتي دؤر جون ڪوتائون ''سندوءَ'' ۽ ''ڪهاڻي'' رسالن ۾ شايع ٿيون جن اديبن ۽ شاعرن جو ڪافي ڌيان ڇڪايو هو.

جيتوڻيڪ ورهاڱي کان اڳ شيام جي هڪ شعرن جي دستخط تي سنڌ سرڪار جي ادبي بورڊ طرفان هن کي اِنعام حاصل ٿيو هو پر ورهاڱي بعد 1955 ۾ دادا هري درياڻي ''دلگير'' جي شعرن سان گڏ شيام جا بہ شعر ''ماڪ ڦڙا'' ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. بعد ۾ هن جي رباعين جو مجموعو ''پنکڙيون''، ادب جي دنيا ۾ قدم رکيو. اُن بعد غزلن جو غنچو ''رنگ رتي لهر'' ۽ سنڌ جي پراڻي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مجموعو ''روشن ڇانورو'' شايع ٿيو. ''ماڪ ڀنا رابيل'' ۾ شري شيام بلڪل هڪ نئين صنف ''هائيڪو'' تي قلم هلائي هڪ نئون ڪرشمو ڪري ڏيکاريو. هائيڪو جپاني شاعريءَ جو هڪ عمدو قسم آهي. شيام ئي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن اُن کي سنڌيءَ ۾ داخل ڪيو ۽ هن صاحب هائيڪو کي ''تصويرون'' نالو ڏنو. شيام جون تصويرون جيئريون جاڳنديون لڳنديون آهن. مثلن :

هي گنگا جا گهاٽ،

هانيون، گل، ٻيڙيون، ڏيا- لهر لهر تي لاٽ.

لهر لهر تي لاٽ شيام جي هڪ عمدي پيشڪش آهي.

تاجمحل جي تصوير شيام هن ريت چٽي آهي :

تاج ٿڌو ڄڻ برف،

چنڊ تڪيو سچ ڏانهن پر - ڪنهن بہ ڪڇيا نہ ٻہ حرف.

نارايڻ شيام ڪيترائي نئين قسم جا محاورا هن پنهنجي طرز تي ڪتب آندا آهن. البت محاورن هن جي شعر کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. سرهي ساوڻ، رنگ رتي سرهاڻ، روشن روح رهاڻ، ماڪ ڀنل آلاڻ وغيره محاورن جا ڪجهہ مثال آهن.

شيام هڪ نهنو، نماڻو ۽ وچولي درجي جو شخص هو. ''ماڪ ڀنا رابيل'' ۾ هن پنهنجي جيون جا چٽ چٽيا آهن. هن جا اِهي چٽ آتم ڪٿا جو روپ

نارايڻ شيام ۽ سندس شاعري

> ڪڏهن هاڪ شيريت ۾، ڪيڏي نه شام،
> سنڌي شاعريءَ جو اڪابر ڪٿي آ؟

هرڪوئي پڇي رهيو آهي ته جنهن شاعر شيريت ۾ هاڪ ڪڏهن، جنهن
شعرن ۾ رنگيني ڀري سو شاعريءَ جو اڪابر سهڻا چٽ چٽيندڙ مصور ڪٿي
آ؟ ڪٿي آ اُهو هنرمند وينجهر جنهن شعرن جا موتي وينجهيا ۽ سنڌيت جو
اعليٰ پيغام ڏنو. شاعريءَ جا نوان ڏانوَ ڏيندڙ گوهر، ڪوين جي دلين جو
دلبر، سنڌي شاعريءَ جو امبر، ممتاز شاعر شري نارائڻ شيام ڪٿي آ؟

اسين ڄاڻون ٿا ته هند-سنڌ جو هر دل عزيز ۽ عظيم شاعر لوڪ سکن جو
تياڳ ڪري الوڪ سکن جو لطف وٺڻ لاءِ هميشه هميشه لاءِ وڏي سفر تي
نڪتو آهي. پل هوُ جسماني طور هن دنيا ۾ ڪونهي پر هوُ گيتن جي گونجار،
سنڌ جي مٽيءَ ۾ سمايل سُگنڌ ۽ سُرهاڻ ۾ اڄ به حاضر آهي. هن جي شاعريءَ
جي مهڪ مينهن اُني تي ملير مان اُٿندي آهي اُها اڄ به ماحول ۾ قائم آهي.
شيام ڪتابن جي ورقن ۾ حيات آ. اچو ته شيام جي شاعريءَ تي هڪ نظر ورايون.

اِتهاس ٻڌائي ٿو ته جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد 1927 ۾ ڪوي
ڪشنچند ”بيوس“ وڌو. اِئين ته جديد شاعريءَ جا باني، پانديئڙا گهڻا
نوجوان شاعر رهيا آهن، پر اُنهن سڀني ۾ اڀرا رهيا شيخ اياز ۽ نارايڻ
شيام. شيخ اياز سونهاري سنڌ جي سرزمين سان نينهن جو ناتو جوڙي رکيو ۽
ورهاڱي نارايڻ شيام هند کي ڏنو، ٻنهي جي ڪوتا ۾ سچائيءَ جي سونهن
سرهاڻ آهي. شاعرشيخ اياز، نارايڻ شيام جي ياد ۾ اندازي 50 لک شعر
رچي ”سُر نارايڻ شيام“ نالي ڇپائي شيام لاءِ صدق ۽ عقيدت پيش ڪئي
آهي. اصليت پوريءَ اوُج تي رهي آهي. شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام هند
ڇاهي سنڌ ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري هڪ ممتاز درجو حاصل ڪيو
آهي. ٻنهي شاعرن کي سنڌ توڙي هند ۾ وڏي اهميت حاصل ٿيل آهي.

نارائڻ شيام عظيم شاعر ۽ حليم، ڪومل، نماڻو، مانيٽو ۽ نئڙت وار
مرڪندڙ شخص هو. نارائڻ شيام سنڌيءَ جي جديد شاعري توڙي ترقي

نارايڻ شيام غزل گو شاعر طور ڪاميابيءَ جي چوٽيءَ تي رسيل شاعر آهي. هوُ صاحب نمرتا، نياز، سادگي ۽ سڀاجهائيءَ جو مجسم هو. شيام جي غزلن ۾ جيڪا خوبصورتي آهي، ردم، رواني ۽ ميناج آهي سو ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ شايد ئي ملي. هن غزل ۾ پنهنجي دل جون اوريون، اوريون آهن. هن جا غزل فڪر ۽ فن جي خيال کان اوچي معيار جا آهن. هن فن جي ماهريت سان گڏ موسيقيءَ جي موُج ۾ اسان کي وٺائي آهي تہ وري زندگيءَ جو فلسفو بہ سمجهايو آهي. مثلن:

زندگي راڳڻي روح رچندي،
’شيام‘ پر ڪو ڪلاونت ڳائي!

يا

هيءَ تہ حيات ذرڙي جان،
جنهن ۾ وقت وڏا گهارا،
واسينگن جان ڦلڪارن سي،
جيئن جيئن واءُ وري.

شيام جي غزلن ۾ فطري فلو، نديءَ جي رواني، قافين ۽ معنائن ۾ ’’لوڪ‘‘ جو اُهاءُ هئڻ ڪري هن اڄ جي شاعريءَ جو ناتو ’’نئين ڪلاسيڪل يگ‘‘ سان جوڙيو آهي. تشبيهن ۽ استعارن جو اُپيوگ ڪرڻ، ڪلپنائن کي رنگ ڏيڻ ۽ حقيقت جي پرن تي اُڏامڻ جيڪڏهن ڪنهن شاعر وٽ آهي تہ اُهو نارايڻ شيام ئي آهي.

هئي زندگي رڃ جي ريت جان،
لڙهيس، جنهن جي لهرن ۾،
ڏينهن رات مان.

يا

مان زماني جي اُنهيءَ
باغ ۾ ڦٿس جنهن ۾
چا تہ ڪنڊ جو هيو شان،
گلن ۾ ٿي تريا

شيام پنهنجن غزلن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو سؤلو، سپڪ ۽ سهڻو اِستعمال ڪيو آهي ۽ لغت ۾ ڪي نوان لفظ پڻ جوڙيا آهن.

شيام لاءِ زندگي شايد نعمت هئي پر ڪيس شاعري رچڻ جي ڏات بہ مليل

پاسن تا. مثلن :

ريڊيو سنڌي راڳ،
چاءِ پيالي چپن تي، نيڻين ننڊ نہ جاڳ.
بس جي لنبي قطار،
ڪنهن جي ويٺيءَ جي اڇي - رڪي رڪي هڪار.

شيام جو شعر همدرديءَ جي جذبي جي تاڃي پيٽي سان سجايل آهي. روزمره جي جيون جون نااُميدون هن کي هيٺو ۽ دلشڪستو ڪونہ ٿيون ڪن. هوُ ڪلپنا جي عجب سنسار ۾ گم ٿي وڃي ٿو. هوُ پرچاري شاعر بہ ڪين آهي. شيام جا گيت بلڪل نوان ۽ نرالا آهن. ٿانڊاڻي جي لاٽ ۽ رنگ رتي لهر سنڌي ٻوليءَ جي انوکي چيز آهن.

موجوده دؤر ۾ سنڌي شاعرن ۾ نارائڻ شيام ئي آهي جنهن ’’روپ مايا‘‘ ڪنڊ ڪاويہ سيني ڪان ڀرين رچيو. اِن مان اِهو بخوبي ثابت ٿئي ٿو تہ هن کي جيون جو گهرو اڀياس آهي. هنن کي اِنساني فطرت جي پيچيدگين جي ڄاڻ، ڀاشا شڪتيءَ جو گيان، ٻوليءَ ۽ شعر جي نيمن تي مڪمل ضابطو آهي. شيام مهرشي وشوامتر ۽ اپسرا مينڪا جي ڪٿا کي ئي روپ مايا جو وشيہ بڻايو آهي. هن جي رنگين بيانيءَ، نئين طرز ۽ نون خيالن شيام جي شاعريءَ کي وڏيڪ لوڪپريہ بڻايو آهي. اِئين بہ چيو وڃي ٿو تہ ’’شاهہ وائيءَ کي جنم ڏنو، اياز اُن کي پالي نپائي جوان بڻايو ۽ شيام اُن کي سجائي، سينگاري، گهڻا پائي سهاڻ بڻايو.‘‘ اِها حقيقت بہ آهي تہ شيام جي وائي سدا سهاڻ آهي. وائيءَ جو هڪ مثال هن ريت آهي :

چانڊوڪيءَ جو چاهہ، ڪئن نہ چمي رابيل کي،
سهڻي اُجلي روپ ۾.
ڪنهن سپني جو ساهہ، ڪئن نہ چمي رابيل کي،
گونجي سرهي راڳڻي،
مرڪي شانت شام - ڪئن نہ چمي رابيل کي.

اسان شيام جي تصويرن جو ذڪر ڪيو آهي پر هن جون کي تصويرون پرولين مثلن آهن. مثلن :

ڪئين چتا هيءُ قول،
ٽڙيل اِئين ئي شاخ تي،
سائين پوي قبول.

اسان کي جيون مليو آهي جيئڻ لاءِ پر شيام جيئندو هو ٻين لاءِ. هن صاحب اندر پوڄواڻيءَ جي ''تنها'' کي پنهنجي غزل جي شعر ۾ هن ريت اظهاريو آهي :

کوي ۽ روي، پرڻ ٻنهي لاءِ لازمي،
تي ڏنو پاڻ کي جلائي مون، روشني مون ۾ ڪيتري آهي.

شيام ۾ نهنائي ۽ حليمائي ڀريل هئي. هوُ سانتيڪو، پاڻ ۾ پورڻ، رنگ ۽ سنياسي سڀاءَ ڪارڻ هڪ علحدي شخصيت جو مالڪ هو. زماني جي هوائن کان، ڏيکاءَ، خاموشيءَ کان پري، پنهنجي اصليت کان بي خبر ۽ خود پنهنجيءَ قابليت کان اڻ ڄاڻ هو.

شاعر آهيان 'شيام' ڇپائون تنهن ڏينهن،
تنهن تي مرڪي، ڪنهن ورجايو هو 'ڪير؟'
دل جا احساس کان خالي، نه ڪي گيتن جي
ساز ناساز تي ڳايان به تہ ڳايان ڪيئن مان!
حال منهنجو نہ جي ٻڌين تہ ڇڱو،
گونگو روئي تون، جيءُ جهوريندين.

شيام احساسي شاعر جي رڳ-رڳ ۾ ڪوملتا واري ڀاونا هئي ۽ هو جيڪي ڪجھ ڇئي نہ تي سگهيو، اُن کي هن لفظن ۾ اِظهار ڏنو.

زندگي تنهنجي ادائن مان تيبو بر آهيان،
غم جا پهلو نہ بدل، نيٺ بہ شاعر آهيان.
نہ دل پنهنجي نہ تون پنهنجو، سهارو مان وٺان ڪنهن جو،
اُکيا ڳوڙها نہ ڪنهن منهنجا، پنل هو پاند جنهن تنهنجو.

''ماڪ ڦڙا''، ''واريءَ ڀريو پلاند''، ''آچيندي لڇ مران'' عنوان ئي شيام جي حليمائيءَ جي پوري-پوري ثابتي ڏين ٿا. حليمائي هن جي سڀاءَ جو اهم جزو رهيو.

جيون منهنجو، منهنجو ساز،
منهنجا گيت، هي ڏينهن ۽ رات،
ڪنڊا ڪئن نہ لڳن اي شيام!
آهہ گلاب جو ڦول حيات.
شيام جوڙيا شعر، گل جي سونهن ۽ سرهاڻ جا،
ڇو نہ تنهن کان تي پوان ان نزاڪت جو سبب.

هئي. اِنڪري ته چئي ويو :

”شيام“ حيات به نعمت آهي،
ويتر اُن سان شعر جي ذات.

۽ اِهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي غزلن جي مجموعي جو نالو به رکيو ”ذات ۽ حيات.“

شيام اسان کي جيئڻ جا نوان طريقا به سيکاريا آهن. هو چون ٿا :

ٻول ٻڌي منصور سريکا،
سوري آخر سرچي ويئي.

ڪير سمنڊ جو آهي رتن،
وهي زهر هلاهل پيءُ.

هن عظيم شاعر زندگيءَ ۽ موت کي به آمهون سامهون بيهاريو آهي. هڪ سهڻي تشبيهه ڏواران :

موت جي آرسي رکي سامهون،
زندگيءَ ڇا ته پاڻ سنواريو آ!

موت جو ڊپ ڏيندڙن کي هو للڪاري چوي ٿو :

دوست! ايڏيون دوائون ڇا جي لاءِ؟
موت کي اِئين پوائتو نه ڌڪاءِ؟
موت آهي جو خود به خود ايندو،
پر جيئڻ لاءِ ڪا ڪار ڪماءِ.

ها، اسان جو لڄارو ۽ شرميلو ”شيام“ ڪار ڪمائي ويو، ڏاڪ ڄمائي ويو ۽ ويندي ويندي اِهو به سمجهائي ويو ته،

زندگي ٺهڪ نه پر ”شيام“ ٺٺولي آهي،
اڳي سوچيندو هيس، هاڻ مگر ڄاڻ پيئي.

هو دک ۽ سک کي ”پريںءَ جي پار“ جي منائي ڪري سمجهندو هو. ڏکن ۽ ڏاکڙن ملڻ تي، پنهنجائپ ڀري ميار ڏيئي پرماتما کي چوندو هو :

ڏنئه ڀرين ڏکئي دل،
وري هيءُ ذات ڏکڙن جي،
اکڙين جو پاند لڙڪن سان ڀريئه،
تنهنجي سخا آهي.

هئي. سنڌ جي سار، وطن جي جدائي ۽ پيار ھن جا لڙڪ ۽ من جي بي‌پناھ بارش بڻجي پيا آھن. ھوُ صاحب فرمائين ٿا:

سنڌ سنڌين ۾ وسي،
سنڌ ھتي، سنڌ ھُتي،
گنگا جمنا، امرت امرت،
ليڪن ٿيڃ تہ سنڌو آھي.

شيام ڪڏھن بہ شاھ لطيف، سنڌو ندي، سنڌ جي نقشي، سنڌي ٻولي لولي، ٻيجل ۽ سسئي، سھڻي، مارئي ۽ مومل وغيرہ کي ڪين وساريو. ھن اُنھن کي ساھ سان سانڍي رکيو. سنڌڙيءَ جي ياد ايندي ئي شيام جي اکين مان ڳوڙھا ڳري پوندا ھئا. ھوُ صاحب لکن ٿا :

واجھائي اُپ ڏانھن،
سنڌي ڳولھي شاھ پئي،
پيھي پٽ مٽانھن.

ٻيجل منڙي لوءِ،
سنڌي لوليون ننڊ ۾،
ٻڌبيون ھن ڪان پوءِ.

روئي روئي ھاءِ،
مون جا چانڊوڪي ڇڏي،
تون ئي چنڊ ٻڌاءِ،
اڄ بہ آھي سنڌ ۾.

شيام واقع ئي شيام آھي. خود نھنائي سان چوي ٿو :

”جو ئي آھيان- سوئي آھيان،
ھر ڪنھن لاءِ تہ بہ ساڳيو ناھيان.“

نارايڻ شيام سنڌ ۽ سنڌيت جو ھڪ عيوضي شاعر ھو. ھن جي ڪومل ڪوتا ۾ ”سنڌوءَ“ جي سيتلتا ۽ گنگا جي نرملتا ھئي. ھن صاحب گنگا ڪناري ويھي سنڌوءَ کي ساري، سنڌ کي ماڻيو. شاعريءَ جي شھباز کي سوين سلام، سلام سرحد پار جي سنڌين لاءِ ۽ سلام ماترڀومي، جنم ڀومي سنڌ لاءِ... سلام... سلام...! □□

شيام جي شعر ۾ روايت ۽ ساسيت پنهنجي هئي. هوُ هڪ نرالو شاعر هو
هن جي اکين ۾ نج اُجالو، روشني هئي ڳڻوڳڻ دوردرشتي هئي جنهن ڪري
هن ايڪتيءَ کي اُٽيو ۽ سڦلتا بہ حاصل ڪئي. هن نت روايتي سوز ۽ سندرتا
کي سالم رکيو.

جي پري پاريم اُنهن مان نت نيون،
مون پنيان جوتيون، سدا جلنديون رهيون.
اي شيام اکيون ڀوتي بيخود هئس ڪنهن ڏن ۾،
ڪو ساز هئي شايد، چاهت جي اڪيلائي.
ڦرندي تہ لفظ لفظ جي معنيٰ ڦري وئي،
ساڳي ڳالهہ، ڳالهہ جدا پانئجي پيئي.
ڳذريل جڳن جي چانو پيل آهي اڄ تہ شيام،
هر ڳالهہ ڇٽڪ ڏند ڪٿا پانئجي پيئي.

شيام ۾ نہ هو اهم ۽ نہ ئي ادمبر، هوُ خود چوي ٿو :

هجي جا ڪاڻ جو، ٻين جي ۽ خامين ڪان ٻنهہ آجي،
نہ پنهنجي زندگي اهڙي نہ شاعري پنهنجي.

شيام جو شعر سنڌ جي ساروڻيءَ سان بہ پرپور آهي. هوُ صاحب فرمائين
ٿا :

جواني جنم ڀومي ءَ مان ڪٽي،
نڪرڻ کي سارين،
ٻنهي مان ڪنهن ڀهاني پي،
ڏسي هاڻ نہ سگهي،
'شيام' پنن جي ٻيڙي ناهي،
ڳت داٽا پري،
سونپيم سنڌوءَ جي لهرن کي،
من ڪا ويل ٿري.

نارايڻ شيام جي شعر ۾ سنڌيت، سنڌ لاءِ ڇڪ ۽ سڪ ڪوٽان ڪوٽ پري
آهي. پنهنجي مٽيءَ لاءِ محبت ۽ ڌرتيءَ جي دانهن هنن جي ڳيتن ما
لياڪا پائيندي اُپري ٿي. شيام کي نہ صرف سنڌ جي ڌرتيءَ سان محب
هئي پر سنڌ جي پکين-پسن، وڻن-ٽڻن، گُلن-ٻوٽن ۽ ماڻهن-مرن سان

چوڻ کان ڇپ ڪندا، ڪنهن جي چوڻ سان ڇا چوڻ وارا؟
ڪرڻ جيڪي به چاهين ٿا، ڪري گذرن ڪرڻ وارا.

مٿين غزل جي مُکڙي ۾ فاني صاحب جو سچ چوڻ وارن جي اخلاقي همت ڏانهن اِشارو ته آهي پر پنهنجي آتم وشواس ۽ منوبل ڏانهن پڻ پاڻکن ۽ اديبن جو ڌيان ڇڪايو آهي.

ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي چاهنا دل ۾ هجي ته ڪوبه ڪم مشڪل ناهي. اُردو شاعر اقبال به آزادي آندولن وقت چيو :

سرفروشي ڪي تمنا اب هماري دل ۾ هئه،
ديکنا يهه هئه، ڪتنا زور، بازوءِ قاتل ۾ هئه.

هن ئي غزل جي ٻئي بند ۾ فاني چوي ٿو :

بلند پرواز جي برڪت عطا ڪيئن عام ڪي ٿيندي؟
ٿين هرگز نه شاعر سڀ ٿا تارن ڏي تڪڻ وارا!

اِهو ئي ته شاعراڻو فن آهي، جنهن دوارا فڪر عيانْ (ظاهر) ٿئي ٿو. ڪيئن سليس نموني چوي ٿو ته اڄ جي جنتا کي پرواز جي برڪت عطا ڪيئن ٿيندي؟ ڇو جو، سڀ شاعر آسمان جي تارن ڏي تڪڻ وارا ڪونهن. جنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ پرواز جي اوچائي ڪونهي، سو عوام کي ڪيئن پهچائيندو؟ اُتي ئي پختي ۽ عظيم شاعر جي حيثيت ۾ پڌرو ٿي پوي ٿو فاني صاحب!

دنيا جي مخاطب شاعر فاني چوي ٿو:

مون کي نه آهي ساقي مئه جام جي ضرورت،
تنهنجي نگاهن ۾ بس، مون لاءِ هجي مروت.

هوُ صاحب مروت جو محتاج آهي، جا، هن دنيا مان ماڻ پر ڪري اُڏامي رهي آهي، ڇا اِها زماني تي طنز ناهي؟ ٻيو غزل، جنهن جي شعر ۾ پڻ مادرن طنز جو طوفان ڪاهيندو اچي، ڇي :

آهي حرفت جي محل تي ڪو فضائن جو فضل،
مان خزائن ۾ آشيانو ٻڌائي نه سگهيس!

”حرفت جي محل تي فضائن جو فضل“ النڪارن، اِستعارو ته اُپري بينو ئي آهي پر طنز جي طرز پڻ تراوت ڏيندڙ آهي.

اِهو ئي شاعر اڳتي هلي آشاوادي شاعر جي روپ ۾ چوي ٿو :

گانڌي گوتم به وري جنم وٺڻ لاءِ ايندا،

ڪيئلداس بيگواڻي ”فاني“ جي شاعريءَ ۾ طنز - قدرتي سونهن - شرنگار رس

شعر زندگيءَ جو ترجمو يا ڇايا چتر آهي، جنهن ۾ نه فقط رنگ ۽ اُمنگ پر سڪ ۽ سوز ۽ سِيسراٽون، شعلو ۽ شبنم به موجود آهن. انهيءَ ڪري شاعر نه فقط پاڻ ڪي پر صحبتين کي به ”لُڙڪن جو ڪٽي جام مرڪي تو پياري. حوُ حياتيءَ جي تلخ حقيقتن کي ماکيءَ ۾ ٻوڙي شيرين بڻائڻ جي قوت ۽ ڪلا اِستعمال تو ڪري.“

شري ڪيئلداس بيگواڻي ”فاني“ جي متين صاف گوئيءَ سان بلڪل شاملراءِ آهيان. ڇو جو حوُ روحانيت ۽ معرفت جي منزلن کي وقت جي دٻاوَ کان دور کان ڏسي ٽڪل پيو لڳي. تنهن ڪري اِهي پيچيديون راهون ڇڏي سماجوادي ترقي پسند ٿي، جماليت ۽ جدت جي نالي ۾ نوان تجربا ڪندو رهيو آهي. هن صاحب شعر ۾ جدا جدا صنفون ۽ صنعتون جوڙي اُن جي اسم ۽ جسم کي زياده ترجيح ڏيندي شعر جي روح ۽ اصلي آتما کي ڪي قدر نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، اِنڪري سندس شعر سماج جي سنم سهندڙن لاءِ **سوز** ۽ شعر ۾ سنگيت لاءِ **ساز** جا جذبا پرڻ ۾ ڪامياب ڪلاڪار/چترڪار ثابت ٿيو آهي.

فاني صاحب لڳ ڀڳ شعر جي سيني صنفن تي قلم آزمائي ڪئي آهي. جن ۾ شعر جون مڙئي خوبيون جهڙوڪ : ڪٿي سلاست ته ڪٿي جدت، ڪٿي بلاغت ته ڪٿي جوش نظر اچي ٿو. ”فاني“ صاحب جي صحبت مان ئي شاعراڻو شعور پائي سنڌ جو هردلعزيز شاعر شيخ اياز، ڪوهنور هيري جيان چمڪيو، اها ڳالهه ته ڪنهن کان ڳجهي ڪونهي، اهڙي اُستاد شاعر جي شاعراڻي شخصيت کي اُجاگر ڪرڻ ۽ سندس شاعراڻي قوتن کي اِظهارڻ لاءِ سندس شاعريءَ جو جائزو وٺائيندي جن موضوعن سان نباهڻ جي ڪوشش ڪبي. اُهي آهن : فانيءَ جي شعر ۾ طنز، آشاواد، قدرتي سونهن ۽ شرنگار رس. سڀ کان پهرين فانيءَ جي غزلن ۾ طنزجي طور طريقي کي ڏسون:

داغ دل جا مڙيئي ميسارجي ويا.

پنهنجي دل جي داغن کي آنسن جي روشن سان ڌوئيندڙ شاعرن جي عظمت کان متاثر ٿي سنڌ جي مايہ ناز شاعر شيخ اياز کي چوڻو ئي پيو : ”فاني صاحب لفظن گهڙڻ ۾ هڪ سهڻو سنگتراش ۽ ماهر مصور آهي.“ اِها لنڊي خوشامد ناهي، پر سچائي آهي، جا سندس شعر جي صنف مان لياڪا پائي ٿي. هيٺيون غزل جو بند ان جي شاهدي ڏئي ٿو :

سڀ ڪوئي سچ کي وينو ڪوڙ سڏي،
ڪوڙ ايڏو هلي هلي ويو آهي!

يا

ويا شرافت جا وڻ پاڙون ئي پٽجي،
اهڙو طوفان ڪو گهلي ويو آهي!

رنگين زبانيءَ جي دلڪش پوش ۾ ملبوس مٿيون طنزي مثايون فاني صاحب جي شاعريءَ جو ذائقو وڌيڪ وڌيڪ منو بڻائين ٿيون. حياتيءَ کي شيشي مثل نازڪئون سمجهندڙ شاعر ’فاني‘ سهڻي تشبيهہ دواران فيلسوفاڻا ويچار قلمبند ڪري پنهنجي فني قوتن جو اِظهار ڏسو ڪيئن ڪيو آهي:

حياتي آهي شيشي نازڪئين جُيان،
جو پرزا ٿي بہ ڀُڳيو ڪجھ نہ هوندو!

هاڻي پاهران جن جو منهن ڀڪي ٿو، تن بابت ڏسو شاعر ڇا ٿو چوي:

پاهران منهن تہ سڀ جو ٿو ڀڪي،
ڪنهن جو دامن نہ داغدار آهي؟

يا

کهڙي اوندهہ پنيان اُجالو ناهہ،
هر خزان پوئتان بهار آهي.

اڳي بہ چيو ويو آهي تہ طنز جي شعر رچڻ ۾ جيترو فاني صاحب ماهر آهي، اوترو ئي آشاوادي نظريو اپنائيندڙ قابل ڪوي پڻ آهي.

اڄ جي رهبرن لاءِ سندس چڪاسي نظر ڏسو ڇا ڏٺو آهي ۽ حساس دل ڇا محسوس ڪيو آهي :

هوش رهبر جو، ڇا رلي ويو آهي؟
پنهنجي گهر جو ئي در ڀُلي ويو آهي!

فانيءَ جي شاعريءَ ۾ قدرت : فاني صاحب سڄي زندگي هڪ آدرش

پنهنجي جذبن جو، اُنهن کي، جي هندستان ملي.

ڏسو، پنهنجي وطن لاءِ حب ۽ مهان آتمائن جي جنم نہ وٺڻ جو ڪارڻ کهڙي نہ فنائتي نموني شعر ۾ اظهاريو آهي. جذبن جو قدر هندستان ۾ اڄ نہ رهيو آهي، انڪري اهڙا مهان پرش ظاهر ئي نٿا ٿين، ٻي قدرن جي ڀڳہ ۾. هيءَ هڪ ٻيو طنزي تير ڏسو تہ فاني جي شعر مان ڪيئن تيز ۽ تز مقصد ڏانهن وڌيو آهي.

سڀ جي هٿ ۾ پيو پٿر ڏسجي،
ڪِٿ شرافت وڃي لڪي آهي!

ڏاڍ ۽ ظلم، پوءِ آتنڪوادي هجي يا اُگروادي يا تراس وادي، اڄي ڪان اڳرو آهي، ان ڪري شاعر چوي ٿو هر ڪنهن جي هٿ ۾ ستم جو پٿر ڏسي، پنهنجي تڪڻ جي سلامتيءَ لاءِ شرفات ڪي تہ لڪو ئي پوندو نہ! شاعر ساڳيو پر طنز جو طريقو نرالو،

تڪِن فرش جا عيب سڄ، چنڊ، تارا،
نگهبان نہ ڪو آ گگن واسطي.

زمين جي نگهباني سڄ، چنڊ، تارا ڪن ٿا، اوڻائين ۽ عيبن کي جاچڻ لاءِ پر آسمان جو ڪو نگهبان ئي ڪونهي تہ هوُ ڪيترو گنهگار آهي. آسمان فاني صاحب جي نظر ۾ نيڪا ئي تہ آهي!

وري النڪار جو صحيح ۽ سهڻو اُپيوگہ طنز کي تازو ڪرڻ لاءِ :

هردم منهنجي غم جي کيتي،
اکين جي آنسن تي اُسري.

پهرين مصرع ۾ النڪار استعارو ۽ ٻيءَ مصرع ۾ النڪار تجنيس حرفي ڪم آئي غم کي کيتي ڪوٺي آهي، جنهن کي آنسن روپي پاڻي سائو سبز ڪري ٿو.

آشاوادي شاعر طور پنهنجن گهڻن تڻن شعر ۾ فاني صاحب پڌرو پت تي بينو آهي. ڏسو سندس غزل جو هيءُ شعر.

ساه سرءُ جي جهڙپ سکايو،
ليٽي پيئي پر اُتنداسين.

اهڙي ئي ڍنگہ جو نراشا جي اونده چيري آشاواد جي روشني ڪڍي نئيڙو هڪ ٻيو بہ شعر آهي :

مون رُنو ايڏو عيبن تي لڄي ٿي،

جي قرباني جو ذڪر ۽ فڪر ڏسو ڪيئن نہ فنائتي نموني ڪيل آهي. گلشن ۾ گل سان گڏ پنکڙيون ڪِرن ٿيون ۽ سونهن ۽ سرهاڻ ماڻڻ لاءِ تِرن بہ ٿيون ليڪن فاني صاحب چوي ٿو سندن اِهو مختصر پر سهڻو سفر آهي ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ پيلن پنن وانگر پٽ تي پنکڙيون پيون هونديون، جن کي هوا اُڏائي ڪنهن اوراه ۾ هٽندي يا ماڻهن جي پيرن هيٺان دبجي، بوساٽجي نيست وَ نابوُت ٿي ويندڀون. اهڙو ئي حشر جيون حسين سفر جو آهي، چئن ڏينهن جي چانڊوڪي وري، اُها ئي اونداهي رات. جيون جو فلسفو ازخود جڙيو پيو آهي مٿئين شعر ۾.

هاڻي هيءَ هڪ ٻي ڪوتا، جنهن ۾ قدرتي چيزن ذريعي، سنجم جو پاٺ پڙهائي، زندگيءَ جي فلسفي کي ڪيئن نہ جوڙيو ويو آهي :

چڏي ڏرتي نہ اُپ ڏي ڪا نظر ڏر،
نہ ڪڪرن جي ڪرم تي پاڙ اکٹر،
جي سنجم سان رهڻ چاهين ٿو جڳ ۾،
فقط شبنم جي قطره مان گذر ڪر.

شنبم جي قطري ۾ گذر ڪري سنجم سکڻ جو ڍنگ، ڪهڙو نرالو آهي، فاني صاحب جو! ان لاءِ ڪيس ڌرتيءَ کان سواءِ اُپ ڏانهن نظر ڏرڻ جي منع ڪري ٿو يعني ايمان کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ۽ ڪڪرن جي رحم ڪرم تي ٽڳڻ بدران شبنم جي قطري مان گذر ڪرڻ جي صلاح جهڙو رومال سهڻو، اهڙو مال سهڻو. ماڪ ڦڙو گل کي ڪِلائي ٿو ۽ اسان؟ اسان کي بہ اِنساني جيون روپي گُل کي ڪِلائڻ ۾ ماڪ ڦري جيان ٻڻجڻو پوندو.

ساڳي شبنم، پر فاني صاحب قدرتي چيزن کان الڳ الڳ هنڌن تي الڳ الڳ ڪم ورتو آهي :

پاڻ موڏائي ٿي متي ڏئي ڦل محنت جو،
هي ڪرشمو ڪوئي ڪمال نہ آهي قدرت جو،
جي گلن تي پيون خوشبو جون بوندون چمڪن،
اُها شبنم نہ پگهر ۾ آ، اثر برڪت جو.

گلن تي چمڪندڙ ماڪ ڦڙن کي پگهر چئي، اُن ۾ برڪت جو اثر رکندڙ فاني صاحب ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ڪو ٻيو!

حياتيءَ جو فلسفو اجا بہ صاف چٽو ڪندي چوي ٿو :

اها چئہ ڪهڙي آهہ حيات،

استاد طور گذاري آهي، تعليمي توڙي ساڃنيڪ کيتر ۾. آخرين وقت ۾
پرنسيپال جي روپ ۾ نشڪام شيوائون ڏيندي فارغي اختيار ڪئي اٿائين.
حن صاحب گهڻو تڻو شعر قدرت جي ثنا ۾ چيو آهي ۽ فيلسوفاڻا ويچار
سندس شعرن ۾ اڪثر اوت پروت ٿيل هوندا آهن. ڏسو فانيءَ جي قدرت
جي ساراهه ۾ چيل هڪ گيت :

پرهه ڦٽيءَ جو صبح سويرو،
سج کي هو، ڪرڻن جو گهيرو،
ماڪ اُگهيو گل جو مُنهن ميرو،
شايد شڪڻي شڪتي ڪائي،
مون وٽ اُپ مان اُڏڙي آئي.

هاڻي حن ئي شاعر جا فيلسوفاڻا ويچار بہ ڏسو :

دکہ سکہ سڀ دنياداريءَ ڪان،
چت جي چنتا چنگاريءَ ڪان،
ڪير بچائي بيزاريءَ ڪان؟
ڪوتا ڪومل آهہ ڪماري،
نرم نفيس نزاڪت واري.

عام طرح ماڻهو غم غلط ڪرڻ لاءِ شراب جو جام پري پري پيئندا آهن، يا
ڪنهن ڪوني تي ڪنهن ڪچريءَ جي سيني سان وڃي لڳندا آهن. پر فاني
صاحب دکہ سڀ ۽ وهنوار کي دنياداري بہ ڪوني تو ۽ چنتا کي چنگاري
چئي سهڻو اِستعارو ڪم آندو آهي، جنهن ڪان نجات پائڻ لاءِ، پنهنجي
بيزاريءَ ڪان، پاند آجو ڪرائڻ لاءِ ڪومل، نرم نفيس نزاڪت واري ڪوينا،
سا بہ ڪنواري، تنهن سان لائون لهڻ تو چاهي. اِهو ئي تہ آهي زندگيءَ جو
فلسفو!

هاڻي سندس ''پنکڙيون'' عنوان واري ڪوتا جو جائزو وٺون ۽ ڏسون تہ
قدرتي سونهن جي ثنا ڪيئن تو ڪري :

خوشنما گُلشن ۾ گُل سان گڏ ڪڙيون،
سونهن ۽ سُرهاڻ ماڻڻ لءِ ٽڙيون،
مختصر ''فاني'' سفر سرهو ڪري،
پَٽ پيون پيلن پٽن جيئن پنکڙيون.

قافئي جي نزاڪت، سهڻي تشبيهہ، گُلشن جي سونهن جي ثنا ۽ پنکڙين

نظر ۾ جادو-اي-اثر جيئن جو تيئن قائم رهندو آهي. حسن پرستي هر شاعر جو ڌرم آهي، سونهن جي ثنا ڪرڻ هر ڪويءَ جو اهم فرض آهي. سونهن اِنسن جي هجي يا قدرت جي، سونهن، سونهن آهي. فانيءَ جي قلم مان به انيڪ جماليت جا جلوا پڌرا ٿيا، جن مان ڪن شعرن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي :

مان جاڳيس، هوءَ گهر کي ويئي،
شعاءُ پائي ترڪي ويئي،
ڇرڪ پرائي ڇرڪي ويئي،
مس مس جيئن پاڻ سنڀاريو،
مون ڏانهن هن جي ناز نهاريو.

حسن جو تاب سهڻ ڪو اهڙو تهڙو ڪم ناهي. فاني صاحب اهو بهادريءَ جو ڪم ڪيو ته سهين پر سونهن ڇرڪ پرائي ڇرڪي ويئي ۽ ويندي ويندي پاڻ نه، مگر سندس ناز نهاريو. ڇا ته جماليت جي نواڻ آهي!

قدرت کهڙا رنگ رچائي، اُپ مان ڪئنسر واءُ وسائي،
هيٺ لٿي آ سُرڳ منجهان ڪا هير مني، هبڪار هلي آئي.

قدرت مان اُپ مان ڪئنسر گُلن جي سُڳند وسائي ٿي ۽ سُرڳ مان هيرَ مني ۽ هبڪار اِنسان جي دُکي دلين کي راحت بخشي ٿي. آهي نه حسينا، قدرت، فاني صاحب جي!

اجا به جماليت، جوانيءَ جي چوٽي تي، ڏسو فانيءَ ڪيئن پهچائي آهي :

ڪڻ ڪڻ تي آ ٻاڙهو رنگ، جئن ٻاڙهي جوئر جو سنگ،
پريم، سندرتا جي پيهي تي چڙهي ٿو هڪلي جهار،
سهڻو سڪ وارو سنسار.

اڳي به واضع ڪيو آهي ته اِستعارا، تشبيهون، پاوَ پڪش ۽ ڪلا پڪش فاني صاحب جي شاعريءَ ۾ چار چنڊ لڳائن ٿا. آدرشواد اپنائڻ بعد به هوُ صاحب اچ جي علامتي شعر چوڻ کان ڪنارو ڪري نه سگهيو آهي ۽ اچ به بزرگن سان بزرگ ۽ جوانن سان جوان بڻجي، وڪ سان وڪ ملائي تيز ۽ تز طوفان مثل اڳتي وڌي رهيو آهي، عالمگير شاعريءَ جا ڪيما ڪوڙيندو رهي ٿو. جيڪڏهن هوُ صاحب پوپال جهڙي، ڱئس جي ڪانڊ واري شهر ۾ نه هجي، ممبئيءَ جهڙي سندر مهانگريءَ ۾ رهندو هجي ها ته سندس قدر،

جيئڻ کو چاهي، جي نہ سگهي،
مرڻ وس ۾ خود تي نہ سگهي،
سزا تي ساسن جي سوغات،
اها پي کهڙي آهہ حيات.

ساسن جي سوغات کي سزا ڪوٺڻ سچ پچ شاعر جي فن سان گڏ فڪر جو عمدو مثال آهي، سوچ جو نيارو رنگ ۽ ڍنگ آهي.

فانيءَ جي ڪوتا ۾ آدرشواد : فاني صاحب جي ڪوتا فن ۽ فڪر جي لباس ۾ ملبوس هوندي، آدرشواد جي خوشبو، جا جيون جي فلسفي کي معطر ڪري ٿي، تنهن جو بيان ڪيترن ئي شعرن ۾ ڪيو آهي، جن مان ڪي چوند مثال پيش آهن :

جي خوشي آهہ سج پاڇي جيان،
غم بہ آڪاس تي غبار آهي.

خوشي ۽ غم جيون جا پهلوُ آهن. اُنهن ٻنهي جي هڪ سريکي اهميت ڄاڻائي فاني خوشيءَ کي سج جو پاڇي سان ڀيٽي ٿو ۽ غم کي آڪاس تي غبار ڪري سمجهي ٿو. سکيادائي ۽ سُکدرسي نظريو، آدرشواد جو بنيادي پٿر ئي نہ آهي!

ٻيو هڪ شعر :

علم جو باغ بيابان بڻجي،
شال، سياهي سياه نہ نڪري!

يعني اوندهہ اهڙي اونداهي نہ ڪري جو علم جو باغ بيابان بڻجي پوي. اِستعارا ۽ تشبيهون فاني صاحب جي آدرشواد کي وڌيڪ چمڪائين ٿيون.

ان کان بہ وڌيڪ پُراثر ۽ زوردار طنزي طرز جو آدرشوادي نظريو هيٺئين شعر ۾ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو :

اسان خودغرضيءَ کان خالي، چمن جي چاهيون خوشحالي،
سهي بدزيب نہ سگهياسين وطن جي ترقيءَ جي تصوير...!

وطن جي ترقيءَ جي تصوير بدزيب سهي نہ سگهيا ۽ خودغرضيءَ کان سواءِ چمن جي خوشحالي اڇڻ عبث آهي.

فانيءَ جي شاعريءَ ۾ جماليت جا جلوا : اِنسان ڪيڏو بہ بزرگ ٿي وڃي پر دل جوان رهندي آهي، خيال ۽ ڪلپنا سدابهار رهندي آهي ۽ پيار پريءَ

سنڌي سنت ساهتيه پرمپرا

سنڌو سڀيتا پنج هزار سال پراڻي سڀيتا آهي. ڀارتي سنسڪرتيءَ جي وڪاس ۾ سنڌو سڀيتا، تهذيب، سنڌو پرديش جو خاص يوگدان رهيو آهي. موئن جي دڙي مان مليل مهرن، شِبن جي آڌار تي اسين چئي سگهون ٿا ته سنڌو سنسڪرتيءَ جي ڌارمڪ پرمپرا ۽ وشواس اوچ ڪوٽيءَ تي پهتل هئا. سونهاري سنڌڙي جتي ويدن جي واڻيءَ جو اُچارڻ ٿيو، اِها سنڌڙي منڍ کان وٺي سنتن، درويشن جي ڀومي رهي آهي ۽ اڄ به سنڌ ڇاهي هند ۾ انيڪ ڌارمڪ آستان موجوده آهن. دنيا ۾ حڪومتون، بادشاهتون، مٽجي وينديون آهن پر سنتن جي واڻي ۽ يادگيري سدائين اجر، اَمر ۽ چمڪندي رهندي آهي. سنتن جي واڻي سدائين تازي تواني هوندي آهي. سنتن کي ديش ۽ وقت جي حدن اندر بند نٿو ڪري سگهجي. اُنهن جي واڻي گنگا ۽ سنڌو جل جيان پوتر، روح کي راحت ڏيندڙ امرت آهي. سنت واڻيقوم ۾ راشٽر جي بهترين ملڪيت آهي. اِها واڻيءَ جو ولاس نه پر جيون جو نچوڙ آهي. اڪثر اِئين ڇيو ويندو آهي ته سوا لک ڪن پير، درويش، فقير صرف روهڙيءَ ۽ اُن جي آس پاس ئي رهندڙ آهن. سنڌ سنتن، درويشن جو گهر هئي، اِها ڳالهه اڄ به حقيقت آهي.

اسان سنڌي ورهاڱي سبب سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ پل لڏي آياسين پنهنجن سنتن، درويشن جا املوڪ وچن، آسيسون پاڻ سان گڏ سيني ۾ سانڍي کڻي آياسين. اُنهن کي ياد ڪري پنهنجي جيون کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش اڄ به ڪري رهيا آهيون. اڄ هند-سنڌ ۾ انيڪ ڌارمڪ آستان، مندر-ٽڪاڻا به آهن. هند مان سنڌين جا جٿا اُنهن ڌارمڪ آستانن جي ياترا ڪرڻ وڃن ٿا ۽ سنڌ مان هند ۾ به اچن ٿا.

شداڻي دربار جا سائين يڌشٽرلال، شو شانتي آشرم لکنوءَ جا سوامي چانڊورام، سچو سترامداس ڌام جا گادي نشين وغيره هر سال هند مان سنڌ سنڌي شرڌالن جو جٿو، سنڌ وٺي ويندا آهن ۽ سنڌ جي ڌارمڪ آستانن جي

جوهري گهڻو اڳ کن ها، پر اُن جي باوجود، هوُ خود بہ خود پنهنجي شعري هيرن دواران ساهت- جڳت کي، وچ ڄاڻ چمڪات ڏيکاري چڪي رهيو آهي :

موتي ڪجي تريءَ مان تو وٽ تِري اچن تا،
''فاني' ڇولين جو ڇڪوه ڪرين شڪايت؟

يا

هر گهڙي ٻوڙهن جي وهندڙ تار ڪي،
يار، پاڻيءَ جي رواني ڌا چون.

□□

حوالي طور ڪتب آندل ڪتاب :

(1) ساهت آئينو- هري تنواڻي نماڻو.
(2) سنڌي ساهت جي سڳند- بي. ايڇ. آڏواڻي.
(3) الڳہ الڳہ مخزنن جا پرچا- خاص طور نذرانو.
(4) فانيءَ جي شعرن جا ڪتاب.

لاءِ پريم اُپڪاري بڻجي پوي ٿو. سنڌي سنت ساهتيہ ۾ ڪوي پڻو ۽ سنت پڻو، مڪمل طور اوت-پروت ٿيل آهي.

سنت معنيٰ سانت سڀاءَ جو مالڪ، ٻڌيمان، پوتر آتما، سڄڻ، پروپڪاري ۽ سداچاري اِهي سڀئي گڻ اسان کي سنڌي سنتن ۾ نظر اچن ٿا.

سنڌي سنت ساهتيہ تي اِئين تہ انيڪ پستڪ شايع ٿيل آهن پر جيڪو سنت ساهتيہ کي ڪٺي ڪتاب جوڙيو ويو آهي اُهو آهي موتيلال ٻناڻيءَ جو ''سنت ساهتيہ ۽ اِتهاس'' جيڪو هڪ قيمتي دستاويز آهي.

مهاراج ٻسنترام کي ''سنڌ جو سورداس'' سڏجي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن هندي ۽ برج ڀاشا ۾ ''شري ڪرشڻاين'' مهاڪاويہ لکيو آهي.

ڀارتي سنسڪرتيءَ جا مهان گرنٿ ويد، اُپنشد، برهم سوتر، شريمد ڀاڳوت گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، شو پراڻ، ڀاڳونت وغيره سنڌي ڀاشا ۾ نثر چاهي نظم ۾ اصلوڪا چاهي انواد، اُلٿو، ڀاوَ ارٿ جو سنڌ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين حاصل ٿيندا پئي رهيا آهن. شري گرو گرنٿ صاحب پڻ سنڌي ڀاشا ۾ شايع ٿيل آهي.

سنڌ ۾ جيڪي ڌارمڪ گرنٿ جوڙڻ، اُلٿو ڪرڻ، سار روپ ۾ شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو هو اُهو ورهاڱي کان پوءِ بہ جاري رهيو آهي. انيڪ ڪتاب نئين سر سڌاري واڌاري شايع ڪيا ويا آهن. انيڪ سنت ڪوين، ڌارمڪ آستانن ۽ جدا جدا ڌارمڪ پنٿن پڻ سنڌيءَ ۾ قيمتي بي بها سانڍڻ جوڳا روحاني، ڌارمڪ، آڌياتمڪ پستڪ جوڙي شايع ڪيا آهن. انيڪ شاعرن پنهنجن پنهنجن شاعريءَ جي ڪتابن سان گڏ ''گيتا''، ''مهاڀارت''، ''رامائڻ'' ۽ ٻيا ڌارمڪ ڪتاب بہ رچيا آهن. گيتا جي ٽيڪا سار کي ڪٺي ڏيان ڇڪائيندڙ ڪتاب آهن.

''شريمد ڀڳوت گيتا'' سروَ شري ميگهراج هرداس، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي (نوري گرنٿ ۾ شامل)، ڏيپچند ٻلاڻي، ''امر گيت'' هري درياڻي ''دلگير'' ''گيتائي''، آچاريہ ونوڀاڀاوي انواد شانتي ڪرپلاڻي ''گيتا گيان''، مُني گرڌاريلعل ملهوترا انواد هريرام ڀارداساڻي ''گيانيشوري''، انواد پروفيسر لڇمڻ هردواڻي.

''ايسر جو صوفياڻو ڪلام'' 2012 شري لڇمڻ ڀاٽيا شايع ڪيو آهي بنهي لپين ۾. سنڌي سنت ساهتيہ کي ڪٺي جيڪي لاثاني، يادگار هند-سنڌ ۾ پهريون دفعو جيڪي ڪتاب شايع ٿيا آهن اُهي آهن پروفيسر لڇمڻ

زيارت سان گڏ سنڌ درشن بہ ڪرائي ايندا آهن.
يارت ۾ ساڌو واسواڻي مشن، برهم ڪماري آشرم، شو شانتي آشرم، شداڻي دربار، سوامي ڌرمداس دربار، سوامي ٽيئونرام جن جو پريم پرڪاش آشرم جئپور، اُلهاسنگر مجنو ٽيلا دربار وغيره هند جا سنڌي سنتن درويشن جا آستان اڄ بہ دنيا ۾ هاڪارا آهن. جتي سنڌي سنتن جي واڻي پڙهي ٻڌي هرروز پريوءَ سان سنڌي ملاقات ڪري سگهن ٿا. اِن کان سواءِ سنڌين جا ٻيا بہ ڪيترا ئي ڌارمڪ، روحاني آستان آهن جتي سنڌي سنتن جي واڻيءَ تي عمل ڪري يارت ۾ ڪيترا ئي سيوا، دان، پروپڪار، تعليمي، سماجڪ، طبيبي ڪاريہ شروع رکي وينا آهن.
سنڌي سنت ساهتيہ پرمپرا تي نظر ورائيندي معلوم ٿئي ٿو تہ ڏهين صديءَ ۾ مسلمان مرکہ بادشاهہ سنڌين تي ڪافي ظلم ڪيا. سنڌين يڪمشت ٿي سنڌو درياهہ تي وڃي دولهہ سائينءَ جي در تي شرڌا ۽ پريم سان اُستتي ڪئي. اُڏيريلال اُن وقت سنہ 1007 ۾ جنم ورتو ۽ سنڌين جا ڪشٽ دور ڪيا ۽ ڌرم-مذهب جنوني ظلمي مرکہ کي سمجهائيندي صلاح ڏني تہ : ''هندو مسلمانن کي هڪ نظر سان ڏس.''
بادشاهہ اُڏيري لال کي وشواس ڏياريو تہ : ''مان آئيندهہ سيني سان يائيپيءَ سان هلندس. سيني سان پريم پريو ورتاءُ ڪندس.''
''هندو-مسلم ايڪتا جو سنديش'' جهوليلال جي ٻاڻي ۽ اهنسا جو سنديش ئي سنڌي سنت ساهتيہ جي شروعاتي ٻاڻي آهي، جيڪا اڄ بہ اجر ۽ امر آهي.
سنڌي جهولي لال جا پوڄاري آهن. امرلال جي پوڄا پنجڙن ۽ پلئہ سان پوري ڪندا آهن. پنجڙن ۽ پلئہ ۾ سيني جي ڀلي جي مهما ۽ اُستتي سمايل آهي. اڄ ڏينهن تائين جهولي لال جي آرتي، پنجڙا، پلئہ ڳاتا ويندا آهن، خاص چيٽي چنڊ ۽ پوڄ چاليهي صاحب تي. اِها پرمپرا چالو آهي. پنجڙ لوڪ گيت جو قسم آهي. لال جا پنجڙا اوائلي سنڌي سنت واڻيءَ جو عمد مثال آهي.
سنڌي سنت ساهتيہ جي جهلڪ اسان کي سنڌ جي سنتن، ڪوين جي رچنائن ۾ ملي ٿي. سنڌ ۾ روحل، قاضي قادن، شاهہ، سچل، سامي وغيره ب سنڌ ساهتيہ کي ڪافي هٿي بخشي آهي. سنت ۽ ڪويءَ جو ويجهو نات آهي. سنت ۽ ڪوي جڏهن هڪ ئي شخص ۾ داخل ٿين ٿا تڏهن اِهو جڳ

لعلچنداڻي، اخبار ۾ به رواڻاني، آڌياتمڪ ليک، رچنائون، جيون چريتر شايع ٿيندڙ آهن.

سنڌي سنتن، سنت ڪوين جيڪا ڪاويه رچنا ڪئي آهي هنن جي واڻيءَ جو آلاپ آهي اُن ۾ اسان کي ڪجهه تتوَ هن ريت نظر اچن ٿا.

- اکڙ ڦکڙ ۽ من موُجي.
- ڪوي تتوَ جي ڪمي، سکيا ۽ اُپديش وڌيڪ.
- گيان سان پرپور پريم.
- مت، پنٿ، ذات-پات، ڌرم-مذهب وواد کان پري.
- ايکيشور واد جو ناد.
- آتما پرماتما جا درشن.
- سونيه‌واد-خاليپڻي جي مهما.
- هٺ يوگ، روپڪ ۽ اُلٽ باسين جو واهپو.
- مايا جي نندا.
- سماج سڌار ڀاونا.
- هندو-مسلم، رام-رحيم ايڪتا جوناد.
- عوامي ٻوليءَ جو اُپيوگ.
- گروءَ جي مهما.
- ادمبر، اجائي ڏيکاوَ ۽ مذ ي خارج ريتين رسمن جي نندا.
- ساکين، شبدن ۽ پڇنن جي رچنا.
- سنگيت ميه ڪاويه.
- شانت ۽ شرنگار رس پرپور.
- نام جپڻ-سمرڻ.
- جدا جدا پنٿن ڪبير پنٿ، دريا پنٿ، دودو پنٿ، ستنامي، سنت رنڪار، اُداسي، خالصا، چرڻ داس، راڌا سوامي، پريم پرڪاشي وغيره.
- ايمانداريءَ جوسنديش، ٿورئي ڪئي گهڻي برڪت، ايمانداريءَ جو ودو ڀلائي کان بهتر آهي.

ڊاڪٽر روما جئسنگهاڻيءَ ''سنڌي سنت ساهتيه ۾ ناري چت'' وشيه تي ڳونت يونيورسٽي اجمير مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

اسان جي سنتن ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، دادا جشن واسواڻي، سوامي لاشاه، سوامي شانتي پرڪاش وغيره جن جي امرت واڻي آهي ته ''اسان

هردواڻيءَ جا ”آڌياتمڪ شبد ڪوش“ 2011، ”سنڌي ڀڳتي ساهتيه شبد ڪوش“ 2013.

شداڻي دربار رائپور جو هڪ مهاگرنٿ ”شداڻي پرڪاش“ 1963، ”هنگلاج ماتا“ هندستاني سنت جي ورهاڱي بعد پهرين ياترا 2007 سان گڏ ڪمل پياسيءَ جو جوڙيل ”اوم سائين رام شردي سائين اُپديش ۽ سکيا“ 2012.

سداحيات شري ڀلاجراءِ مسافر پڻ سنڌ جي انيڪ سنتن جي مهما سان پرپورڪوتائون رچيون آهن. هن جا ڀيايادگار پستڪ آهن رامايڻ-1997، اُستتي امرلعل جي-2003، هنومان چاليسا-2004، ’مسافر جا ڀڳتي گيت‘-2005 ۽ ’مسافر جو ڀڳتي سار‘-2008.

ڊاڪٽر ديال آشا هند-سنڌ جو وڏ ۾ وڏ گوناگون سنڌي سنت ساهتيه جي رچنا ڪئي آهي. پاڻ سنڌي راڳي ۽ ڀڄنيڪ آهي. ستسنگ جو ودوان آهي. ڊاڪٽر ديال آشا انيڪ سنڌي ساهتيه جا مهاگرنٿ رچيا آهن جن ۾ خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهن ”سنڌي سنت ڪاويه وچن“-1977، ”سنڌ جا سنت“-1982-1986، ”سوامي شانتي پرڪاش-جيون درشن“-1980-1983، ”دادا جشن واسواڻي جيون درشن“، ”سنڌي سنت درويش“ چار ڀاڱا، هن ڪتاب ۾ 327 سنتن درويشن جو جيون چريتر، سکيائون وغيره شامل ڪيل آهن. اِن ڪانسواءِ مان هري ديوي، سوامي ليلاشاه گرنٿ به آهن. سوامي شانتي پرڪاش جا ڀڄن ’ڀڄن بهار‘ ۾ ملن ٿا.

سداحيات پارو چاولا جاڪتاب 365 ڏينهن، ستر مٽڪا، درشٽانت، درشٽانت، ڳالهه ۾ ڳالهه روحانيت جي ڏس ۾ ناياب سوغات آهن.

ڌرمي روحاني مضمونن ۾ تيرٿ سڀاڻي، موتيلال ٻتاڻي، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، هيرو ٺڪر، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، شريمتي ريتا شهاڻيءَ جو رامايڻ ۽ ميران به اهم آهن. ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ جو ”سنڌي سنت ساهتيه“-2013، مقالن جو ڪتاب پڻ هڪ دستاويزي ڪتاب آهي. سوامي ليلاشاهه ستسنگ طرفان شايع ڪيل برهم گياني سوامي ليلاشاهه ۽ شري مرلي گووندڻيءَ جو سنت ليلاشاهه به يادگار ۽ سانڍڻ جوڳا ڪتاب آهن.

مخزنن، رسالن ۾ سنت مالا، شيام، آتم درشن، درويش درشن وغيره سنت ساهتيه نثر-نظم ۾ شايع ٿيندو پئي رهيو آهي. ”آشاواڻي“ سمپادڪ ليلارام رُچنداڻي آڌياتمڪ اخبار هئي. هن وقت هندواسي، سمپادڪا شوڀا

ڀارت ۾ سنڌي ساهتيہ ۽ ثقافتي ورثي جو بچاءُ - ڦهلاءُ - سنت ساهتيہ

ڀارتي سنسڪرتيءَ جي وڪاس ۾ سنڌو سڀيتا، تهذيب، سنڌو نديءَ ۽ سنڌ پرديش جو اهم حصو رهيو آهي. سنڌو سڀيتا پنجن هزارن سالن کان وڌيڪ قديم، اُسريل آهي. سنڌ جتي ويدن جي واڻيءَ جو اُچارڻ ٿيو، اِها سنڌڙي منڍ کان وٺي سنتن، درويشن، اؤليائن، پيرن-فقيرن جي پوتر ڀومي رهي آهي. چون ٿا روهڙي سنتن-درويشن جي تپوبن هئي.

سنت لفظ جو اُپيوگ گهڻين ئي معنائن ۾ ڪيو ويندو آهي. آچاريہ پرسرام چترويديءَ سنت لاءِ ٻُڌيمان، پوتر آتما، سڄن، پروپڪاري ۽ سداچاري ڄاڻايو آهي. سنت معنيٰ سانت سڀاءَ جو مالڪ. سترامداس سائل ”سائل ڪوش“ ۾ سنت جون معنائون هن ريت ڄاڻايون آهن : ساڌو، مهاتما، ولي، سِڌُ، سادو سنو اِنسان، خداترس، پوتر وغيره.

سنت سدائين جنتا سيوڪ ٿِي رهيا آهن پريو ڀڳتي سان گڏ هنن سدائين لوڪ ڪلياڻڪاري ڪاريہ سان عوام جي سيوا ٿِي ڪئي آهي. سنتن جنتا جناردن جي اهميت کان ڪڏهن بہ منهن نہ موڙيو آهي. سنتن ۾ گيان جي گنگا، ڀڳتيءَ جي تمنا ۽ ڪرم جي سرسوتيءَ جو سنگم آهي. سنت گيان ديپڪ جلائي آتمڪ پرڪاش پردان ڪندا آهن. سنتن جي واڻيءَ ۾ نئين بهار جي خوشبوءِ موجود هوندي آهي اُها سدائين تازي تواني هوندي آهي. سنتن جي واڻي ڀل ڪهڙي بہ ملڪ، ڌرم، مذهب، قوم، ذات-پات، ڀاشا جي هجي اُها گنگا جل جيان نت پوتر ۽ روح کي راحت ڏيندڙ امرت آهي. ڌرم خود هڪ اوچ ڪوٽيءَ بهترين جيون آهي. ڌرم توڙيندو نہ پر جوڙيندو آهي. سنت درويش اولياءُ ڌرم مذهب جا محافظ آهن جيڪي سدائين ستيم، شوم، سندرم جو سنديش ڏيندا رهندا آهن گڏوگڏ چريتر نرماڻ کي پڻ اوچو ٻڌائيندا آهن. سنت واڻي قومي ملڪيت آهي. اِها واڻيءَ جو ولاس نہ پر جيون-زندگي سجائيندڙ سنسڪارن جو نچوڙ آهي.

جي سنڌي مڌر، سرل، معياري، گهڻ معنيٰ خيز، ديولوڪ، ويدن جي امرت واڻي آهي جنهن کي اپنائڻ، ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ اُن لاءِ فخر محسوس ڪرڻ هر سنڌيءَ جو فرض آهي جنهن مان سنتن جي واڻي روحانيت طرف وٺي ويجي ٿي.''

سنڌي سنت ساهتيه جي پوتر گيان ڌارا لڳاتار ڇوليون ماريندي، موج مچائيندي دلين کي ترپت ڪندي روحاني آنند-سڪون بخشيندي وهندي رهي ٿي، وهندي رهندي.

سوامي شانتي پرڪاش گرو مهما ڳائيندي چون ٿا :

''تيرٿ ۾ سنان ڪرڻ سان هڪ ڦل ملي ٿو،
سنتن جي ميلاپ سان چار ڦل ملن ٿا،
پر گروءَ جي ميلاپ سان بيشمار ڦل ملن ٿا.''

لال جو پنجڙو :

''اُتر ڪان ٿي آيو، منهنجو سوڍل سانوڻ شاهه،
وڻ ٽڻ سڀ ساوا ٿيا، سائو ٿيئڙم ڳاهه،
ماءُ چوي ٿي پُٽ کي، مکڻ وٺي ڪاءُ،
ترندو تارازيءَ ۾ پئسي پڳڙو پاءُ،
اهڙو سانول شاهه، ڏيندو ڏاڻ ڏڌن کي.''

آخر ۾ سنت آسورام جو پلئه پايون :

''پلئه جي پائين، داتا تنهنجي در تي،
داتار در تي آين جا تون عرض اونائين،
مڙني تن جي من جا مطلب پُڄائين،
آسون اگهائين، آسون آسوندن جون.''

□□

سنڌي سنت ساهتيہ پرمپرا تي نظر ورائيندي بخوبي ڄاڻ پوي ٿي تہ ڏهين صديءَ ۾ مسلمان مرڪہ بادشاهہ سنڌين سان ڪافي ظلم ڪيا. ڌرم بدلائڻ لاءِ زور ڀريو، هيسايو، ڌمڪايو جنهن ڪري سنڌي ظلمن کان بچڻ لاءِ، يڪمشت ٿي سنڌو درياهہ تي، دولهہ سائينءَ جي در تي شرڌا، پريم سان اُستتي ڪئي، ٻاڏايو. ڌرم رکشا لاءِ پرارٿنائون ڪيون ۽ اشٽ ديو جهوليلال اوتار وٺي آيو ۽ جنوني مرڪہ بادشاهہ کي سمجهائيندي ”هندو- مسلم ايڪتا، ڀائيچاري“ جو سنديش ڏيئي ڌرم جي حفاظت ڪئي.

جهوليلال جي اِها ٻاڻي ئي سنڌي سنت ساهتيہ جي اوائلي، شروعاتي ٻاڻي آهي جيڪا اڄ ڏينهن تائين امر-اجر آهي. اسين هر سال جهوليلال جو جنم ڏينهن چيٽي-چنڊ، نئين سال ۽ سنڌيت ڏينهن روپ ۾ ملهايون ٿا. پوڄ چاليهو صاحب سک ۽ شرڌا سان ملهايون ٿا. پنجڙا ڳايون ٿا، پلئہ پايون ٿا. پنجڙو سنڌي لوڪ سنگيت، لوڪ گيتن ۾ پنهنجي هڪ خاص اهميت رکي ٿو. پلئہ ۽ پنجڙي ۾ پوري ڪائنات جي بهبوديءَ، وڪاس، شانتي، حفاظت جي مهما ۽ اُستتي سمايل آهي. سنڌيت اسان جو ورثو آهي، پونجي آهي. پنجڙو، پلئہ، اشٽ ديو جهوليلال جي جيون-ڪٿا، ليلا، سنڌي ادب، ثقافت جو اهم حصو آهن.

سنڌي سنت ساهتيہ جي روايت جيڪا سکيا، پنجڙن، پلئہ سان شروع ٿي اِها اڳتي وڪاس ڪندي پئي رهي آهي. اُن جي جهلڪ اسان کي سنڌي سنتن-سنت ڪوين جي رچنائن مان ملي ٿي. سنڌ ۾ روحل سنت ڪاويہ جو ٻج پوکيو، پر اُن کان اڳہ 16 صديءَ ۾ راجستان ۾ پيدا ٿيل سنت دادو ديال جا ڪجهہ دوها اسان کي سنڌيءَ ۾ حاصل ٿيا آهن. هوُ غيرسنڌي هوندي بہ هن سنڌي دوهن ۾ نج سنڌي ڀاشا جو واهپو ڪيو. دادو ديال کان سواءِ سنت پراڻ نات پڻ ڪڇي، گجراتي، هندي، عربيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ واڻي چئي آهي. سندس گرو ديوچندر جي ماترڀاشا سنڌي هئي. پراڻ نات امرڪوٽ ۾ گروءَ کان سنڌي سکيو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪاويہ رچنا ڪئي. سداحيات جهمون چڱاڻيءَ کوج ڪري ”سوامي پراڻ نات جي سنڌي واڻي“ نالي ڪتاب شايع ڪيو. قاضي قادن جنهن کي قديم سنڌي شعر جو اعليٰ ترين شاعر سڏجي ٿو اُن جا شروعات ۾ صرف ست بيت سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا هئا پر محقق، ڄاڪوڙي ودوان جناب هيرو ٺڪر گهرو اڀياس ڪري لاثاني ڪوششون وٺي اُن جا وڌيڪ بيت روشنيءَ ۾ آڻي، ڪتابي صورت ۾ اشاعت ڪري هند-سنڌ جي

سنتن جي واٽي ئي سنت ساهتيہ آهي. سنت ساهتيہ پاڻيءَ تي ڇميل سينور کي هٽائي ٿو. سنڌي سنت ساهتيہ جو سرجن ٽن ڳالهين تي مدار رکي ٿو.

(i) آتم سک (ii) سماج سڌار (iii) پرمپرائن جو اثر- حفاظت.

سنڌي سنت ساهتيہ نظم چاهي نثر ۾ سرشار ٿيل آهي. نظم ۾ پڄڻ، ڪافيون، آرتيون، شبد، سلوڪ، ارداس، ڏينهن راتيون، هفتا، مهنا، پنجڙا، لوليون، جيجل لولي وغيره شامل آهي. نثر ۾ بوڌ ڪٿائون، ڌارمڪ ڪٿائون، ورت ڪٿائون، درشٽانت، روحاني نقطا، ٽوٽڪا، پروچن، سراپ، وردان، آسيسون، سکيائون، اُپديش، جيون چريتر، شخصي پرارٿنائون، ڌرمي ۽ روحاني ڳالهيون شامل آهن.

پڄڻ، پنجڙا، لوليون، ڏينهن-راتيون، هفتا-مهنا، جيجل لولي وغيره لوڪ گيتن جو حصو بہ آهن. سنت ساهتيہ جو مکيہ مقصد آهي سياسي، سماجڪ، ڌارمڪ سچائي، صفائي، سنيہ- اهنسا جو ڦهلاءَ ۽ اشانتيءَ کي دور ڪري سڌيائونا جو وڪاس ڪرڻ.

سنت ساهتيہ کي جيڪڏهن اسين ”لٽريچر آف دي مئسيج“ چئون تہ اُن ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. سنت ساهتيہ لوڪ ساهتيہ جيان ئي سرل، سنگيتميہ، اُدمن، جذبن کي اُڀاريندڙ، اثردائڪ ۽ آنندميہ هوندو آهي. سنت ساهتيہ ۽ لوڪ ساهتيہ ۾ هڪ ڇٽو فرق اِهو نظر اچي ٿو تہ لوڪ ساهتيہ جي رچيندڙ جي ڄاڻ نہ هوندي آهي پر سنت ساهتيہ خلقيندر جو نالو جڙيل هوندو آهي. البت سنت ساهتيہ جون کي رچنائون لوڪ ادب جو بہ حصو بڻجي چڪيون آهن.

سنڌي سنت ساهتيہ ۾ اسان کي بہ لفظ ملن ٿا. سنت ۽ سنت ڪوي. ٻنهي جو ويجهو ناتو آهي. ٻئي جڏهن هڪ ئي شخص ۾ داخل ٿين ٿا تڏهن اُهو جڳت لاءِ پريم اُپڪاري، سداچاري، اِنسانيت شيواڌاري بڻجي پوي ٿو. سنڌي سنت ڪاويہ ۾ ڪوي پڻو ۽ سنت پڻو مڪمل طور اوت پروت ٿيل آهي. سنڌي سنت واڻيءَ ۾ پريم، داد، ڪروڻا، خماري، آتم آنند، روحانيت، ريتيون- رسمون، سنڌيت، سماجڪ جيون، ڏڻ، سنڌي ثقافت جي تصوير حاصل ٿئي ٿي. ڀاوَ پکش ۽ ڪلاپکش بہ زور آهي. اِهي عوامي جيون، ساهتيہ ۽ ثقافتي ورثي جي اسمتا جي حفاظت، رکوالي ۽ ڦهلاءَ ڪن ٿا. مثالي بڻجي هر هنڌ روشني ڦهلائين ٿا.

تي. ايل. واسواڻي، دادا جشن واسواڻي، ما هري ديوي، سوامي ليلاشاهہ وغيرہ تي مهاگرنٿن جي رچنا ڪئي آهي جن ۾ سنڌي تهذيب جا اثرائتا چٽ بہ چٽيا آهن. سداحيات پارو چاولا جا ڪتاب ”365 ڏينهن“، ”ستر مٽڪا“، ”درشتانت“، ”ٻالهہ ۾ ٻالهہ“ روحانيت جي ڏس ۾ ناياب سوغات آهن.

ڌرمي مضمونن ۾ تيرٿ سباڻيءَ جا ”صحيح زندگي“، ”سکي زندگي“، ”جيون ڪلا“، ”سکہ ساگر“، ”جيون جوت“، ”جيون ڌارا“ مکيہ آهن.

موتيلال ٻتاڻيءَ جا ”سنت ساهتيہ“، ”امرت ورکا“، ”شريءَ جون رهاڻيون“. رام لال دوارڪاداس ڀاٽيا جو ”گل ۽ مکڙيون“. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ جو ”سچل جون وايون“ تصوف، ويدانت ۽ صوفي مت تي هڪ ناياب ڪتاب آهي.

هيرو ٺڪر جا مضمون ”ڀارتي سنت ڪاويہ ۾ ساميءَ جو آستان“، ”شاهہ جون اُلٽ باسيون“ سنڌي تهذيب جي روح صوفي مت جون سونهري ڪڙيون آهن.

ڊاڪٽر ارجن سڪايل جو ”لاهوتي لڏي ويا“، ”درويش سائين وسڻ گهوٽ“، ”امر شهيد ڀڳت ڪنوررام - سنڌين جي آتما“ سنت ساهتيہ جا عمدا ڪتاب آهن.

ڊاڪٽر ڪنهيالال تلريجا جو شداڻي پرڪاشن ۽ شُداڻي دربار جو ڪتاب ”هنگلاج جي تيرٿ ياترا“، چينمل گلراجاڻيءَ جو ”ڏهہ پاتشاهيون“ آڌياتمڪ گيان، پروچنن، سُرت، شبد يوگ، روحانيت سان ڀرپور آهن. شريمتي ريٽا شهاڻيءَ جو رامائڻ، ”ميران“. هن بنڌي (ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ) جو ”سنڌي سنت ساهتيہ“. مرلي گووندداڻيءَ جو ”سوامي ليلاشاهہ“. سنت شري هردارام جو جيون تي قلم بند ڪيل ڪتاب سنڌي سنت ساهتيہ جون انمول ڪڙيون آهن.

مخزنن، رسالن ۾ سنت مالا، شيام، آتم درشن، درويش درشن وغيرہ ۾ سنڌ سنت ساهتيہ نثر چاهي نظم ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

جتي سنڌي ڌارمڪ آستان سنڌي سنت ساهتيہ جا هر قسم جا ڪتاب شايع ڪرڻ ۾ اڳرا آهن اُتي غيرسنڌي پنٿ جتي اچ-ڪلهہ سنڌي جهجهي انداز ۾ آستا رکن ٿا اُنهن پنٿن راڌا سوامي، سنت نرنڪاري پنٿ وغيرہ بہ سنڌي-هنديءَ ۾ سنت ساهتيہ جا ڪتاب شايع ڪيا آهن. شاهہ، سچل، ساميءَ

مفڪرن کي حيرت ۾ وجهي سنڌي ادبي تاريخ ۾ سونهري باب جوڙيو. ڪڇ جي ڪبير سنت دادا ميڪرڻ نه صرف ڪڇ کي پوتر بڻايو پر سنڌ جي زيارت ڪري پنهنجي امرت واڻيءَ جو سنڌين کي رس پان ڪرايو. دادا ميڪرڻ پير پٽنگ شاهه ۽ سرتاج شاعر عبداللطيف سان به ملاقات ڪئي هئي ۽ صوفي واد جي اثر کان متاثر ٿيو هو ۽ ڀڳتي مارگ جي بهترين قسم پريما ڀڳتيءَ طرف جهڪيو.

قاضي قادن، دادو ديال، سوامي پراڻ نات ۽ دادا ميڪرڻ جي سنڌي واڻي سنڌ جي حدن کان ٻاهر پراڻين پوٿين مان ملي مٺن، مڙهين، مندرن، ٽڪاڻن ۾ ساميءَ جا سلوڪ پڻ امرتسر ۾ گرمکيءَ ۾ حاصل ٿيل آهن.

سنڌ جي سنت ڪوين تي اسان کي اُتر، ڏکڻ ڀارت جي سنت پرمپرا جو چٽو اثر نظر اچي ٿو. سنڌي سنت ساهتيه ۾ وچين دؤر 1520-1843 جي عرصي ۾ ڀڳتي ڌارا جي ڀاونا مکيه رهي جنهن ۾ صوفي ڌارا خاص اُسريل، اُپريل رهي. بعد ۾ گيان مارگي سنت ڪوين جي واڻي ملي ٿي. رام-ڪرشڻ جي ڀڳتي ڀاونا واري ڪوتا به سنڌيءَ ۾ جهجهي انداز ۾ حاصل آهي. سنڌي سنت ڪوين جو مکيه آڌار اُپنشد، شريمد ڀاڳوت پراڻ، ڀڳوت گيتا، ويد، براهمڻ گرنٿ، شاستر سمرتيون آهن. سنڌيءَ ۾ هر قسم جا ڌارمڪ، روحاني ڪتاب ملن ٿا. قران، گرو گرنٿ صاحب، جپ صاحب، سکمني به سنڌي سنت ساهتيه جي پونجي آهي.

اِئين ته سنڌي سنت ساهتيه تي ڪيترا ئي ڪتاب شايع ٿيل آهن پر موتيلال ڄتاڻيءَ جو ”سنت ساهتيه ۽ اِتهاس“ هڪ قيمتي دستاويز آهي.

دادا واسواڻيءَ کي ”سنڌ جو ٽئگور“ سڏيو ويندو آهي. گروور ٽئگور وشو ڀارتي شانتي نڪيتن جي اِستاپنا ڪري تعليم جو وڪاس ڪيو تيئن داداواسواڻيءَ ميران مشن جي ذريعي اِسڪول، ڪاليج برپا ڪري نه صرف تعليم جو ڦهلاءُ ڪيو پر سنڌو سنسڪرتيءَ جو به وڪاس ڪيو. دادا جو ”نوري گرنٿ“ هڪ مانسرور آهي. روحانيت جي موتين سان ڀريو پيو آهي. سوامي شانتي پرڪاش جا ڀڄن ”ڀڄن بهار“، سوامي ٽيئونرام جا گيت، سنڌي سنت ساهتيه جو املهه ورثو ۽ ثقافت جو اهم حصو آهن. سنڌي سنت ساهتيه رچڻ ۾ ڊاڪٽر ديال آشا سڀني کان اڳرو رهيو آهي. ذري گهٽ هر سنت، مهاپرش، سنت پرش، سنتن، سنت ڪوين جي جيون، رچنائن، سکيائن، درشنانتن، پروچنن کي قلم بند ڪيو آهي. سوامي شانتي پرڪاش، ساڌو

آبو، پريم پرڪاش آشرم اجمير، ساڌو واسواڻي مشن پونا وغيره آستانن تي سنڌي سنتن، سنت ساهتيہ، سنت ڪوين، سنڌي لوڪ ادب، سنڌي سنسڪرتيءَ جي جدا جدا وشين کي کڻي سنڌي ادبي، سيپتڪ سرگرميون ڪيون ويئون. اِن ڏس ۾ سنڌي سنت پڻ اڳيان وڌيا. ادب، ڪلا، تهذيب جي وڪاس لاءِ هر ممڪن مدد جو هٿ ڏگهيڙيون ۽ سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون. سنڌي اديب، فنڪار، تعليمدان، اخبار نويس، ڌارمڪ شرڌالن جي حاضري حاصل ٿي. اِن ڏس ۾ سرگرميون وڌائڻ لاءِ ”اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج“ جي سنتن سان بہ روبرو ملاقات ڪئي ويئي. اِها ڳالهہ هنن شدت سان قبول ڪئي ۽ آڪٽوبر 2010 تي ڌرم دربار اُلهاسنگر ۾ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج طرفان ورات سنڌي سنت سميلن ٿيو جنهن سنڌو سنسڪرتي، سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ ڪافي چنتن، منتن ڪري اِهو طيءِ ڪيو ويو تہ سنڌين جا جيڪي بہ پوتر-ڌارمڪ آستان آهن اُتي ”سنڌو سيپتڪ-سانسڪرتڪ مرڪز“ برپا ڪيا وڃن ۽ نئين ٽهيءَ لاءِ جيڪي بہ ڌارمڪ گرنٿ آهن اُهي سلسليوار ديوناگريءَ ۾ شايع ڪيا وڃن. ڪٿي - ڪٿي ان ڏس ۾ ڪم شروع ٿي چڪو آهي. سنتن پنهنجن شرڌالن، سنگت کي سنڌي ٻوليءَ جي اهميت-ضرورت بہ سمجهائڻ شروع ڪئي آهي.

متحد جمائت ”عالمي ماترڀاشا ڏينهن“ ملهائڻ جو سڏ ڏنو آهي. 21 فيبروري ۽ 10 اپريل سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن ملهائڻ جي ڏس ۾ بہ ”سنڌو سنت سماگم“ جا ڪاريہ ڪرم عمل ۾ آندا پيا وڃن.

سنڌي لوڪ ادب بنيادي اوائلي ادب آهي. معياري ادب جي ڀيٽ ۾ اهي جيتري اهميت-ضرورت اسان جي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب جي اهميت آهي اوتري اهميت منهنجي نظرن ۾ ۽ ڪن حالتن ۾ سنڌي سنت ساهتيہ جي ذرا ڪجهہ وڌيڪ آهي ڇاڪاڻ تہ اُهو عوام جي آستا، وشواس، پوڄا-ارچنا، لوڪ پرلوڪ سڌارڻ جو ۽ چوراسي لک جوڻين مان موکش حاصل ڪرڻ سان جڙيل آهي. پڙهيل چاهي اڻپڙهيلن جي شرڌا اڄ بہ سنتن، درويشن ۾ آهي. اِهو عوام چاهي ڪن حالتن ۾ نوجوانن جي اِها آستا، عقيدو سنڌي ساهتيہ ۽ ثقافت ورثي جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ ۾ وڏي هٿي ڏيئي سگهي ٿو. هن مهل تائين اسان جي سنت ساهتيہ، ڌارمڪ آستانن اِن ڏس ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿيا آهن ۽ حفاظت ڪئي آهي.

جديد دؤر ۾ سنڌي ڌارمڪ آستانن کي ”سنسڪرتي مرڪز“، ”سيپتڪ

کي اڀرائي ڏني آهي.

سنت ساهتيہ سنسڪرتيءَ جو سينگار آهي. ڪلچرل اعتقاد، مقصد
جذبات، زندگيءَ جي طرز، ڀائيچارو، ميل-ميلاپ، ٻولي، ڪلا، مؤسيقي
عبادتون، سليقو، رسمون، سماجي، منطقي ۽ جمالياتي طريقا اُن ۾ شامل
آهن. ڌڻ ۽ نشان سنسڪرتيءَ جو اڻ ٽُٽندڙ حصو آهن. اوم، ڪمل، ڪلش
سواستڪ، آرتي، سندور جيڪي سنت ساهتيہ جا تتو آهن اُهي معنيٰ خيز
مڃتائن، وشواس، عقيدت سان ڀرپور ۽ وشال آهن. اُهي مؤن جي ڀاشا آهن
شانتيءَ جو سنگيت ۽ سنسڪرتيءَ جي مهما ڳائيندڙ گيت آهن. اِهي لوڪ
جيون جي جدا جدا رنگن، سنسڪارن، وهنوارن مڃتائن سان جڙيل آهن.

اسان سنڌين پنهنجي سونهاري سون ورني سنڌ ڀارت جي آزاديءَ خاطر
قربان ڪري ڇتين خالي هند ۾ ڪٿو-ڪٿو تي جتي ڀاڻ ڪي روزي، روٽي
اجهي لاءِ ٽانئيڪو ڪيو اسان سنڌ مان پاڻ سان گڏ سنتن جا سنسڪار
آسيسون، يادگيريون، وشواس، آستا ڪٺي آيا هئاسين ۽ اُن جي آتم ٻم تي
اڄ اسين پرشارتي-پرمارتي تہ بڻيا آهيون پر اسان جي ٻولي، سنڌيت
تهذيب، ثقافت موڪلائيندي پيئي وڃي. پل اسان کي اُنهن لاءِ اُڪير ڪونهي
پر وري بہ سنڌين جو سنتن، سنت ساهتيہ ۾ اڃا تائين مڃتا ۽ شرڌا آهي
اعتقاد آهي. حوُ مندرن، ٽڪاڻن، گردوارن ۽ ٻين ڌارمڪ آستانن تي وڃن
تا، پوڄا ارچنا ڪندي ڀڄن-ڀاو، ڪٿا ڪيرتن، ستسنگ ٻڌن تا. اڃا بہ اسان
جي ڌارمڪ آستانن تي ستسنگ، ڀڄن-ڀاوَ ۾ سنڌيءَ ۾ ٿئي پيو، اِن ڳالهہ
جي حقيقت تي غور ڪندي سنڌي ڀاشا، ساهتيہ، ثقافت جي وڪاس
حفاظت لاءِ عمل راهہ جي تلاش ڪندي اِهو شدت سان محسوس ٿيو تہ سنڌي
سنتن، درويشن، ڌارمڪ آستانن جي اِن ڏس ۾ مدد ورتي وڃي.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي پرچار سڀا جي ساٿين اِن ڪم جي شروعات 001
کان ڌارمڪ آستان اُجيل کان سنڌي ساهتيہ کي ڪٺي سيمينار، ڪانفرنسو
ڪرڻ جي ياترا شروع ڪئي. اِن ڏس ۾ سوامي ڌرم دربار،پريم پرڪاش
آشرم، اُلهاسنگر، سوامي شانتي پرڪاش سيوا ڌام بندرابن، جئہ بابا ڌا
هردوار، بابا آسودارام سيوا سمتي جلگانو، وشو شانتي آسودارام ڌام لکن
سوامي ڌرم دربار ٽرسٽ ٻڙودا،وشو گايتري پريوار هردوار، سوامي ليلاشاه
واڙي جهوناڳڙهہ، سنت ڪنوررام ڌام ڪوٽا، شداڻي دربار رائيپور، سنڌ
شرومڻي سوامي هنسراج ڀيلواڙا، برهماڪماريز ايشوريہ وشو وديالیہ مائون

سنڌي ٻوليءَ جون اُپ ڀاشائون

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ ۾ ڄاڻايو آهي ته، ”ڪنهن به سماجي گروهه ۾ هڪ ٻئي سان تعارف لاءِ اِنسان ذات جي زبان مان نڪتل آواز جي سرشتي کي ”ٻولي“ سڏجي ٿو. زبان هڪ ذريعو آهي جنهن جي وسيلي هڪ اِنسان جي طلب Stimulus جو ٻيو اِنسان جواب Response ڏئي ٿو. زبان تهذيب ۽ تمدن جو بنياد آهي. زبان خيالن جي اِظهار جو وسيلو آهي. زبان جي عمل سان ئي هرڪا قوم ٻڌجي ٿي. اگر اسان کي ڪنهن قوم جي طريقن، لباس، کاڌ-خوراڪ، خطي ۽ ماحول جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي ته اُهو اُن قوم، قبيلي، ملڪ جي زبان جي مطالعي مان ئي ڄاڻي سگهجي ٿو. (1)

ٻولي صرف رابطي جو ذريعو نه پر اِنساني گروهه، قبيلي، قوم، سماج، جماعت جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي. ٻوليءَ سان ئي سياسي، معاشي، ثقافتي مفاد وابسطه آهن. اِها ٻولي ئي آهي جيڪا اِنساني زندگيءَ ۽ سگهه جو ذريعو آهي.

آمريڪي لسانيات جي ماهر بلاڪ ۽ ترئگر Blochr-Tragar ٻوليءَ جي وصف هن ريت ڏني آهي.

Languase is a system of arbitraty Voacl symbols by means of which social group-co-oprates. (2)

سنڌي ٻولي ۽ زبان، سنڌ ۽ سنڌين جي زبان آهي جيڪا سنڌ ۽ اُن جي آس-پاس جي وڏي حصي ۾ ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. جيئن جو ڪاروبار سنڌيءَ ۾ هلندڙ آهي. سنڌ پرديش جي اولهه ۾ بلوچستان، اوير ۾ راجستان، اُتر ۾ لهندا ڀاشي، ڏکڻ ۾ گجرات وغيره صوبا آيل آهن. سنڌي ٻولي سنڌي سرحدي علائقن سان گڏ سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. سمن جي ڏينهن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌ جون حدون لتاڙي پري پري تائين پهتي. ڏکڻ اوير ۾ ڪانياواڙ، ماناودر، راجڪوٽ ۽ ڄامنگر تائين سنڌي زبان جي نشان ڏهي ٿئي ٿي. اولهه ۽ اولهه جي ڪلات، سبي، ڪڇي

ڌام“ بڻائڻ جو اِهو ئي هڪ واحد، عملي، آشاوادي نظريو نظر اچي ٿو. سنڌي سنت، سنت ساهتيہ ۽ پليل سنڌي سماج کي سنڌيت پٽ تي اڳيان وڌائڻ ۾ رهبر، مارگہ درشڪ، سونهان بڻجندا. سنسڪرتي ڌام وقت جي تقاضا ۽ ضرورت آهي. واحد عملي قدم آهي جنهن ذريعي سنڌي ساهتيہ، ثقافت ورثي جي حفاظت بهترين نموني ڪري سگهن ٿا. اهڙو منهنجو عقيدو آهي ۽ آشا جو ڪِرڻو آهي.

تاثرات

- سنڌي سنت ساهتيہ ڪنهن بہ ڀاشا جي ساهتيہ سان برميچي سگهي ٿو. ڀهريون ساهتيہ اڪادمي اوارڊ تيرٿ بسنت کي ’ڪنور‘ تي حاصل ٿيل آهي.
- انداز، معيار، گوناگونيت ۾ ڪافي وشال ۽ پرپور آهي.
- لوڪ ادب، ڪلاسيڪل ادب جي ڀيٽ ۾ سنت ساهتيہ پڙهندڙ پانڪ اڄا بہ موجود آهن جن ۾ نئين ٿهي بہ آهي.
- سنڌي سنت ساهتيہ، سنڌي ادب، ثقافت جي ڦهلاءَ ۽ حفاظت ڪرڻ ۾ ڪافي اڳرو رهيو آهي، صادق ڪوششون ورتيون آهن.
- معياري اديبن بہ سنت ساهتيہ تي قلم هلايو آهي.
- ”سنڌو سنسڪرتي ڌام -مرڪز“ سنڌي ساهتيہ ۽ ثقافتي ورثي جي بچاءَ- ڦهلاءَ تي عملي قدم آهي.
- سنڌي سنت ساهتيہ جي پوتر گيان ڌارا لڳاتار ڇوليون ماريندي، موَج مچائيندي دلين کي روحاني آنند سڪون بخشيندي رهندي.
- ڊا. روما جئسنگهاڻيءَ سنڌي سنت ساهتيہ ۾ ناريءَ جا چٽ وشيہ تي پي.ايڇ.ڊي. ڪئي آهي.

جئہ سنڌي!

□□

وچولي : نوابشاهہ ۽ حيدرآباد ضلعن، سنڌو نديءَ جي اولهہ واري ڪيٽر ۾ وچوليءَ جو واهپو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ سنڌ جي وچ واري ڀاڱي ۾ جيڪا اُپ ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي تنهن کي وچولي ڪوٺيو وڃي ٿو. وچولي سنڌيءَ جي معياري، ادبي، علمي ٻولي آهي. دادوءَ جي اُتر واري حصي کان وٺي هيٺ ڪوٽڙيءَ تائين هن جو واهپو آهي. هن علائقي کي ۽ خاص نوابشاهہ ضلع کي ساهتي پرڳڻو بہ چئجي ٿو. وچ ۾ هجڻ ڪري هتان جي زبان ۾ هڪ قسم جو توازن آهي. اُتر ۽ لاڙ جا ٿورا ٿورا اثر بہ نمايان آهن. لاڙ ۾ چوندا آهن ''ڇيو آهيس'' اُتر ۾ چون ''ڇيو اٿس'' تہ وچوليءَ ۾ چون ''ڇيو اٿائين.''

ڪاڪي ڀيرومل هيٺ ذڪر ڪيل ساهتيءَ جا اصطلاح پهاڪا هن ريت ڄاڻايا آهن :

اصطلاح : پنجوءَ جا پنج ئي ڪنڊ (ٻارهو ئي ڪوٽ.)

پهاڪا : اول پيٽ پنجوءَ جو پوءِ ٻار ٻچا.

ڦلوءَ واٽيئي رات وهاڻي، ڳالهين ڪندي ڳوٺي ڪاٺي.

وچوليءَ جي ٻوليءَ کي ٺيٺ بہ چيو ويندو آهي.

برٽش يگہ ۾ دستوري تعليم، سرڪاري ڪاروبار، اخبار ۽ ادب لاءِ وچوليءَ جوئي اِستعمال ٿيڻ لڳو. وچولي سنڌيءَ جو معياري درجو حاصل ڪيل آهي. اڄ بہ هن کي سنڌيءَ جي معياري ٻولي ڪري تسليم ڪيل آهي.

1853 ۾ هاڻوڪي سنڌي آئيوينا جوڙي ويئي. سنڌيءَ لاءِ هڪ معياري لهجو بہ مقرر ڪيو ويو. جيئن تہ سنڌ ۾ جدا جدا علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا جدا جدا لهجا هلندڙ هئا ان ڪري انگريزي حڪومت لهجن جو بہ ابياس ڪيو ۽ اُن جو معيار ڪٿيو. وچوليءَ لاءِ انگريزن حيدرآباد لهجي کي سرڪاري طور تسليم ڪيو. حيدرآبادي لهجو مقرر ٿيڻ لاءِ ديوان ڀيرومل آڏواڻيءَ جو رايو آهي تہ،

''حالانڪ سنڌ جي ساهتيہ خطي وارو لهجو زيادهہ معياري آهي پر ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺاهڻ واري ڪاميٽيءَ ۾ سرڪاري تعليم کاتي ۽ ڪاميٽيءَ ۾ بہ حيدرآبادي گهڻا هئا تنهن ڪري حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور اهميت ملي ۽ اُن کي ئي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو.'' (8)

اِن طرح انگريزن جي وقت ۾ لهجن جي پڻ حد مقرر ڪئي ويئي. ٻوليون رڳو آواز جو اُهو سرشتو نہ آهن جيڪي ساڳئي گروهہ جا اِنسان

12. سيبي خطي ۾ سنڌي زبان. (6)

ٿلهي ليکي سنڌي ڀاشا وگيانين ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي، پوپٽي هيرانندائي ۽ سداحيات ليلارام رُچنداڻي وغيره پنهنجن سنڌي ٻوليءَ جي ايياسي ڪتابن، تحقيقي مقالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيل اُپ ڀاشائون قبولي پنهنجو ايياس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ذڪر لائق آهن :

1. سريلي 2. وچولي 3. لاڙي 4. ٿري 5. ڪڇي ۽ 6. لاسي.

1. **سريلي** : سنڌي اُترادي ڀاڱي ڪي سِرو سڏيو ويندوآهي. اُن جون حدون سنڌو نديءَ جي اوير ۾ خيرپور کان اُباڙي تائين. دادو ضلعي جي سيوهڻ کان لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد کان ڪشمور تائين ليکيو وڃي ٿو. سڄو لاڙڪاڻو ايراضي سرائڪي ايراضي آهي. گڏوگڏ شهداد ڪوٽ به هن ۾ شامل آهي. سريليءَ ۾ ڪنهن به ٻئي وڏي محاوري وانگر ننڍا محاورا (Sub-dialect) به شامل آهن. شري پيرومل مهرچند ترمپ جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته، ”سريلي ٻوليءَ جا اُچار چِٽا آهن. چِٽن اُچارن سان مراد آهي ته سُر آواز نمايان آهن ۽ پوريءَ ريت ڪڍيا وڃن ٿا. اُتر سري ۾ چئبو آهي ”چيائون“ لاڙ ۾ اُن جو اُچار ٿيندو آهي ”چئون“ يا ”چيئون“. سِري ۾ ”آ“ يا ”اَ“ جو سر فري لاڙ طرف محاوري ۾ ”اِ“ يا ”اِي“ ٿئي ٿو.

ٻيا مثال آهن :

سرو	لاڙو
جاتي	جِتي
تن	تِن
تاتي	تِتي
ڪاتي	ڪتي

سري جي جاڏي، ڪاڏي، تاڏي کي لاڙ ۾ جيڏان، ڪيڏان، تيڏان ب چيو ويندو آهي. ڪي.اسم جيڪي ٻين هنڌ مذڪر آهن اُهي سِري ۾ مونث آهن جيئن رت نڪتي سِري جي محاوري جا ڪي جملا هن ريت آهن :

من ڪاڏي پيو تو وڃين (پيارا ڪيڏانهن پيو وڃين.)

چيومانءَ نه (مون توکي چيو).

مان تو هيڏ آ (مون چيو، هيڏانهن اچ).

سنڌيءَ جي پهرئين شاعر قاضي قادن سريليءَ ۾ ڪلام رچيو آهي ۽ سچ سرمست به ڪافي شعر رچيو آهي.

”ٿر“ ڪوٺبو وڃي ٿو. هنن علائقن ۾ ٿري اُپ بولي ڳالهائي وڃي ٿي. لاڙ وانگر ٿر بہ هڪ ثقافتي ايڪو آهي. ٿريءَ ۾ جنهن، تنهن، ڪنهن، ڪڏهن بدران جين، تين، ڪين ۽ ڪڏين چيو ويندو آهي. لاڙ جا ميگهواڙ آچار کي آچاريو، سومار کي سوماريو، هيرو کي هيريو، بچل کي بچو يا بچايو چوندا آهن.

رائچند هريجن ڍٽ جي مناسبت سان اڪثر ٿري بوليءَ کي ڍاٽڪي سڏيو آهي. حقيقت ۾ ڍاٽڪي بولي بي آهي. ٿري محاوري ۾ بہ علائقي-علائقي ۾ فرق آهي. شاهہ جي رسالي ۾ ٿر جون بہ ادبي خصوصيتون آهن. هڪ سُر سارنگ ۽ ٻيو سُر مارئي. ائين تہ هنن ٻنهي ؛ ڳالهين کي ٻين بہ ايڪي شاعرن ڳايو آهي پر شاهہ صاحب جو ادبي معيار تمام مٿاهون آهي. ٿر جي ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ کي شاهہ امر ڪري ڇڏيو آهي. ٿريءَ ۾ جهجهي انداز ۾ لوڪ ادب ميسر ٿيل آهي. ٿريءَ کي ٿاريلي بہ سڏيو ويندو آهي. ٿر ۾ سنڌي ٻولي سنڌي مسلمان ۽ کي هندو جاتيون خاص لوهاڻا وغيره ڳالهائيندا آهن. مارواڙي، ڀيل، ميگهواڙ، ڪولهي وغيره جيڪي ڪڇ-ڪاٺياواڙ، گجرات، راجستان جي علائقن مان ٿر ۾ لڏي آيل آهن جنهن ڪري ٿر جي سنڌي محاورن تي وقتي مختلف اثرات بہ نظر ايندا رهن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري جو بهترين مثال ”هڪ ڪاڳڙو“ لوڪ گ يت آهي. ڪجھ ٻول آهن :

ڪوني مٿي ڪاڳڙو لنيو ڏي لائين،
پڇي پاڙي وارئين، ماءِ، ڪاڳ ڪجاڙو چوي،
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا، تون اُڏامي وڃ،
آءُ ويني وس گهران پنهنجي وڳر تہ شال وران،
اچي ميڙي اوجلي جنهن ۾ لڳي تڏو واءُ،
ڪيتان ويني چوئنن ۾ آيم موچي ياءُ،
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا تون اُڏامي وڃ،
ماڪيءَ مٺي مصري، منوءَ ماءُ وياءُ.

ضلعي ٿرپاڪر جا محاورا وري جيسلمير جا ڍاٽڪي آهن. هن حصي ۾ مارواڙي ٻوليءَ جو وڌيڪ اثر ملي ٿو.

ڍاٽڪي : معنيٰ ڍٽ جي ٻولي ”ڍٽ“ راجستاني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي رڻ پٽ، صحرا، ريگستان وغيره. ٿاريلي نانءُ آهي سنڌي ٻوليءَ جي اُن روپ جو جيڪو ٿري ريگستان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن

هڪ ٻئي کي پنهنجو مقصد سمجهائڻ، رابطو قائم ڪرڻ لاءِ زبان مان ڪڍن تا پر اُنهن نڪرندڙ آوازن کي ڪاغذ تي چٽڻ، لکڻ ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ تسليم ڪيل نظام بہ ٻولهي لڌو ويو جنهن کي لپي سڏجي ٿو. سنڌي لپيءَ ۾ سڀ لهجا ڇاپي جي صورت ۾ محفوظ ڪيا ويا آهن اِهو ڪم برٽش يگہ ۾ ٿيو.

لاڙي : سنڌ پرديش جو جيڪو وستار سمنڊ سان وڃي لڳي ٿو اُن کي لاڙ چوندا آهن. اِن جا بہ حصا آهن هڪ حيدرآباد جو لاڙ، ٻيو ڪراچيءَ جو لاڙ. ڪراچي ضلع جو سڄو ڏاکڻو حصو جيڪو ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ طرف اچي سمنڊ سان ملي ٿو. سنڌ جي ڏکڻ حيدرآباد ضلع جي بدين تعلقي کان ڳني تعلقي تائين جو سڄو حصو هن سان جڙيل آهي. هتي جي اُپ ٻوليءَ کي لاڙي ڪوٺيو ويندو آهي. لاڙي محاورو هڪ وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. اُن ۾ ڪي ننڍا محاورا بہ شامل آهن. لاڙ هڪ ثقافتي ايڪو بہ آهي. لاڙي لفظي معنيٰ ”لڙيل“ يا ”هينيون“ آهي. لاڙ جي سرحد ڏکڻ ۾ ڪڇ جي رڻ سان بہ ملي ٿي. 1947 کانپوءِ اُها بند ٿي ويئي. لاڙي محاوري تي پاڙيسري محاورن جو اثر آهي اُن جون سرحدون اُتر ۾ وچوليءَ جي محاورن سان، اولهہ کان لاسي ڪوهستاني محاوري سان اوپر کان ٿري ۽ اوپر ڏکڻ ڪنڊ کان ڪڇي محاوري سان ملن ٿيون. ڪجهہ لفظن جا مثال :

معياري	لاڙي
ڪيائون	ڪئون
چيائون	چئون
سڏيائينس	سڏئيس

شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ لاڙيءَ جو لهجو نظر اچي ٿو. اِن کانسواءِ لاڙي محاوري ۾ مخدوم احمد نبي، سانوڻ فقير، محمدخان ٽالپر، احمد ملاح، علي مراد چانڊيو وغيره شاعرن جو بہ ڪلام جڙيل آهي.

”ڪلهي ڦاٿو ڪنجرو مٿو اُگهاڙو،
منهنجو ڪچاڙو، پينر هن پنيور ۾.“

”ماڙهو ڏيئي ميهڻا، مونکي ڪندا ڪوهہ،
جو ڇوريءَ ۽ ڇوهہ، سا پٿون ٿيندي پير تي.“

شاهہ صاحب جي لاڙي لهجي جا ٻئي مٿيان قسم آهن.

ٿري : سنڌ جي اوپر ۾ خيرپور، ڇاڇڙو، ڏيپلو، عمر ڪوٽ، مِٺي ايراضي ۽ اُن سان لڳل هندستان جو سرحدي علائقو ڪڇ، جيسلمير، ٻارميڙ وغيره

ڏسجي ته سوڍا سوڍڪي اُپ ڀاشا ڳالهائيندا. سوڍڪي رڻ ۾ ڳالهائي ويندي آهي اِنڪري جديد اثرن کان آجي آهي.

سنڌي	سوڍڪي
اڇو	ڌؤرو
ڳاڙهو	رتو
پيلو	پيرو
سائو	ليلو

سوڍڪي ڳالهائيندڙ هلڪي ۽ گهاٽي رنگ ۾ به فرق ڪندا آهن. ڪنهن شيءِ جو رنگ گهاٽو ڳاڙهو هوندو ته چوندا ''پرڪو رتو'' جي هلڪو ڳاڙهو هوندو ته چوندا ''ڪچو ڳاڙهو.''

ٿر جا ڪجهه پهاڪا :

نول ڪرڻ = سؤلو ڪرڻ، نبات کان چيهه = برادريءَ مان ٻاهر، وهانءَ جو ڌورو = اڇوتن جي شاديءَ ۾ پيلو سڳو وتيل دعوت نامي طور موڪليو ويندو آهي، مينهن جو موهري = تاڙو پکي، مينهن جو مانجهي = سانجهيءَ جو تارو.

''سوڍن جا ڳيت'' لوڪ گيتن جو ڪتاب سوڍڪيءَ ۾ شايع ٿيل آهي. دادو ديال جي سنڌي بيتن تي راجستاني رنگ چٽيءَ طرح نمايان آهي.

ڪڇي : سنڌ جي ترپاڪر ۽ پارت ۾ گجرات جي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي اُپ ٻولي ڪڇي آهي. ڪڇيءَ کي اڪثر ڪڇڪي به سڏيو ويندو هي. ڪيترين ڳالهين ۾ ڪڇي ۽ لاڙي محاورا هڪ جهڙا آهن. ڪڇ وارا اڄ ڪڇيءَ کي هڪ جدا زبان ڪري ليکين ٿا پر بنيادي سٽاءَ کي ڏسجي ته اها سنڌيءَ جو هڪ اهم محاورو آهي. مثلن :

سنڌي	ڪڇي
آئون وڃان ٿو	آئون وڃان ٿو
هو مانيءَ کائڻ ايندو	اَو ماني کيڻ اچينيدو.

شاهه جي رسالي جو ڪڇ سان تعلق رهيو آهي. ڪيترا قلمي نسخا ڪڇ ي رهاڪن وٽ اڄ به موجود آهن. شاهه جي بيتن ۾ ڪڇي محاوري جو کس ملي ٿو.

ڪرهو نه کي ڪانه، پيرين آئون نه پڄٽي،
جو مون رات رسائي، نيئي ساڄن ساڻ،
مون نه وهيٽو پاڻ، ويني نيڻ نچوئيان.

محاوري کي ”ترپجي“ به سڏيو ويندو آهي. ڍاٽڪي سنڌي ۽ مارواڙ جي ٻوليءَ جو ڳاڌڙ-ساڌڙ محاورو آهي. پر ڍاٽڪي محاورو سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ مارواڙي ٻوليءَ جي گهڻو قريب آهي.

ڍاٽڪيءَ ۾ ڳڻڻ جا انگ هن ريت آهن: هيڪ، ٻه، ٽن، چار، پنج، ڇهه، ستن، اٺ، نؤ، ڏهه، اگياري، ٻارهي، تيرهي وغيره. هيءُ انگ نج پراڪرت لفظ آهن ۽ هوبهو ڪم اچن ٿا. سوڍن نڪرن جي ٻولي ڍاٽڪي آهي. ڍاٽڪي محاوري ۾ بي‌انداز لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون، ڳاهن سان ڳالهيون آهن.

ڍاٽڪي	سنڌي
واٽڙيا ٽان ورسارو	وانن تي برسات
مانڊيو	ٿي آهي
مانهنجا منا	منهنجا منا
تون آوو ته	تون اچ ته
ورسارو	سانوڻ.

سنڌ جي ڏکڻ اوير ڪنڊ وارو علائقو ”پارڪر“ ته جو اهم حصو آهي. پارڪر ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي آهي تنهن کي ”پارڪري“ چوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ 52 اکر آهن پر پارڪريءَ جي الفابيٽ ۾ چاونجاهه اکر آهن.

سنڌي	پارڪري
ادا ڪال آيو	پائي ڪال آيو
سنها اکر لک	پاتر اکه لکه
سبق پڙهه، گهوڙيءَ چڙهه	سبق پڙ، گهوڙا مانهه ستر.

گجراتي اکرن جو ميلاپ نظر اچي ٿو.

سنڌي ٻولي سنڌ جي هڪ پرپور جاندار ۽ سگهاري ٻولي آهي. پارڪري توڙي ڍاٽڪي محاوري جا سنڌي ٻوليءَ سان ناتا رشتا نهايت قديمي آهن. محاوري کي اُپ ڀاشا ۽ ننڍي محاوري کي اُپ اُپ ڀاشا به سڏيو ويندو آهي.

مثال طور سري واري محاوري جا ننڍا محاورا شڪارپوري، لاڙڪاڻائي، اُباوڙائي ۽ ماتيل آهن. اهڙي نموني ٿر جو هڪ ننڍو محاورو سوڍڪي به آهي. مشهور ماهر لسانيات ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي زيارت“ ۾ ڄاڻايو آهي ته ”سوڍا سنڌي ٻوليءَ جي ترڪلي اُپ ڀاشا ڍاٽڪي ڳالهائيندا آهن. جيڪڏهن ذات پائي اُپڀاشا جي حساب سان

ٻوليون اسان کي حاصل ٿين ٿيون. پر اڪثر اِهو ٻہ ڏٺو ويو آهي تہ جدا جدا اُپ ڀاشائن وارا سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۾ پڻ معياري سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ڪن ٿا پر پنهنجن گهرن، ڀاشائي ايراضين ۾ اُهي پنهنجي اُپ ڀاشا ۾ ئي ڳالهائين ٿا. اڪثر اِئين بہ ڏٺو ويو آهي تہ هڪ ئي شاعر، اديب جي شاعريءَ جي رچنائن تي وقت پٽاندڙ جدا جدا اُپ ڀاشائن جو اثر نمايان ٿيئي ٿو. مثال طور هڪ سنڌيءَ جي ڀهرئين شاعر قاضي قادن جا اوائلي دؤر جا جيڪي شروعاتي ست بيت حاصل ٿيل هئا ۽ بعد ۾ 1978 ۾ جناب محقق شري هيري ٺڪر جي لاثاني ڪوشش سان جڏهن ٻيا 112 بيت روشنيءَ ۾ آيا تڏهن اُنهن جي ٻولي ۽ اڳين بيتن جي ٻوليءَ ۾ ڪافي فرق آهي. اڳيان بيت لاڙي لهجي وارا ۽ بعد ۾ حاصل ٿيل بيت مٿئين سنڌ واري اُترادي يا سرائڪي لهجي وارا آهن. ودوانن، عالمن اِهو قبول ڪيو آهي تہ قاضي قادن جي ٻولي اُترادي هئي. اِهو بہ ظاهر ٿي بينو آهي تہ قاضي قادن جي ٻولي اُن وقت جي ٻولي سرائڪي ۽ ملتاني لهجي کان گهڻو متاثر ٿيل هئي. اِهو بہ ثابت ٿيئي ٿو تہ سنڌيءَ جا جدا جدا لهجا هڪ ٻئي تي اثرانداز بہ ٿين ٿا.

اِها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ڀارت ۾ ورهاڱي بعد لڏي آيل سنڌين ۾ سنڌي جاگرافيائي اُپ ٻولين جو تفاوت ڏري گهٽ ختم ٿيندو پيو وڃي. هوُ معياريءَ جي ويجهو ايندا پيا وڃن ۽ اُنهن تي مڪاني ٻولين جا لهجا اثرانداز ٿيندا پيا ٿا وڃن. فارسي لفظن جي ڀيٽ ۾ هندي ۽ عام واهپي وارن انگريزي لفظن جو واهپو وڌندو پئي رهيو آهي. ڀارت جي سنڌيءَ ۾ ٻوناٽي جيوت ۽ سنڌ سان لاڳاپيل اصلي نج-نيٺ سنڌي لفظ، اصطلاح، پهاڪا، ڪيتريءَ ۽ پيشي جا لفظ نہ جي برابر اِستعمال ٿين ٿا يا گهٽي ڀاڱي گم ٿي ويا آهن.

البت ٻني ڪڇ ۾ جتي سما، سومرا، ميگهواڙ، ڪولهي، سوڍا، متوا، جت وغيرہ اوائلي سنڌي قومون، قبيلا رهن ٿا اُنهن وٽ شڌ نج سنڌي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ سانڍيل آهن نہ وري سنڌي لوڪ ادب ۾ ۽ روزاني جيون ۾ واهپي ۾ آهن. جديد دؤر جي هوا اُتي بہ آهستي-آهستي پهچي رهي آهي. سنڌ ۾ جتي سنڌيءَ جي اُپ ڀاشائن جو گهرو مطالعو ۽ کوج ٿي رهي آهي اُتي ڀارت ۾ اُپ ڀاشائن جي وڪاس، واڌاري، ايڀاس طرف ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو آهي. سنڌيءَ جي جاتيائي، قبيلائي، اُپ ڀاشائن کي جيئڻ جو تيئن

ڪيترن بيتن ۾ لفظ ۽ تاثر ملي ٿو ته شاهه صاحب ڪڇ کان پورو واقف هو ۽ ڪڇ جي شاعرن تي به شاهه جو اثر هو. ڪڇي اُپ بوليءَ ۾ پڻ گهڻو لوڪ ادب ملي ٿو. پراڻنات پنهنجو ٻچ ڪلام ڪڇي محاوري واري سنڌيءَ ۾ چيو آهي.

لاسي : سنڌ جي لس ٻيلي، قلات رياست، جهلاوان جي ٿوري حصي ۽ مڪران ۾ لاسي اُپ بولي ڳالهائي وڃي ٿي. لس ٻيلي جي محاوري کي ڪوهستان جي بوليءَ سان گهڻو ربطو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ''ٻيلاين جا ٻول'' ۾ ٻيلي جي تاريخ، ثقافت ۽ شاعريءَ جو جائزو ورتو آهي. لاسي محاوري جي پکيڙ سنڌ ۽ بلوچستان جي گهٽي جابلو ايراضيءَ سان لاڳ اپيل آهي. بلوچستان جي ايراضيءَ ۾ ٻين سنڌي محاورن جهڙوڪ فراڪي جغدالي ۽ ڪيتراني به شامل آهن. لاسي محاوري ۾ مخصوص ۽ مقامي لفظن جو به خاص ذخيرو آهي جنهن مان عوام جي زندگيءَ جي ثقافت جا اُهڃاڻ چٽا ملن ٿا.

ڪجهه لفظ :

اُست = لسي

تسو = ذرا

چَمر = چشم، اکيون

چَمَرَ = ڪڪر

سلو = پيچرو

لوڪ ادب جي ڳجهارتن ۽ هنر جي بيتن ۾ خاص طور مقامي لغت جو ڀنڊار آهي. شاهه لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ جتي ٻين خطن جي بوليءَ کي بيتن جي زينت بڻايو آهي اُتي لس ۽ جبل کي به نه وساريو آهي خاص ڪري سسئيءَ جي بيان ۾ لاسي ۽ ڪوهستاني محاوري جو جلوو خوب پسايو آهي.

اڄڪلهه هڪ ئي علائقي ۾ جدا جدا ٻوليون ڳالهائيندڙ رهن ٿا يا هڪ ئي علائقي ۾ مروج ڀاشا جون شاخون جدا جدا اُپ ڀاشائن سان گڏ ادبي معياري بوليءَ سان گڏ جدا جدا اُپ ڀاشائون به واهپي ۾ نظر اچن ٿيون. ذاتي جاتين جي لحاظ کان سنڌيءَ جي اُپ ڀاشائن ۾ فرق پڻ ملي ٿو. اوڏن جي بولي، ميگهواڙن جي بولي، مَتون جي بولي، سوڍن جي بولي، اوڪائي ميمڻ جي بولي، ڪڇي ميمڻي بولي، مهاڻن ۽ ملاحن جي بولي وغيره اُپ اُپ

حوالا

1. سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال، سمپادڪ ڊاڪٽر منوهر متلاڻي، سال-2000، ص-76.
2. An art line of Lingustic analysis-Lingustic of America-1942 p.s.
3. ٽري ٻولي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو-هدايت پريم سنڌي ٻوليءَ جا بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ-1994، پيج-5.
4. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ-ڀيرومل مهرچند آڏواڻي-1956، ص-91.
5. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي-ڊاڪٽر غلام علي الانا-1983، ص-7.
6. سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو - ڊا. داد محمد خادم بروهي-1990، ص-220 کان 232.
7. آڏواڻي ڀيرومل مهرچند-سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد-1956، ص-97.
8. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ-ڀيرومل آڏواڻي-1956، ص-90.

مددي ڪتاب

1. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ-ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي-2011.
2. سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال-ڊاڪٽر منوهر متلاڻي-2000.
3. ٽري ٻولي، ڊاڪٽر جوڻيجو-هدايت پريم-1994.
4. سنڌي اُپ ڀاشائن جا چونڊ لفظ، ڊا. پرسو گدواڻي-لالجي همٿوجي سونهڙ-1999.
5. سنڌي ساهتيہ ايڪ پريچيہ (هنديءَ ۾) ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي-2008.
6. سنڌي ادب جي تاريخ جو جائزو - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالحميد-1982.
7. سنڌي ٻولي-ليلارام رُچنداڻي-1989.
8. سنڌي ادب جي تاريخ-لعل سنگهه هزاريسنگهه اجواڻي-1991.
9. سنڌي ادبي تاريخ-محمد صديق ميمڻ-1945.
10. ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت-ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي-2002.

□□

سنڀالي سانڍي ۽ واهپي ۾ رکڻ لاءِ سنڌي ساهتيہ اڪادمي، گجرات راڄيہ لاثاني ڪم ڪيو آهي. بنيءَ جي سنڌي لوڪ ادب جا انيڪ ڪتاب جيئن سنڌي ٻالهائي وڄي ٿي اُن ساڳئي لهجي ۾ شايع ڪرايا آهن. اُپ ڀاشائون سچ پچ پنهنجي الڳ هستي رکن ٿيون ۽ معياري سنڌيءَ مان جيڪي لفظ عدم موجود آهن اُنهن کي اُپ ڀاشائن جيئن جو تيئن سنڀالي رکيو آهي. اڪادميءَ ڊاڪٽر پرسي گدواڻي ۽ لالچي همٿوچي سونهڙ جي سرپرستيءَ ۾ جدا جدا ٻولي ماهرن کان مدد وٺي 1999 ۾ ”سنڌي اُپ ڀاشائن جا چونڊ لفظ“ ڪوش شايع ڪيو آهي جنهن ۾ سنڌي، سوڍڪي، ميگهواڙي، جتڪي ۽ ڪڇي اُپ ڀاشائن جا لفظ شامل ٿيل آهن. هن قسم جو ڪوش تيار ڪرڻ جي ڪوشش سنڌ ۾ ٻہ نہ ٿي آهي. اِهي لفظ اسان جي ثقافت جو ٻہ حصو آهن. هن ڪوش ۾ روزاني زندگي،ڪرتڪار، وهنوار، واهپي ۾ ايندڙ لفظن سان گڏ ڏنڌي، پيشي، کيتيءَ، چوپائي مال وغيره جا لفظ ٻہ درج ٿيل آهن. سوڍڪي لفظن جو ذڪر ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ”لطيفي سئر“ ڪتاب ۾ ص-150 کان 172 تائين ڪيو آهي.

ڳاهہ، وٽن، ولين جا نالا ساڳيا ميگهواڙي، ڪڇي، جتڪيءَ ۾ پڻ آهن جن کي آڏواڻي صاحب ٿر جا وڻ ٻوٽا ڪري ڄاڻايو آهي. اُهي سڀ اڪثر ڪڇ-بنيءَ جي زمين تي پڻ پئدا ٿين ٿا ۽ کيترن ئي نالن ۾ هڪجهڙائي آهي. سنڌيءَ ۾ لکيل ساهت جو وڏو ذخيرو آهي. پر سوڍڪي، جتڪي، ميگهواڙي، ڪڇيءَ ۾ لکيل ساهت نہ جهڙو آهي اِنڪري اڪادميءَ اُنهن محاورن جا لوڪ ادب جا ڪتاب شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. ڪڇيءَ جو ڪافي ساهت ڇپيل آهي پر اُهو گجراتي ڀاشا ۾ آهي. اڪادمي اُن کي سنڌي ڀاشا ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي. هرهڪ ڀاڱي جي مقامي لفظن، اصطلاحن، پهاڪن جي ڄاڻ ۽ هرهڪ حصي جي عوامي ٻوليءَ جي واقفيت حاصل ڪرڻ سان گڏ سماجي ڪم ڪندڙن، زرعي پئدائش ڪرڻ، همزبان ٿي ڪم ڪرڻ ۽ اُپ ڀاشائون مدد روپ ٿين ٿيون ۽ هر ڀاڱي جي ٻوليءَ کي لکت ۾ محفوظ ڪرڻ سان سنڌي زبان جي لغت جو دائرو پڻ وسيع ٿئي ٿو.

هرهڪ اُپ ڀاشا ۾ لفظن جي وڏي لفظي ڀنڊار کي سانڍي رکڻ، اُنهن جو جديد دؤر جي حوالي سان کوج ۽ مطالعو ڪرڻ اڄوڪي سيمينار ۽ وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي ڳهٽڳهرن ۽ اِدارن کان تقاضا آهي.

مذڪور ڪتاب ڪان سواءِ ڪونج طرفان مارچ-اپريل 1998 ۾ شايع ٿيل ”ڪونج موتيلال جوتواڻي سيلف پورٽريٽ“ بہ آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر جوتواڻيءَ پنهنجي جيون جي باري ۾ مختصر ڄاڻ ڏيندي لکيو آهي تہ :

”مونکي بہ سار سنڌي، پر واپس ڪونہ ويندم،
مس مس هتي منهنجو، ٿيو پنرواس آهي.“

ڀارت ۾ سنڌي ساهتيہ جي موجودہ حالت بابت بيان ڏنو اٿس تہ،

”اسان جو سنڌي ساهتيہ گهڻوتڻو شهري آهي اُن ۾ اُها وسعت ڪونهي، جا عام جام ساهتيہ ۾ هجي ٿي. پوءِ بہ اسين ڪلپنا ۽ سمرتيءَ جي ٻل تي زندگيءَ جا گوناگون وسيع چِتر پيش ڪري سگهيا آهيون.“

ڀارت ۾ سنڌين جي آئينده بابت هوُ آشاوادي آهي چوي ٿو تہ :

”ڪابہ جاتي مرندي ناهي. اسين پڻ هتي ڀارت ۾ ”سنڌي“ ٿي رهنداسين. جيڪڏهن اسان ۾ ايڪتا آهي، پنهنجي ٻولي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ سان پيار اٿئون، تہ اسان جو آئينده روشن آهي.“

اِنهن جاچنائن، سوچ ويچار جا عڪس اسان کي ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي ڪتاب ”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ پڻ نمايان ٿيل آهن.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي ئي قلم بند ڪيل ”آءٌ جو ئي آهيان، سو ئي آهيان“ اشاعت سال 1999 جنهن کي هن خود انيہ پرش ۾ لکيل آتم ڪٿاتمڪ ويچار اُپنياس، پريوگاتمڪ ناول سڏيو آهي ۾ پڻ جيڪو ڪردار خود موتي آهي ڪتاب ”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ ڪجهہ پاڇولا نظر اچن ٿا.

”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ موتيلال ”موهن ڪلپنا جو ڪردار مونکي وڻندو آهي“ جملي سان ڪتاب جي شروعات ڪئي آهي. موتيءَ موهن ڪلپنا کي ”اِسم پاڪ آدم“ سڏيو آهي. موتيءَ ڄاڻايو آهي تہ ”جيئن ڪو واٽيو چائنٽ تي نمي، ستنام واچي، پنهنجو هٿ ڪوليندو هجي تيئن مون هن ڪتاب جي مستطيل جي چائنٽ تي ڪيس ياد ڪيو آهي. موهن جي ڪردار ۾ زندگيءَ جا مڙيئي امڪانات مجبوري، جبر، محدودگي، وسعت، توازن، تضاد لياڪا پائيندا رهيا آهن. اِن ڪردار کي سمجهڻ پاڻ کي سمجهڻ آهي. ورهاڱي کان پوءِ آزاد ڀارت ۾ سنڌي ڪردار کي سمجهڻ آهي.“

ڪتاب جو انت ڪاليجي اڌياپڪ ساٿي رڻجيت سنگهہ جي جملي سان ڪيو آهي جنهن کان اڳہ سامهون رکيل مئہ جي گلاس ڏانهن اِشارو ڪندي چيو، ”ڪم ڪرڻ کان پوءِ اسان اِها وندر ورونهن ڇو ڪين لهڻي؟“ موتي اِن

تبصرا

”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ ڊا. موتيلال جوتواڻي

جيوني ۽ آتم ڪٿا بنهي ۾ جيون، شخصي زندگي وڌيڪ آهي. آتم ڪٿا جيون جي سمالوچنا آهي جنهن ۾ ڀوڳيل، ماڻيل جيون پل، سُکن-ڏُکن، آڌياتمڪ سوچ، روزاني جيون جو چٽ وغيره هوندو آهي. اديب پنهنجي گذاريل مڪمل جيون کي ٻيهر تلاش جي ڪوشش ڪندو آهي. آتم ڪٿا شخص جي گذاريل جيون جو پوتاميل آهي جيڪو خود ليکڪ دواران لکيو ويندو آهي. آتم ڪٿا ۾ رُچيءَ جو مقصد ”خود“ هوندو آهي، ٻاهرين دنيا، ماحول جو اُپيوگ هوندو آهي. آتم ڪٿا جو مکيہ ۽ اهم تتو آهي ”سچائي“. آتم ڪٿا ۾ جيون جا اهم واقعا، گهٽنائون ۽ حقيقتون درج ٿيل هونديون آهن. ليکڪ جو آتم معائنو آتم ڪٿا کي چوٽيءَ تي پهچائي ٿو. سنڌيءَ ۾ انيڪ آتم ڪٿائون لکيون ويئون آهن پر هن وقت منهنجي سامهون ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جو ڪتاب ”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ آهي جنهن جي لوڪپريتا اِن مان ئي ثابت ٿئي ٿي تہ هن ڪتاب جا لڳاتار ٻہ ڇاپا پهريون ڇاپو 1994 ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1997 ۾ شايع ٿيل آهن.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي هند-سنڌ جي ادبي کيتر جو هڪ وڏو نالو آهي. عالمي ودوان، دانشور، مفڪر جا سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ۾ 60 کن کان مٿي گوناگون وشين تي ڪتاب شايع ٿيل آهن گڏوگڏ ساهتيڪ رسالن، ادبي مخزنن ۾ هُن جا جهجهي انداز ۾ مقالا شايع ٿيل آهن. سداحيات ڊاڪٽر موتيلال ڪوي، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، محقق ۽ آلوچڪ هو. ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کي پوپٽي هيرانندڻيءَ ”ودوان ساهتڪار“، جينت ريلواڻيءَ ”هڪ زنده ليکڪ“، وينا شرنگيءَ ”هڪ اهم ادبي شخصيت“، ”سنڌي ادب جو اوشو“، لڪشمڻ ڏُبي، پرم ابيچنداڻيءَ ”هڪ عالماڻو مقالا نويس“ ۽ ڊاڪٽر جيتو لالواڻي سنڌي نوجوان اديبن جو مسيحا، وغيره سڏيو آهي.

پدم شري ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي جيون-آتم ڪٿا سان جڙيل

آهي. توهان جي گهريلو زندگي به اهڙي ئي سکي آهي جهڙي منهنجي.''

ڊاڪٽر جي سڪدائي پلن جو مان به شاهد آهيان. مون ڪافي عرصو ڊاڪٽر جوتواڻيءَ سان گڏ گذاريو. گهر جي مهمانوازي ماڻي، محفلن، سميلن ۾ ڏينهن جا ڏينهن گڏ گذاريا جتي سدائين هن سان گڏ پاپي راج ڪي اڪثر جتي ڪتي پاتو آهي. سدائين مرڪندڙ چهري سان آجياڻو حاصل ڪيو آهي. هوءَ به تعليم سان جڙيل رهي آهي. زندگيءَ جي اڻانگين راهن تي موتيلال ڪي سات سهڪار ڏنو آهي ته بيماريءَ جي حالت ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري شيوا به ڪئي آهي. اديبا ادي وينا شرنگي به ''موتيلال جوتواڻي هڪ اهم ادبي شخصيت'' ليکه ۾ آتم ڪٿا جي ناليءَ جو حوالو ڏيندي ڄاڻايو آهي ته ''جوتواڻي ناليءَ ۾ نرهي گهڻو ڪجهه چئي ويو آهي.'' اُن لاءِ هن ڪتاب مان حوالو ڏيندي ڄاڻايو آهي ته، ''زندگي وسيع آهي، اِها هڪ وڏي دائري جي اندر الائجي گهڻا ننڍا ننڍا حصا آهي... ۽ اها ايتري وسيع آهي جو پنهنجي سموري روپ ۾ هن محل تائين شايع ٿيل مڙني ڪتاب ۾ اچي نه سگهي آهي.'' اِهو شخص جڏهن پنهنجون يادگيريون درج ڪري ٿو ته هو پنهنجو سمورو ڪجهه نٿو اوتي ڏئي سگهي. ڊاڪٽر جوتواڻيءَ هن ڪتاب ۾ وسيع زندگيءَ جي دائري اندرجيڪي ننڍا ننڍا دائرا، پل، ڪٿا-منا آزمودا، واقعا ۽ سارونيون آهن، سمورو ڪجهه نه ڏيڻ جي باوجود به گهڻو ڪجهه اوتيو آهي ۽ سچائيءَ سان چنر چٽيا آهن. وسيع آزمودي نمائش حاصل ٿئي ٿي. موتيلال خود قبولي ٿو ته، ''حقيقت ۾ منهنجو پنهنجو انيو منهنجو گرو رهيو آهي، مان زندگيءَ جو ڪليل ڪتاب پڙهندو رهيو آهيان.'' ۽ اِن حقيقت جو آياس ڪتاب مان بخوبي نمايان ٿئي ٿو. ڪتاب ۾ هن پنهنجي رچنا پرڪريا لاءِ ڄاڻائي ٿو ته،

''منهنجو اندر وارو پاڻهي طيءَ ڪندو آهي ته هن جو هن پيري ڪهڙيءَ ٻوليءَ ۾، ڪهڙي وڏا ۾ بخوبي ادا ٿي سگهندو. مونکي ڪا لڪا پئي بنا منهنجا اِهي فيصلا اندر ئي اندر ۾ ٿي ويندا آهن ۽ هڪ دفعو لکجي وڃڻ کان پوءِ مون پنهنجي هرڪا ست منهنجي انيوتيءَ جو حصو رهي آهي. منهنجي انيوَ کي ڪڏهن به ڪندت ٿيڻ نه ڏنو اٿم. منهنجين تخليقي ۽ حقيقي رچنائن ۾ مان اُن الؤڪ رچناڪار وانگي هڪ رچناڪار آهيان.''

ڪتاب ۾ درج ويچار، گهٽنائون، سارونيون، واقعا، سوچ وغيرہ جيڪي به آهي اُهي موتيلال جا پنهنجا ۽ اندر جا طيءَ ڪيل آهن. شدت ۽ فراخدليءَ

جملي بعد لڳي ٿو، مونکي اُداسي ويڙهي ويئي ۽ هن جي مُک مان ازخود غالب جو شعر نڪتو:

”يہ مسائل تصوف، يہ تيرا بيان غالب،
تجهي هم ولي سمجهتي، جو نہ باده خوار هوتا.“

موتي شدت سان قبولي ٿو تہ، ”مون صوفين ۽ تصوف بابت پنهنجي ليکي گهڻو ڪجهہ اهميت پريو لکيو آهي پر مان پنهنجي ”باده خوار“ هجڻ کي ڇا ڪريان؟“

ڊاڪٽر موتيلال آتم ڪٿا جي ناليءِ ۾ پنهنجي شخصي جيون، نندپڻ، ڪتنب وغيره بابت منڍ ۾ ذڪر ضرور ڪيو آهي پر ڪتاب ۾ جوتواڻيءَ جي مڪمل جيون جا عڪس سلسليوار نہ پر حصن-حصن ۾ چٽيل ۽ اُيريل آهن.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ جي خود خواهش هئي تہ ”آتم ڪٿا جي ناليءِ ۾“ ”ڪجهہ“ لکان ۽ هن اهڙي خواهش شري لکمي کلاڻيءَ سان بہ ڪئي هئي. اُن ’ڪجهہ‘ ۽ ”نالي“ ۾ زندگي ۽ ادب جون ڳالهيون، ادب سان جڙيل واقعن، گهٽنائن ۽ ادب سان جڙيل مشغولين، ڇاهي شخص جو ذڪر ۽ حوالا ڪتاب ۾ درج تہ ڪيل آهن ئي پر ڪتاب مان ليکڪ جي پنهنجي آس پاس جي سماج سان جيڪا ڪميٽمينٽ آهي سا، گهرو زندگيءَ جي سکدائي پلن، نندپڻ جي واقعن، زندگيءَ ۾ يوڳيل، ماڻيل، ڏٺل، حقيقتن، آزمودن، وشال اپياس، آزمودي، سئر سفر، جدا جدا سنسڪرتين جي ڄاڻ، جيون جي رُخن جي لاڙن، سوچ ويچار، ادبي پس منظر چٽيءَ طرح ڪامياب نموني اُيري بيٺا آهن. جتي سکدائي آزمودا نمايان آهن اُتي نراسائي، دکدائي پل، جيون جا تضاد، يادگيريون، سپنن آڏارت تصور بہ چٽيل آهن. شري هري دلگير ڪتاب تي پنهنجو رايو ڏيندي، ڊاڪٽر موتي پرڪاش کي 20 مئي 1994ع ۾ خط لکيو هو تہ، ”آتم ڪٿا جي نالي“ ڪتاب پهتو، اُچاتري نظر سان ڏٺو آهي. هڪ عاليشان ادبي تحفو ۽ سنڌيءَ ۾ پنهنجي قسم جو ٿلهو ڪتاب رنگين ۽ بهن چٽرن سان آهي پر مونکي اِئين محسوس ٿيو تہ هيءَ آتم ڪٿا نہ آهي پر آتم ڪٿا جي نالي ۾ ئي آهي. اِن حساب سان ڪتاب جو ٽائيٽل ٺيڪ آهي. هن ڪتاب پڙهڻ کان اڳہ منهنجي دل تي اثر هو تہ گرهست جيون ۾ جهڙو مان سکي آهيان، اهڙو پيو ڪو شايد ئي هوندو پر هاڻي معلوم ٿيو تہ سير جي مٿان سوا سير بہ ٿيندو

ٻه ذڪر ڪيل آهي. اُن وقت مان پي. ايچ.ڊيءَ جو مقالو ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر پارتيءَ جي رهنمائيءَ ۾ پيش ڪري چڪو هوس پر ادبي سياسي چالبازين جو مان شڪار ٿيل هئس. اُن جي ڄاڻ ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کي هئي.

هونئن ٻه ڊاڪٽر جوتواڻي سدائين منهنجو خيرخواهه رهيو. جيون جي هر ڏکئي موڙ تي منهنجي نه صرف رهبري ڪئي پر وقتائتيون، عملي صلاحون ٻه ڏنيون جن مان مونکي لاڀ ئي حاصل ٿيو. ڊاڪٽر جوتواڻيءَ جي ئي خواهش هئي ته مان دهلي سنڌي اڪادميءَ ۾ هن بعد سيڪريٽري بڻجان ۽ اُن لاءِ هن مونکي پوري پوري مدد ٻه ڪئي. مون اُهو پد ٻه ماڻيو. اسان گهڻين سنستائن ۾ گڏجي ڪم ڪيو. آٿرس گلڊ آف انڊيا ۾ ٻه اسان گڏ هئاسين ۽ آتم ڪٿا جي نالي ۾ ٻه هنن مونکي پاڻ سان گڏ رکيو آهي.

پارتي ۽ جوتواڻيءَ جي وچ منهنجي حاضري ۾ ٿيل گفتگو واقعي کي حصو بڻايو آهي. جنهن ۾ هن پنهنجن ويچارن، عقيدن جي چٽائي ڪئي آهي. ڊاڪٽر پارتيءَ ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ کي منهنجي حاضريءَ ۾ چيو ته ”مان ڏسندو رهيو آهيان، تو ٻه پنهنجا گهڻا گهڻي ۾ گهڻا دشمن پيدا ڪرڻ جو وڏو هنر آهي. مان جڏهن پاڪستان سچل سيمينار تي ويو هوس ته اُتان جي ماڻهن ۾ تو لاءِ ۽ پنهنجي ادبي ڪم لاءِ ڏاڍي عزت تيندي ڏٺم“ ۽ ڊاڪٽرپارتيءَ انيڪ تنهنجن-منهنجن گروپن جا حوالا ڏنا. تڏهن ڌيرج سان ڊاڪٽر جوتواڻيءَ چيو، ”اِئين برابر آهي ته تنهنجا-منهنجا گروپ ٺهي ويا آهن. اِنعام پڻ گروپ بنديءَ جي تحت طيءِ ٿين ٿا ليڪن مان گروهه بندين جي سخت خلاف آهيان. هرهڪ سوال تي اعتقاد جي آڌار تي ئي مان ليکڪن سان گڏ يا کانئن جدا آهيان... جو ماڻهو جتي هئڻ گهرجي، اُهو اُتي هجي. ليڪن جي ساهتڪ ڪٿ ڪندي مون ڪڏهن ٻه شخصي ڳالهين کي اهميت ڪانه ڏني آهي. منهنجا سخت آلوچڪ پڻ منهنجي بي-رياءُ ڪٿ جي ساراهه ڪندا آهن.“

ڊاڪٽر جوتواڻيءَ بي‌باڪ قبوليو ته، ”تنهنجا-منهنجا گروپ ٺهي ويا آهن، اِنعام پڻ گروپ بنديءَ جي تحت طيءِ ٿين ٿا.“ سؤ سيڪڙو سچ آهي ۽ خاص ڪري نوان-لائق اديب اُن جو شڪار ٿي رهيا آهن. ادبي هنجن مٿان ڪارا ڪانوَ ڇانئجي ويا آهن. اِن گروپ بنديءَ جو تون-مان شڪار آهيون. جيڪا هڪ حقيقت آهي. گروب بنديءَ جي تحت جيڪي نقصان ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کي مليا، ساهتيه اڪادميءَ جي اِنعام جي لياقت

سان قلمبند ڪيل آهن. ڊاڪٽر موتيلال خود قبوليو آهي ته، ”منهنجي ڪٿاساهتيه ۾ جيڪي سيڪس سنبنڌ آهن اِن سيڪس سنبنڌن جو بيان منهنجو مقصد نه بلڪ منهنجو ماڌيم آهن. اِنهن بيانن ذريعي مون سماج کي صحيح-صحيح سمجهڻ چاهيو آهي.“

اِها به هڪ حقيقت آهي ته ڪتاب آتمڪٿا جي نالي ۾ گوناگونيت آهي، بيهڪ، سلسلو ناهوڪو آهي، اندازي بيان اثرائتو آهي جيڪو ڊاڪٽر جوتواڻيءَ جي اعليٰ، عالمي ودوان هجڻ جي ساک ته ڀري ٿو، پر ڊاڪٽرجي علميت ۽ قابليت به ظاهر ڪري ٿو. هڪ اِهو به سچ آهي ته ڪتاب شايع ٿيڻ سان ادبي حلقن ۾ ڪافي چؤٻولو متو هو، چرچا بحث ٿيا هئا، ڪن کي غصو به آيو هو ته گهڻن کي من دکه به ٿيو هو. ناٽڪ ۾ ائڪشن-ريئڪشن کي شفي سڏيو ويندو آهي. ڪتاب سنڌي ادب کي تمام گهڻا ائڪشن ريئڪشن به ڏنا جن ۾ گهڻائي شفي اثرن جي رهي. ڪتاب ۾ 12 باب آهن : منهنجي زندگي، جيون ۽ ساهتيه جا يٿارٿ، جت ڪٿ وسبن ٿو ٿون، هڪ-ٻه ورهاڱي جا راڱا، منهنجا ڪي دوست، ڏاريو ڪوبه ناهي، لڳ ڀڳ هڪ ئي وقت الڳ الڳ شخص، انواد ۾ سرجن جو سک، منهنجي رچنا ٻرڪريا، هوءَ منهنجي شرمندگي، منهنجي ادبي زندگي ۽ منهنجو هئڻ-ٿيڻ به ته آهي، هيءُ عُنوان پنهنجو پاڻ ئي گهڻو ڪجهه چئي وڃن ٿا ۽ دستوري آتمڪٿائن-جيون ڪهاڻين جي نرالپ طرف اِشارو به ڪن ٿا.

ڪتاب جي خوبي ۽ نرالپ-نواڻ اِها به آهي ته هرهڪ باب ڪونا سان شروع ٿئي ٿو ڪوتائن موتيلال جون خود جون قلمبند ڪيل آهن. جتي جتي ضرورت-گهرج هن محسوس ڪئي آهي اُتي نه صرف خط درج ڪيا آهن پر ڪوتائون به درج ڪري پنهنجي ڳالهه-سوچ، ويچار کي چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب نثر-نظم جو گڏيل روپ آهي.

ڊاڪٽر جوتواڻيءَ ڪتاب ۾ گهڻن اديبن جو ذڪر ڪيو آهي پر هم سفر هريش واسواڻيءَ کي ”رهنما رقيب“ سڏيو آهي ۽ دادا جيرامداس کي پنهنجو گرو قبولي عقيدت جا گُل پيش ڪيا آهن.

ڪتاب جي آخرين حصي ۾ ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ 27 ڊسمبر کا 31 ڊسمبر 1993 ڊيڪن ڪاليج پونا جي پڇمي ڪيتر ڀاشا ڪيندر طرفا سڏايل تڪنيڪي شبداوليءَ جي ڪاريه شالا وقت جو ذڪر ڪيل آهي جنهن ۾ منهنجي رهنما ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي ۽ منهنجو (ڊاڪٽر جينو لالواڻي) ج

سُرخ گُلاب-سُرها خوابَ پنجڪڙن جو گُلدستو

سداحيات پريو ”وفا“ جو پورو نالو پريو جوتومل ڇڳاڻي تخلص ”وفا“ آهي. هوُ هڪ خوددار، سدا ڪلندڙ، محبوب عظيم شخصيت جو مالڪ، فهميدو، برجستو، وسيع ايياس جو مالڪ،سنڌي فلمن جو گيتڪار، ڪوي ڪشنچند بيوس ڪلاس جو شاگرد، علم عروض جو ماهر، سنڌ-هند جي گلوڪارن جو پيارو، هاڪارو، جنهن جي ٻوليءَ ۾ رواني، سرلتا، خيالن ۾ بلندي، عبارت ۾ پختگي آهي. هڪ مقبول اعليٰ، قداور ۽ قربدار شاعر آهي، عوام جو ممتاز ڪوي آهي.

”وفا“ گيت، غزل، رباعيون، نظم، پنجڪڙا وغيره سنڌي شاعريءَ کي انمول تحفي طور نظر ڪيا آهن. ”پنجڪڙا“ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين صنف آهي جيڪا پريو وفا جي پريہ ۽ سنڌي شاعريءَ جي هن جي نجي خلقيل دين آهي. اُمنگن جي. اُڏام سان پرپور آهي. پنجڪڙو هندي چند دوهي آڌارت 12 ماترائن جي وزن تي ٻڌل پنجن سٽن جو شعر آهي جنهن ۾ هڪ مڪمل چِٽ چٽيل هوندو آهي. اُن جون وچيون ٻہ سٽون يعني پهرين ۽ چوٿين، ٻين ۽ ٽين هم قافيہ ۽ چوٿين سٽ پهرين سٽ سان تهڪيل هوندي آهي. پنجين سٽ پهرين سٽ جو دُهراءُ هوندي آهي جيڪا چوٿين سٽ سان هم قافيہ ٻڻجي پنجڪڙي ۾ لئہ پيدا ڪري ٿي ۽ معنيٰ کي ٻہ اُياري وڌيڪ چٽو ڪندي خيال کي ٻہ شدت بخشي ٿي. پنجڪڙي جي هرهڪ سٽ زنجير جي ڪُڙن جيان اهڙي نموني جُڙيل هوندي آهي جو اُها بنا ڪنهن ٻهر جي پڙهي سگهبي آهي ۽ مڪمل پڙهڻ سان هڪ قسم جي لئہ پيدا ٿيندي آهي. پنجڪڙي ۾ Rythem جي اِن خاصيت ڪري اُهو سلوڪ يا وهيڙي جيان ڳائي سگهبو آهي.

وفا کي پنجڪڙا لکڻ جو خاص ڏانوَ آهي، هوُ ڪلاتمڪ، فنائتي ڍنگہ سان وچار کي سهڻي نموني اظهاري ٿو. اِها پريرڻا هُن سنت ڪبير، ميران

رکندي به نه حاصل ٿيو پر موتيلال جوتواڻيءَ جي ليکڪ جي آزاديءَ آڏو يا اُن جي ذهني ايمانداريءَ اڳيان، اِنعام ڪابه معنيٰ نٿا رکن هوُ شدت سان قبولي ٿو.

ڊاڪٽر جوتواڻي سوال ٿو پُڇي ته زندگيءَ ۾ وڏي ۾ وڏو نقصان ڪهڙو آهي؟ موُت جو اچڻ! ها، هوُ قبولي ٿو ته هونئن موُت عام آهي پر پنهنجي گهر ۾ سندس پُٽ ديپڪ جو موُت جيڪو 13 اپريل 1991 ۾ ٿيو اُهو خاص ٿي پيو. هوُ قبولي ٿو ته اسان لاءِ زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه بدلجي ويو پر پوءِ به اسين هلون ٿا. ڪرم بنا گتي ڪانهي. هوُ چوي ٿو اِن نقصان اڳيان ڪوبه نقصان ڪجهه ناهي. هوُ روئڻ چاهي ٿو، پر هن کي خبر ڪونهي ڪڏهن روئڻ ايندو، هوُ هيانءُ ڦاڙي روئندو. جوتواڻي موُت بابت سوچيندي به موهن ڪلپنا کي ياد ڪندي لکي ٿو، ”مهان ڪٿاڪار موهن ڪلپنا راجوءَ ۾ مونکي آئت ڏيندي چيو هو، ”شروڻ ڪمار به وقت کان اڳ پنهنجن وڏن کان اڳ ٿي ويو هو.“ اُهو موهن ڪلپنا پڻ هتي ڪونهي. اَهڙيون انيڪ بيون سال 1994 بعد جون يادگيريون سيني ۾ سانڍي ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي 28 جنوري 2008 ۾ اگم ديش ڏانهن چالاڻو ڪيو ۽ ڏئي ويو سنڌي ادب کي بيبها، قديمي سوکڙي ”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ گهڻو ڪجهه...

□□

شايع ڪرايا آهن.''

وفا اندازي چار سؤ کن پنجڪڙا جوڙيا آهن جن مان 300 کن هن ڪتاب جي سونهن بڻيا آهن. پريو وفا کان سواءِ ٻئي ڪنهن به سنڌي ڪويءَ اينتري جهجهي انداز ۾ پنجڪڙا نه جوڙيا آهن ۽ نه ئي وري ڪنهن شاعر جو صرف پنجڪڙن جو مجموعو شايع ٿيل آهي.

''سُرخ گلاب-سُرها خواب'' پريوءَ جي شاعريءَ جو ٽيون مجموعو آهي جيڪو ''جهنڪار'' 1958 ۽ ''پرواز'' 1962 کان پوءِ 1980 ۾ شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب کي 1981 ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جو عزت بخش اوارڊ عطا ٿيل آهي.

''سُرخ گلاب-سُرها خواب'' جي ترتيب ۽ سونهن به ڪافي ڪشش ڪندڙ آهي. ''وفا'' پنهنجن پنجڪڙن جي وشين کي جدا-جدا عنوان سان سنواريو آهي. هر عنوان ۾ شامل پنجڪڙن جي مٿان گلاب جا پنج گل سجائي رکيا آهن ۽ پنجڪڙا شروع ٿين اُن هرهڪ وشيه اڳيان وشيه وابسط پنهنجا گيت به ڏنا آهن جيڪي وشيه کي واضع ڪن ٿا ۽ بعد ۾ وري وشيه وابسطه سب عنوان ڏيئي پنجڪڙا ڏنل آهن جيڪي مکيه وشيه عنوان جي ارد-گرد، روپ، سوروپ کي پسائين ٿا ۽ ڀن-ڀن روپ وفا جي باريڪ نظر، سوچ ۽ احساس کي اُپارين ٿا.

ڪتاب ۾ پريوءَ جا ورهاست ڪيل وشيه عنوان آهن :

1. سچ 2. سانگه 3. سک 4. سونهن 5. سنگيت 6. ڪلا، ڪوي، ڪوتا 7. ساگر درشن 8. سوُجهه-ٻوُجهه 9. سنسا ۽ ويساهه 10. اِنسان، روح، خدا 11. ايڪ-انيڪ 12. مٽيءَ جا ڪيل 13. فلسفه حيات 14. ڪرم ۽ قسمت 15. قهر ۽ ڪرانتي 16. امير 17. غريب 18. بمبئيءَ جون تصويرون 19. ساٿيهه ۽ ستنترتا ۽ 20. ٽڙيل پکڙيل داڻا.

اِن ڪانسواءِ خوشبوُ جا گيت سان گڏ ''نئون ڪوزو نئون شراب'' پنجڪڙي عنوان سان فهرست پريل آهي.

''وفا'' کي ''س'' حرف سان خاص لڳاو نظر اچي ٿو. ويهن وشيه عنواس مان نوَ ''س'' حرف سان شروع ٿيندڙ عنوان آهن ته وري ڪتاب جو نالو به ''سُرخ گلاب-سُرها خواب'' به ''س'' سان ڀرپور آهي ته سمرپڻ پڻ ''س'' جي نالي ڪيل آهي.

ڪويءَ جي قلم مان ''وفا'' هڪ سٺو، عمدو، معياري، زندگي، سماج،

بائي، گرونانڪ ديو جن جي دوهن تان حاصل ڪئي جو هوُ اُنهن جو گهرو اڀياسي رهيو آهي. دوهن کان متاثر ٿيندي هن جي من ۾ هڪ چڻنگ اُڀري ته دوهن جهڙي رواني، مؤسيقيت، لئه سنڌي شعر ۾ آڻجي ۽ هن اِها پنهنجي اِڇا پورتي پنهنجي شعر ۾ لئه، سنگيت، مڪمل خيال کي جوڙي رچيل شعر کي ''پنجڪڙي'' نالي سنڌي شاعريءَ ۾ منصف ڪيو.

پريو وفا کي پنجڪڙي جي صنف ايجاد ڪرڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي اُن لاءِ هوُ صاحب خود ڄاڻائي ٿو ته،

''هيءَ صنف ايجاد ڪرڻ جي ضرورت اِن ڪري محسوس ڪيم جو اڄڪلهه جي ڇن-پَٽَ ۽ ڀڄ ڀڄان واري زندگيءَ ۾، جنهن ۾ بيشمار مصروفيتن جي هُجڻ سبب هرڪوئي وقت جي ڪمي ٿو محسوس ڪري ۽ وستارن وارن شعرن جو لکڻ، پڙهڻ مشڪل ٿيو پوي. خاص ڪري شهري زندگيءَ ۾ جتي هرڪو پنهنجي ۾ ئي پورو آهي، من هميشهه ڪنهن تناءُ ۾ تاڻيل ٿو رهي. پنجن سٽن جي ڪوتا پڙهڻ ۾ ڪوبه ڪڪ نه ٿيندو وري شاعر پنهنجي خيال جو اِظهار پنجن سٽن ۾ ڪري سگهي ٿو.''

(حوالو : سُرخ گلاَب، سُرها خواب-1980 پريو وفا، پنجڪڙا-ص-25)

چوٽي به آهي ته ''ضرورت کوج جي ماءُ آهي'' اِن چوٽيءَ کي پريو وفا جي پنجڪڙن جي ايجاد ساڪار بڻائي ٿي.

''وفا'' پنهنجن پنجڪڙن کي دل جو آئينو سڏيو آهي ۽ قبوليو آهي ته اُنهن ۾ سندس دل جا عڪس چٽيل آهن.

''پنجن گُلن جو پنجڪڙو'' ۾ 'وفا' ڄاڻائي ٿو ته :

''پنجڪڙي مان هڪ ئي مهل رُباعي، غزل، (ساڳئي وشيه وارن پنجڪڙن کي جلائي) ترائيل، سلوڪ، ڏوهيڙي ۽ سورٺي جون سڪون لهنديون آهن ۽ اُنهن جيان پنجڪڙو ڳائي به سگهبو آهي.''

وفا پنجڪڙي جي رچنا ۾ جدا جدا شعر جي صنفن جو هڪ ي وقت سڪون حاصل ڪري ٿو. سامي صاحب پنهنجا ''سلوڪ'' پني جي ڇُٽڪين تي لکي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو ساڳئي نموني وفا پڻ پنهنجن پنجڪڙن جي رچنا پرڪريا بابت ڄاڻائي ٿو ته، ''سئر سفر ڪندي، گهمندي-ڦرندي جيڪو به ڪاغذ جو ذرو پُرزو-ٽڪيٽ هٿ لڳو اُنهن تي ڏٺل منظر، خوبصورت خيال، جن من کي متاثر ڪيو ترت لکندو ويندو هوس ۽ وقت پڄاڻا اُهي ڪٺا ڪري سهيڙي ڪتابي صورت ۾ 'سُرخ گلاَب-سُرها خواب' ۾ 1980 ۾

نظرئي ۽ اِنسانيت سان ڀرپور جذبن کي ماڻيون.

سچ ٻول

چئي ڏي جو ڇوڙو تي سچ
نہ ڪر تون ڏاڍن جي پرواهہ
اُتي هي ٻاهہ ڏيڻ جا ڏاهہ
زهر جا جام ڪڻي ٻيو نچ
چئي ڏي جو ڇوڙو تي سچ.

سچ چڻ جي صلاح ڏيندي سک جا سوُر هن ريت ڪوي اِظهاري ٿو.

اُتي آ اُپ تي منڙي گوُنج
اُنڌاهي رات پريمي ۽ جا پوُر
ڪڻي سيني ۾ سک جا سوُر
وجي تي ڪُر لائيندي ڪوُنج
اُتي آ اُپ تي منڙي گوُنج.

سک ۾ سونهن جو سماءُ ڪيئل هوندو آهي. چوي ٿو:

ڇُهن ٿا ڀنوَر گُلن جا موُنهن
پيئن ٿا چوسي سُرهي پڪَ
سونهن سان سڀ جي آهي سِڪَ
رهي تي سک اندر هک سوُنهن
ڇُهن ٿا ڀنوَر گُلن جا موُنهن.

شاعر جو سونهن ۾ پورن اعتقاد آهي جو اُن ۾ ئي آتما جو واسو آهي.

سونهن ۾ رکہ پورن وشواس
ٻڻائي پنهنجي دل جو ديوَ
سونهن کي وينو پوڄ سَديو
سونهن ۾ آهي روح جو واس
سونهن ۾ رکہ پورن وشواس.

سونهن ۾ پريم جو جوڙ سمنڊ ۽ لهرن جيان اٽوٽ آهي.

پيار جو آهي سونهن سان سنگہ
سوُنهاري هر شئہ پياري آهہ
۽ پياري سدا سونهاري آهہ
اِئين ڄڻ ساگر منجهہ ترنگہ

ذرم، وگيان جي فلسفي کي اُجاڳرت ڪندي جيڪو نهاڳهر ۾ ساگر سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اُهو وفا جي سوچ جي ۽ احساس جي ترجماني ڪندڙ آهي. اُن ۾ آخر ۾ ''س'' حرف وارين بنهي زندگيءَ جي خوبصورتين کي معنا ڏني آهي. زندگي انيڪ خوبصورتين سان ڀرپور آهي پر وفا پنجن سچ، سک، سونهن، سنگيت ۽ سوجهه-ٻوجهه جي خوبصورتين کي اڳرائي ڏني آهي.

سچ ۾ وري سونهن، سک ۽ ساهس کي به شماري ٿو. سک ۾ صلح ۽ شانتيءَ جي تلاش ڪري ٿو. سونهن جيون کي سرل، مڌر ۽ معنيٰ خيز بڻائي ٿي. سنگيت جيون ۾ رس ڀري ٿو ته وري سوُجهه ٻوُجهه من جا سنسا، ڀرم مٽائي چت ۾ جوت جڳائي دل جا بند دروازا کولي راهه روشن ٿي بڻائي. وفا اِها معنا قائم ڪندي پنجڪڙا رچيا آهن جيڪي اِنهن مکيه سندرتائن سان اوت-پروت ٿيل آهن. جن سان اِنسان زندگيءَ کي سنواري ۽ سينگاري سگهي ٿو.

وفا جا پنجڪڙا جيڪي نيٽ سنڌيءَ جا مٺا، مڌر، من ٺار، سرل، سنگيتميه لئه سان ڀرپور لفظن سان اوت-پروت ۽ اهڙا قوّت بخش آهن جو مهاراشٽر، گجرات، مڌيه پرديش، راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي درسي ڪتابن جي سونهن بڻيا آهن. سندس لفظي چٽ پڙهندي-پاڙهيندي، ٻڌندي هردي تي چٽيءَ طرح اُڀري بيهن ٿا ۽ لبن تي رقص ڪندا رهن ٿا. هن جا پنجڪڙا وشال شبد ڀنڊار کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلن ٿا.

آڪاشواڻيءَ تان هر سال پرجاوادي ڏينهن جي موقعي تي هر ڀاشا جي بهترين سنڌي ڪوتائن جو نه صرف خود ڪوي ڪنٺ سان رس پان ڪرايو ويندو آهي پر اُهي چونڊ خوبصورت شعر ڀارت جي جوڙجڪي معنا حاصل ڀاشائن ۾ انواد ڪري دهلي آڪاشواڻيءَ تان پرسارت ڪيون وينديون آهن جن ۾ سنڌي ڀاشا به شامل آهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن سنڌي ڪويءَ کي پنهنجا شعر پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي اِهڙو ئي شرف پريو وفا کي ب ڪيترا دفعا حاصل ٿيو هو پر پنجڪڙن مان ''بمبئيءَ جون تصويرون'' عنواني پنجڪڙا ممبئي AIR تان بهترين ڪوتا ڪري، چونڊي، وفا جي ڪنٺ سان پرسارت ڪيا ويا هئا ۽ پرجاوادي ڏينهن تي ڀارتي ڀاشائن ۾ انواد/اُلٿ ڪرائي هن جي ڪوتائن جي غيرسنڌين کي مؤج وٺائي ويئي هئي.

اڇو ته، وفا جي جذبات، خيالن، دل جي اُمنگن، محبت جي مچ، آشاوادي

نہ ملندءِ ڀهڙو ڪٿي جهانُ
ستارن سان سينگاريل عرش
ڌڳاون سان ڌڳاريل فرش
۽ اِسرار ڀريو اِنسان
نہ ملندءِ ڀهڙو ڪٿي جهانُ.

ڀريو وفا آزاد ڀارت جا اڻ سهائيندڙ، ڏکي ڪندڙ واقعا، ڪانڊ ڏسي هن جي من مندر ۾ آزاديءَ جا جيڪي سپنا سنواريل هئا اُهي چوُر-چوُر ٿيندو ڏسي آکي ٿو تہ آزاديءَ بعد :

پيئڻ پيا نانگہ ندين جو نير
مِلائن امرت ۾ ٿا زهر
مري ٿو اُڃ ۾ سارو شهر
مليو ٿي جت ماکي ۽ کير
پيئڻ ٿا نانگہ ندين جو نير.

وفا پنجڪڙن جا جيڪي وشيہ عنوان چونڊيا آهن اُنهن عنواني اکرن جو گهٽي ڀاڱي جهجهن پنجڪڙن ۾ واهپو-ذڪر بہ ڪيو آهي. مُروج ٿيل آهن. مثلن :

”نئين ڪوزي ۾ نئون شراب“ عنوان سان پنجڪڙو آهي :

نئين ڪوزي ۾ نئون شراب
پيئو ڙي ڪيڏو پيارو آهہ
پراڻو ڪڙو ڪسارو آهہ
صدين جو آ سنواريل آب
نئين ڪوزي ۾ نئون شراب.

”پکين جي پريت“ ڏسون :

پکين تي وندي پاڻ ۾ پريت
چونچ ۾ چونچ چکيائون چاڳ
ٻچين تي رکي ڇڏيائون ڳاٽ
سمهي پيا تن اربي اِن ريت
پکين تي وندي پنهنجي پريت.

وفا ڪيترن پنجڪڙن ۾ حرف تجنيسيءَ جو استعمال ڪيو آهي. وفا

پيار جو آهي سونهن سان سنگ.
سونهن جي ڪري هر اِنسان ڪنهن نه ڪنهن کي ضرور پيارو لڳي ٿو.

وٺي ٿو ڪير نه ڪنهن کي ڪيرُ
مِٺا لڳن ٿا مِرڱئي موهڻ
سونهن ۾ سڪ يا سڪ ۾ سونهن
سڄو آ نظر-نظر جو ڦير
وٺي ٿو ڪير نه ڪنهن کي ڪيرُ.

پريم عالمي آهي. اُن جي ڪشش هر بني بشر کي سڄي ڪائنات کي
جوڙي ويني آهي.

پريم آ پرڪرتيءَ جو نيم
ڪڙو آ اُپ منڊل ۾ گرهه منڊل
پريم جو سارو ڪشش ثقل
وِشوَ جي ڪَڻ-ڪَڻ ۾ آ پريم
پريم آ پرڪرتيءَ جو نيم.

وفا اِنسانيت کي مهان سڏيندي جيون ۾ اُن کي اهميت ۽ الويت ڏئي ٿو

فقط مان آهيان هِڪ اِنسان
نه هندو آءٌ، نه مومن آءٌ
نه منهنجو مذهب خاص نه ڳانءُ
وطن آ منهنجو سڄو جهان
فقط مان آهيان هِڪ اِنسان.

شاهه ۽ سچل سائينءَ جو به اِهو ئي فرمان آهي.
شاعر سُڄهه-ٻُڄهه ۾ روايت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو :

ڦِريل اچ آهه، سميه جي چال
سنئين ڪر پنهنجي ڪڄ رفتار
نئون يگ، ويس نئون ڪر يار
پرائين ڏڱڙين کي نه سنڀال
ڦِريل اچ آهه، سميه جي چال.

هن جيون سنسار ۾ انيڪ ڪشٽ-ڪشالا، سور-سختيون، آشائون-نراشائون،
پيڙا-درد، روح-راڙو آهي ته به ڪويءَ کي هيءُ لوڪ سهڻو لڳي ٿو.

تبصرو

سنڌي سفرناما

سفرنامو غيرافسانوي ادب جو حصو آهي. سفرنامي کي پرواس پتر، ساهتيہ نامو، ٽريولاگ بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ ڏورانهين، پرڏيهہ، پرديس، علائقي وغيره بابت ڪيل سفر جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. اُهو سفر ۽ اُن جو سربستو احوال لکت يا تقرير تحرير جي روپ ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. بهترين سفرنامي ۾ حقيقي، مشاهدي ماڻڻ سان گڏ تصويرون بہ شامل هونديون آهن جنهن مان هوبهو ڪيل عڪاسي لياڪا پائيندي نظر ايندي آهي. سفرنامي جي قلم بندي، لکاوت يا اُن جو زباني بيان هڪ فن آهي. خاص عبارت، لکڻ جو ڍنگ اُن کي ساهتيہ رچنا جو درجو عطا ڪندي دستاويزي پڻ بڻائي ٿو. اِن لاءِ سفرنامو قلم بند ڪندڙ کان مهارت هجڻ جي تقاضا پڻ ڪئي ويندي آهي.

سفرنامي لاءِ ڪي ادبي بنيادي اصول پڻ طيءِ ڪيل آهن جن مطابق جنهن هنڌ، ملڪ جو سفرنامو لکيو وڃي ٿو اُن مخصوص خطي سان جڙيل سڀني حقيقتن، اُتان جي تاريخ، جاگرافيائي حالت، سماجي، ثقافتي پس منظر اُن علائقي سان وابسطہ سمورن احساسن، محسوسات، جُزيات جو بيان درج ڪرڻ لازمي آهي. سمورو بيان سياويڪ، دلفريب هئڻ گهرجي جيئن پڙهندڙ، ٻڌندڙ اُن سان اوت-پروت ٿي وڃي ۽ خود سفرنامي جو حصو بڻجي مشاهدو ماڻي. سفرنامي ۾ سماجي ايپاس سان گڏ خود جو ماڻيل تجربو، آزمودو پڻ بيان ڪيل هوندو آهي.

سنڌي ادب ۾ تمام گهڻا، نهايت ئي عمدا، معياري، ادبي سفرناما هند توڙي سنڌ ۾ جوڙي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن. اسين ڄاڻون ٿا تہ سنڌ مان سنڌورقي دور دراز ملڪن ڏانهن واپار سانگي سمنڊ جهاڳي ويندا هئا ۽ پرڏيهہ مان ڪمايل ناڻو ڪٺي اچي سنڌ کي مالي طور پختو بڻائيندا هئا. سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي بہ مشهور آهي تہ، ”جيڪي ويا جاوا، سي سدائين ساوا.“

”سڪ“ کي ڪٽي اُن جا علحدا روپ، شبد پسائيندي اِن وشيہ تي وڏ ۾ وڏ پنجڪڙا رچيا آهن.

جديد دؤر ۾ سنڌين مان سنڌيت موڪلائيندي پئي وڃي. سنڌي ڪتاب ڪباٽن ۾ ساهہ ڇڏي رهيا آهن. اِن مونجهہ وفا جي دل کي بہ ضربيو آهي. پر تنهن هوندي بہ هوُ آشاوادي بڻجي هڪ خوبصورت خواب پسي ٿو ۽ چوي ٿو :

اکين ۾ جرڪي ٿو هڪُ خواب
پسان شل جيون ۾ هڪوار
سنڌين ۾ ساهت لاءِ سڪ پيار
سنڌيت جي هٽ ۾ سنڌي ڪتاب
اکين ۾ جرڪي ٿو هڪُ خواب.

اِهو خواب صرف وفا جو نہ پر هر سنڌي ذهني طبقي جو آهي. ڪاش سنڌين کي سُمت اچي ۽ سپنو حقيقت بڻجي. چوندا آهن وکر جي چاڻ جنس مان پوندي آهي. هتي ڪجهہ سچائي ڏنل آهي. اچو ڏسون تہ پنجڪڙن لاءِ ٻيا ڇا ٿا چون :

بہ قول هري درياڻي ’دلگير‘ جيڪي پڻ بيوس ڪلاس جا شاگرد رهيا چون ٿا :

”وفا جي پنجڪڙن ۾ جهرڻن جي جهر-جهر، ستارن جي سونهن ۽ گلابن جي خوشبوءِ آهي، منجهن شراب جو خمار آهي. وفا جي طرز تي پنجڪڙا ٻين بہ لکيا آهن پر وفا جا پنجڪڙا پنهنجو مٽ پاڻ آهن.“

ارجن شاد چواڻي :

”وفا جي خلقيل پنجڪڙن جي صنف پنهنجي مخصوص قوت سبب سنڌي ساهت ۾ تواريخي اهميت رکندي.“

(حوالو : سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ-ڊا. ڪنهيالال ليکواڻي-2011، ص-172)

اِهو سچ آهي تہ وفا جي پنجڪڙن جو دائرو گهڻو-گهڻو وسيع آهي. جنهن ۾ سڪ، سوز، پياس، لڙڪ ۽ مُرڪ تہ آهي ئي پر عقيدت بہ اوچ سطح تي اُبري بيٺي آهي. سوکيم پر وڻندڙ طنز بہ آهي. روح جو ۽ قدرت جو اِظهار بہ آهي. اندازِ بيان جي انوکي سگهہ سبب پراڻا خيال پڻ نت نوان پيا ڀاسن.

□□

ڏسڻ، ياترا ڪرڻ لاءِ تڙڦندي رهي. هو تصور ۾ سنڌ جو سئر ڪندا رهيا ۽ ذهني سڪون حاصل ڪندا رهيا.

ورهاڱي جو درد، پيڙا بہ ڪيترا سال سنڌي ادب ۽ اديبن مٿان ڇانيل رهي. سياسي ماحول سازگار نہ هئو، سنڌ وڃڻ پڻ ممڪن نہ هو ويزا جون تڪليفون هيون پر ڪن اديبن، شخصن، صحافين کي سنڌ وڃڻ جو موقعو مليو اُنهن سنڌ جي زيارت تان واپس موٽندي سنڌ جي صورت حال، سماجڪ ماحول ۽ آيل بدلاءَ، قرب، مهمانوازي، سوچ کي ڪٿي وقت بہ وقت اخبارن، رسالن، مخزنن ۾ سفر جا ورتانت شايع ڪيا آهن ۽ ڪن ڪتابي صورت ۾ سفرناما پڻ شايع ڪيا آهن.

ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيل ڪجهہ سفرنامن جا ڪتاب هن ريت آهن :

''جيئي اسان جي جيل سنڌ''-مدن جماڻي (1997)، ''تون سنڌ ۾ رهي پئہ''-ٺاڪر چاولا (2001)، ''سنڌ جو سئر''- گيانچند لالواڻي (2007)، ''مور نہ وسران سنڌ'' ڊا. چيتو لالواڻي (2010).

شري مدن جماڻيءَ شداڻي دربار جي جٿي سان 1996 ۾ سنڌڙيءَ جو سئر ڪيو هو ۽ اُها سفر ڪهاڻي هن ''جيئي اسان جي جيجل سنڌ''' ڪتاب ۾ درج ڪئي آهي. ڪتاب جو عالماڻو مهاڳہ سداحيات گوبند مالهيءَ لکيو آهي. مدن جماڻيءَ 16 آڪٽوبر 1996 کان سنڌ ياترا جي شروعات ڪئي آهي ۽ سلسليوار اٽاري، سمجهوتا ايڪسپريس، اٽاريءَ کان واگهہ، ميرپور ماٿيلو، حيات پتافي صاحب، جرواڙ، ماٿيلو، آدلپور (بنو عاقل)، خانپور مهر، دادو، روهڙي، ساڌبيلو، گهوٽڪي، ڏهڙڪي، ميرپور-ماٿيلو، جملي ٻارهن ڏينهن جو سپاٽ-بياني سفر جوڙيو آهي. مدن جماڻي هن سفرنامي ۾ ڌارمڪ روحاني سڪون بخشيندڙ جذبات سان اوت پروت سنڌ وارن جي سڪ، حب، مهمانوازيءَ جو ايمانداريءَ سان دل جي گهراين سان اثردار نموني بيان ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي اُتان جي رهاڪن، عوام جي سوچ، وهنوار، حلت جا هلڪا چٽ بہ چٽيا آهن. سفر ۾ شامل هن جي ساٿين جوذڪر، فڪر، سنڌ لاءِ سوچ، ردعمل بہ سٺي نموني سچائيءَ سان ڪيو آهي. سفرنامو سنڌ ۽ هند وارن جي دل جي دانهن جو درد ڪٿي پاڻ سان هلي ٿو.

سنڌ جي سرهاڻ سان پرپور هن سفرنامي جي سونهن آهن اُن ۾ شامل جدا جدا هنڌن تي ٿيل محسوسات کي اظهاريندڙ شاعرن جون ڪوتائون ۽ سنڌ،

سنڌيءَ جي سرمور صوفي شاعرشاهه لطيف ڀٽائيءَ جو ”سُر سامونڊي“ سنڌ ورقين جي مهم، جوکائتي ڪم، خطري واريءَ ساحس جو دستاويز آهي. سنڌ ورقين جي جانبازي، خطرن سان کيڏڻ جي شوق، جوش، اهڙا ڪم پسند ڪندڙن، اُجهاڳ سمنڊ جي خوفناڪ طوفانن، لهرن، سامونڊي واچوڙن سان منهن مقابل ٿيڻ جي سچي حقيقتن سان سرشار ٿيل آهي. سنڌي ماڻهو واپاري ذهنيت جا مالڪ هجڻ ڪري صدين کان ڏيساور واپار سانگي ويندا هئا. هنن جو وهنوار هُنڊين ذريعي ٿيندو هو. شڪارپور جون هُنڊيون جديد دؤر جا ”ٽرويلر چيڪ“ ڪافي وشواسو ءَ عزت بخش بڻيل رهيا.

اِئين ته اسان کي سنڌ توڙي هند ۾ شايع ٿيل چڱا سفرناما ملن ٿا. پر ادبي معيار جي ڏس ۾ مالڪ قاضي اڪبر جو ”يورپ جي ڊائري“، الطفا شيخ جو ”منهنجو ساگر منهنجو ساحل“ جا سفرناما بنيادي، لوڪپريه ءَ ميل پٿر ”سنگ ميل“ سڏيا ويا آهن. وڌ ۾ وڌ سنڌي ادب کي تحريري ءَ محققاڻا سفرناما ڏيئي هنن ادبي صنف کي مالامال ڪيو آهي.

منهنجي مقالي جو واسطو ”سنڌ سفرنامن“ تائين محدود آهي. سنڌ جي جدا جدا خطن، علائقن، تواريخي شهرن، هنڌن کي ڪٽي سير سفر تي مضمون، ڪتاب شايع ٿيل آهن جن ۾ ”ٿر جو سير“ اُڌارام چانڊومل، ”ڪوهستان جو سير“ ريواچند آڏواڻي، ”يورپ جو سئر“ جيڪو غيرسنڌ علائقي ءَ پرڏيهه تي جوڙيل سفر جو جائزو آهي جو ليکڪ هيمنداس واڌواڻي، ”گنجي جبل جو سير“ ميران محمد شاهه، ’مڇئي جو سير‘، ”حيدراباد جو قلعو“، ”مارئيءَ جو ملڪ“ پيرومل مهرچند جا ”سنڌ جو سيلاني“ ڪتاب ۾ درج ڪيل آهن. پيرومل جوئي ”لطيفي سئر“ به ڏيان ڇڪائيندڙ ڪتاب آهي. بياني ڪتابن ۾ لعلچند امرڏنيمل جو ”مسافريءَ جو مزو ءَ سير جو رنگ“ پڻ هڪ سندر ڪتاب آهي.

هڪ جيئون تضاد ءَ حقيقت جيڪا بيحد ڏکوئيندڙ، پيڙادائڪ اِها آهي ته سنڌ ۾، اڪل ڀارت ۾ رهندي سنڌين سنڌ، ڀارت ءَ پرڏيهه جو جيڪو سئر سفر ڪيو اُن تي شدت سان قلم آزمائي ڪئي. پر ورهاڱي بعد جن سنڌين هند ۾ جنم ورتو، وڏا ٿيا اُنهن سنڌ جي ساورڻين، يادگيرين جو وقت به وقت ذهني سير- سفر ڪري ڪتاب جوڙيا ءَ بيان ڏنا. هنن جون دليون سنڌ

جي دلي ڀاونا، صادق جذبي سان ڀرپور صاف ڀاونا، دل جي سچائي ۽ سڪون بخشيندڙ الفاظ هڪ عمدو ادبي سفرنامو آهي جيڪو بعد ۾ ديوناگريءَ ۾ به شايع ڪيو ويو آهي. ڪتاب تي اڳيان سونهاري سنڌ جو نقشو ۽ پنيان رنگين سنڌ سفر جا يادگار فوٽا ڏنل آهن. سفرنامو جنهن ڪري دلڪش ۽ دل فريب بڻجي پيو آهي.

هن سفرنامي ''سنڌ ۾ رهي پئه'' ڪٽي نيرو آسراڻيءَ هڪ بهترين، عمدي، فنائتي ٽي.وي. ٽيلي فلم سان گڏ اِسٽيج ناٽڪ جوڙيو آهي، جيڪو سنڌ جي سونهن، حب، محبت، سڪون، سندرتا جي مهڪ پسائي ٿو. سنڌي ادب ۾ هيءُ پهريون دفعو آهي ته هڪ سفرنامي جو روپانتر ناٽڪ ۾ ڪيو ويو آهي.

هند ۾ چاول نئين اديب، اخبار نويس، نوجوان شري گيانچند لالواڻيءَ جو سنڌ جو ڪيل دؤرو، اکين سان ڏٺل سنڌ جا خوبصورت نظارا، شهرن، ماڳن، عمارتن، تواريخي جڳهين وغيره جا چٽ، ماڻيل آنند، جاڳيل احساس جو ڀرپور اِظهار ڪندڙ سفرنامو ''سنڌ جي سئر'' نوجوانن کي نه صرف گهر ويٺي سنڌ جو سئر ٿو ڪرائي پر هنن کي سنڌ جي ياترا ڪرائڻ، پنهنجي ورثي کي جوڙڻ، سڃاڻپ قائم ڪرڻ ۽ سنڌي هجڻ لاءِ فخر جو احساس ڪرائيندڙ ۽ سنڌ جي ساروڻيءَ کي قائم رکڻ ۾ مدد روپ ٿئي ٿو.

نوجوان اديب 89-1988 ۾ ڪيل سنڌ سئر جي آزمودي کي هن نموني جدا جدا بابن ۾ ورهايو آهي. اوستو، موئن جو دڙو، نوابشاه ۽ حيدراباد، جاڳو سنڌيو جاڳو، متان وڃ وچي پوي، جنگ جاري آ، سنڌ جو سئر 2004، هجئي ناٽو ته گهم لاڙڪاڻو، مشرف ڏنو برباريءَ جو حق، خطرناڪ آهي ديو، ڪيسري رنگ وغيره جدا جدا عنوان پنهنجو پاڻ ۾ درج، سمايل ڳالهين، واقعن، شهرن، سوچ، وهنوار، محسوسات جا درشن ڪرائين ٿا. هيءُ سچو سفرنامو باتصوير ''اکنڊ سنڌو سنسار'' ماهوار اخبار ۾ قسطن ۾ شايع ٿيل آهي. ديوناگريءَ ۾ هجڻ ڪري نوجوان پيڙهي تائين سنڌ کي پهچائڻ جي ڏس ۾ هڪ عملي ۽ لوڪپريه قدم ثابت ٿيو آهي.

سنڌ جي سيبه، سچن، صاف دل، مهمانواز، سادن، پورڙن، من جي صاف سترن، منڙن، نهنن، نماڻن، پراون کي پنهنجا ڪندڙن، جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ سونهاري سنڌ جي ماڻهن سان روبرو گهاريل پلن کي ڪٽي ڊاڪٽر

سنڌيت جي مهڪ ڏيندڙ ڏوهيڙا.

سداجيات ناڪر چاولا جي سفرنامي ”تون سنڌ ۾ رهي پئہ“ جو مهاڳ شري لڇمڻ ڪومل ”سانهن جو سفر“ بيحد فنائتي، اثرانداز نموني، شهاڻي ڀاشا ۾ لکيو آهي.

ناڪر چاولا جو هي سفرنامو ڪراچيءَ ڏانهن کان شروع ٿي منزل در منزل اڳتي وڌندي جدا جدا پڙاوَ ڪري پنيور ڏانهن، ناڪر نواس، سچل جو ڳوٺ، ڪينجهر ڍنڍ تي، سکر ڏانهن، درازن ۾ پهريون ڏينهن، هالاڻي دربار ڏانهن، منهنجو ڳوٺ راڻيپور، ساڌ ٻيلا، اُڏيرولعل ۽ وسڻ شاهہ جي دربار، سچل سرمست جي درگاهہ جو ميلو، مخدوم بلاول شاهہ ڏانهن، لعل شهباز قلندر، منڇر ڍنڍ، تون سنڌ ۾ رهي پئہ، نانڪ يوسف جي دربار، شيخ اياز جي سماڌي ۽ شاهہ جي ڀٽ، حيدرآباد جا ادارا، ڪراچيءَ ڏانهن واپس، واپس ممبئيءَ ڏانهن موٽ ڪائي ٿو.

سفرنامو شروعات کان وٺي پڙهندڙن کي نہ صرف پاڻ سان جوڙي رکي ٿو پر اڳتي-اڳتي پڙهڻ جي بہ جڳياسا قائم رکندي سنڌ جي سنتن، صوفين، دربارن، آستانن، ادبي شخصيتن، ساهتيڪ سيپتڪ ادارن، ميلن ملاکڙن، قدرتي سونهن سان پرپور ڍنڍن، روحاني سکون ڏيندڙ صوفي ڪوين جي درگاهن، نندن وڏن ڳوٺن، شهرن، اُتان جي رهواسين جا چٽا عڪس دماغي ڪئنواس تي تصويري اثر، منظر پيدا ڪندا رهن ٿا. پانڪ خود اُنهن جو مشاهدو ماڻيندو رهي ٿو جيڪو اديب پاڻ ماڻيو، هڪ جذبات، عقيدت سان پرپور هڪ سهڻو سفرنامو آهي. ٻولي بہ ڪافي اثردار ۽ روانيءَ سان پرپور آهي. سفرنامو ذري گهٽ اڌ سنڌ جو درشن ضرور ڪرائي ٿو. سفرنامي جا اثردار حصا آهن درازن، سچل سرمست جي درگاهہ جو ميلو، لعل شهباز قلندر ناڪر جو ڳوٺ راڻيپور، جنم آستان گهر ۽ اُن سان جڙيل ماءُ جون مٺا پريون ڳالهيون، نندپڻ جي ياد ۽ تون سنڌ ۾ رهي پئہ.

دل کي ڇهندڙ، نفيس، سچائيءَ سان پرپور احساس جي حقيقي تصوير آهن اللهرکيءَ جا الفاظ ”نندپڻ ۾ توسان گذاريم، جڏهن جواني ماڻڻي هئي، توکي ورهاڱي مون کان جدا ڪري ڇڏيو، مان تنهنجي اِنتظار ۾ زنده رهي آهيان، هاڻي ٻڍاپي ۾ تون سنڌ ۾ رهي پئہ مان تنهنجي شيوا ڪري زندگي گذارڻ ٿي چاهيان.“ هڪ محڪم، مضبوط، پاڪ، پوتر، برجستي، بلند ڪردار

مان بہ ڈاڪٽر چيني لالواڻيءَ سان گڏ سنڌ جي سفر تي آهيان. ورهاڱي کان اڳ جي سنڌ ۾ جنهن ڇب ۽ سڪ، پيار، سادگيءَ ۽ سنتوش سان پنهنجو وقت گذاريندا هئاسين، اُهو ساڳيو زمانو وري واپس اچي ويو آهي ۽ اسين ڏسي رهيا آهيون اُهي ساڳيا سنڌي پائر، اُهي ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ ماڻهي رهيا آهيون اُهو اڻوسرندڙ آدرياءُ سڪ ۽ ڪچهريون ۽ قرب. رات جي ماني بہ نہ کاڌم، ڪتاب پڙهندو رهيس سڄي رات پورو ڪري پوءِ پاڻ کي نندرا ديويءَ جي حوالي حاضر ڪيم. ڪتاب جو نالو بہ تمام يوڳيہ ۽ صحيح آهي. مان سمجهان ٿو نہ اسان جي پيڙهي جنهن سنڌ ڏني ماڻهي ڪونهي، تندرستيءَ جو سات ڳهت هڄڻ ڪري، سنڌ جي سڪ ڪنهن حد تائين گهر ويٺي ئي ضرور پوري ٿيندي ۽ اُتي وڃڻ کان سواءِ ئي سفر جو سواد ۽ لذت ماڻهي سگهنداسين هن ڪتاب ذريعي جڏهن گهر ويٺي ئي گنگا ملندي.

ڊاڪٽر چيني لالواڻيءَ کي خوب واڌايون، جنهن اهڙي سندر سفرنامي ۾ تواريخ ۽ سماجڪ مال سان ڀرپور خزاني کي سنڌي پائرن جي خدمت ۾ پيش ڪيو آهي. ڪتاب جي ٻولي سپڪ آهي ۽ گيٽ اپ بہ سنو ۽ سهڻو آهي.''

(ڊا. ڪي. پي. آسناڻي-مور نہ وسران سنڌ-چينو لالواڻي خاص ڪونج انڪ نومبر-ڊسمبر 2013، ص-44)

هن ڪتاب کي ڪٽي ديوناگريءَ ۾ شري دليپ ٽيڪچنداڻيءَ 2014 ۾ شايع ڪري جديد دؤر جي نئين ٽهيءَ کي سنڌ جو گهر ويٺي نہ صرف سئر، ياترا ڪرائي آهي پر باتصويرن سان اُتان جي لوڪپريہ، تواريخي هنڌ، شخصيتن سان مڪاميلو بہ ڪرايو آهي. بطور شري دليپ ٽيڪچنداڻي :

''مور نہ وسران سنڌ'' پڙهڻ کانپوءِ سموري سنڌ جو مون درشن ڪيو. اِئين محسوس ٿيو ڊا. لالواڻيءَ پنهنجي قلم سان پورو-پورو اِنصاف ڪيو آهي. سنڌ ماتا جي اهڙي سندرتا سان ڪيل بيان کي سموري دنيا جي سنڌين تائين پهچايان اِها لڳن من ۾ پيدا ٿي. منهنجي ڪم کي رفتار ملي ۽ سهڻو، بهترين، عمدو، باتصوير رنگين ''مور نہ وسران سفرنامو'' ديوناگريءَ جو روپ ورتو.''

(''مور نہ وسران سنڌ'' 2014-ديوناگري پنهنجي طرفان-ص-VIII)

هن ڪتاب جي شري شيام سچانندانيءَ ''هندواسي'' ۾ تبصرو ڪندي

چيني لالوائيءَ سنڌ جو سفرنامو ''مور نہ وسران سنڌ'' باتصوير شايع ڪيو آهي.

اديب سنڌ جي جدا جدا وقتن تي ڪيل ٽن سفرنامن ''سنڌ جي زيارت''، ''امن جا پکي اُڏاڻا سنڌ'' ۽ ''مور نہ وسران سنڌ'' ڪتاب ۾ درج ڪيا آهن. جيڪي اڳ ۾ ''سنڌين جو سنسار'' سمپادڪ ڊاڪٽر گهنشيام هوتوملاڻي، ''زندگي سماچار'' سمپاڪ شري شيام رامرکياڻي، ''سچائي'' هفتيوار نرمل گوپلاڻي مخزنن، اخبارن ۾ سلسليوار شايع ٿي عوام جي لوڪپريتا ۽ ميتا حاصل ڪري چڪا آهن. هن سفرنامي جا ڪجهہ انش سنڌي اڪادمي دهليءَ جي ''سنڌو جوت'' خاص سنڌ سفر انڪ ۽ ''سُرڀي'' هندي ٽہ ماهي مخزن سمپادڪ شري لڇمڻ ڀمياڻي ۽ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي ۾ شايع ٿيل آهن. هن سفرنامي بابت وڏيڪ ڪجهہ نہ چئي صرف بہ حوالا ڏجن ٿا جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ سفرنامي جي معيار، نواڻ ۽ ادبي تقاضا کي اِظهارين ٿا.

بہقوَل محقق شري هيرو ٺڪر : هن سفرنامي جون جيڪي مونکي خوبيون نظر آيون آهن : ''اڪثر گهڻن سنڌ جي سفرنامن ۾ سنڌ جي شهرن، هنڌن جي جاگرافيائي بيان، تفصيل درج ٿيل هوندا آهن پر هن سفرنامي ۾ فقط لالوائيءَ شهرن ۽ هنڌن جي جاگرافيائي مقاميت بيان تہ ڪئي آهي پر اونهو وڃي اُنهن جي اِتهاسڪتا ۽ اهميت تي بہ روشني وڌي آهي گڏوگڏ سنڌ ۾ اڄ ڪهڙيون سماجي، سياسي ثقافتي، مالي حالتون آهن، اُتان جي عوام جو ڪهڙو سوچ ۽ اِڇائون آهن اُنهن تي بہ اونهي نظر وجهي اُنهن جي تصويرڪشي ڪئي آهي.

بنهي ملڪن جي سنڌين وچ ۾ رشتي، پيار ۽ محبت کي پاڻ محسوس ڪري اُن کي اِظهاريو آهي. ننڍيون ننڍيون ڳالهيون جيڪي ئي سچ پچ وڏين ڳالهين کي اِظهار ڏيندڙيون آهن اُنهن کي ڌيان ۾ رکي اُن جي صحيح پس منظر ۾ پيش ڪيو آهي. اڪثر آدرياءُ، آجياڻن، سنڪارن ۾ ننڍيون ڳالهيون، واقعا نظر نہ ايندا آهن پر لالوائيءَ شارپ نظر سان، باريڪ ڳالهين کي بہ ڌيان ۾ رکي اُنهن کي بہ شدت سان پيش ڪيو آهي.'' (''مور نہ وسران سنڌ'' 2010 شري هيرو ٺڪر-مهاڳ-ص-5).

بہقوَل ڊاڪٽر ڪي. پي. آسناڻي :

''مور نہ وسران سنڌ'' ڪتاب پڙهندي شروع کان ئي اِئين ڀيو لڳي ٿو

سنڌ جو بهترين سفرنامو اقرارنامو ڪيو آهي.

سنڌ تي قلم بند ڪيل سفرناما صرف سئر-سفر نہ آهن پر سنڌ جي سياست، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي تواريخ بہ آهن اِن چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

۽ آخر ۾ ودوان، تعليمدان، مفڪر ڊاڪٽر ڪنعيالال تلريجا جي ڪتاب ''سون ورني سنڌ جي سار'' 2013 جو مان ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جو اُهو صرف سنڌ جي سار، يادگيريون، ساروڻيون نہ آهن پر هڪ ذهني سفرنامو آهي جيڪو هڪ سٺي، عمدي ادبي سفرنامي جي تقاضائن کي منهنجي سمجهہ مطابق پورو ڪري ٿو. سهڻي، سندر، سنڌيت جي مهڪ ۽ سنڌ جي سار سان ڀرپور ڊاڪٽر تلريجا جي ڪتاب ''سون ورني سنڌ جي سار'' سنڌيت ڪلش لاءِ خوب-خوب مبارڪون.

جئہ سنڌ جيئي سنڌ سدا جيئي سنڌ

ڊا. جيٺي لالوائيءَ جا شايع ٿيل مقالن جا ڪتاب









